# سنڌي ٻوليءَ جي
# جهان جي کوجنا

پروفيسر شمس الدين عرساڻي

روشني

# سنڌي ٻوليءَ جي جهان جي کوجنا

پروفيسر شمس الدين عرساڻي

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2001ع

Roshni Book No. 193

ڪتاب جو نالو: سنڌي ڀوليءَ جي جهان جي کوجنا
ليکڪ: پروفيسر شمس الدين عرساڻي

ڇاپو پهريون: © روشني 2001ع
ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي
روشني ڪمپوزرس، حيدرآباد.
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد.
ڇپائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ

SINDHI BHOOLI JE JAHAN JE KHOJNA
(Travelogue)
by: **Prof. Shamsuddin Ursani**
Composed by: Habib Qadir Qureshi.
Roshni Composers, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro

First Edition © Roshni 2001

اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر - حيدرآباد
سنڌ بڪ ڪلب - 35 رابعه اسڪوائر، ڳاڙهي کاتو، حيدرآباد
ڪاٺياواڙ اسٽور - اردو بازار، ڪراچي
رابيل ڪتاب گهر - لاڙڪاڻو
رهبر بڪ اڪيڊمي - رابعه سينٽر، لاڙڪاڻو
عزيز ڪتاب گهر - بئراج روڊ، سکر
ڪتاب مرڪز - فيريئر روڊ، سکر
يونائيٽيڊ بڪ لينڊ - مهراڻ مرڪز، سکر
نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس

## انتساب

هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي شهيد،
شهيد عبدالرزاق سومري
جي نالي ڪريان ٿو.

**پروفيسر شمس الدين عرساڻي**

## فهرست


1. باب پهريون

الفاظ ڪيئن ٺهن ٿا؟ 11

2. باب ٻيو

الفاظ ڪيئن ڪم ڪن ٿا؟ 15

3. باب ٽيون

ٺڙ الفاظ 22

4. باب چوٿون

خصوصي الفاظ 42

5. باب پنجون

سالم لفظ 59

6. باب ڇهون

جڙاوتي ٻولي يا تشڪيلي ٻولي 64

7. باب ستون

اصطلاحي ٻولي 78

8. باب اٺون

ٻهاڪاتي ٻولي 136

9. باب نائون

شعر و شاعري 170

10 باب ڏهون

مضمون نگاري 183

11 باب يارهون

سنڌي ڳالهائڻ جا مختلف نمونا ۽ لفظن جا جدا جدا اُچار 218

12. باب ٻارهون

سنڌي معياري (ڪَري) ٻولي ڳالهائڻ ۽ لکڻ جا ڪي اصول 247

13 باب تيرهون

هڪ وسيع ۽ ڦهلجندڙ سنڌي زبان ۾ پيش ايندڙ رنڊڪون ۽ نئين دور جون تقاضائون 266

قلمي پورهيو ڪيو آهي، پر هُو سنڌي ٻوليءَ کي مستقل ۽ پائدار مقام ڏيارڻ ۽ حقن جي حاصلات لاءِ جاکوڙيندو رهيو آهي. ادب جي واڌاري ۽ ترقي پسند تنظيمن سان لهه وچڙ ۾ رهندو آيو آهي. هو وقت به وقت ٻوليءَ جي سڌارن ۽ نصابي سقمن بابت پنهنجي خيالن ۽ تجويزن جو مقالن ۾ اظهار ڪندو رهيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي حقن بحال ڪرائڻ واسطي واسطيدار سرڪاري ادارن ۽ ادبي تنظيمن جي عهديدارن ۽ سياسي پارٽين جي سربراهن جو توجه ڇڪائيندو رهيو آهي. تازو ئي ڊاڪٽر عرساڻي انٽرميڊيئيٽ ليول تي غير سنڌي شاگردن واسطي "سليس سنڌي" سبجيڪٽ جي نفاذ واري سرڪاري رٿ کي عملي شڪل ڏيارڻ لاءِ ڪافي ڪوششون ورتيون پر تعليمي امتحاني ادارن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي عدم دلچسپي ۽ سنڌي استاد ۽ عالمن جي بي حسيءَ باعث ان تي اڄ سوڌو عمل نه ٿي سگهيو آهي. ڊاڪٽر شمس عرساڻيءَ جو چوڻ آهي ته جيستائين تعليمي نظام ۾ سنڌي ٻوليءَ کي مستحڪم نه بنايو ويندو ۽ اُها هڪ سائنسي ٻولي طور نه اڀرندي تيستائين ان جو مستقبل محفوظ ٿي نه سگهندو. ان سلسلي ۾ هو "سنڌي سائنس ڪاليج" جو قيام عمل ۾ آڻڻ به ضروري سمجهي ٿو.

اڄ کان اٽڪل ٽيهه سال اڳ آڪٽوبر (1964ع) ۾ سنڌي ادبي سنگت طرفان خالق ڏني هال ڪراچيءَ ۾ منعقد ٿيل سنڌي ادبي ڪانفرنس جي صدارتي خطاب ۾ ڊاڪٽر عرساڻي سنڌي سائنس ڪاليج ۽ سنڌي يونيورسٽي قائم ڪرڻ واسطي عملي اُپاءَ وٺڻ لاءِ مشورو ڏنو هو ۽ هاڻي تازو سال 1999ع ۾ به سنڌ ايجوڪيشنل ٽرسٽ ۾ ٿيل ادبي سنگت جي جلسي ۾ ڊاڪٽر عرساڻي حاضرين کان سنڌي ٻوليءَ کي ايڪويهين صديءَ جي ڪامياب ٻوليءَ بنائڻ لاءِ اهڙو ٺهراءُ پاس ڪرايو ۽ سنڌي سائنس ڪاليج قائم ڪرائڻ واسطي عملي ڪوشش وٺڻ لاءِ درخواست ڪئي.

## مصنف جا ڇپيل ڪتاب

1. سنڌي ادب ۾ تنقيد (1964ع)
2. آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي جي اوسر (1981ع)
3. سنڌي ٻوليءَ جي سکيا (بي. ايڊ جي شاگردن لاءِ)
4. سنڌي ورجيسي ٻولي (1999ع)
5. لاکو ڦلاڻي (ٻارن جو ناول)
6. نئون ڇنيھ لکڻو (ٻارن جو ناول)
7. اخلاق ۽ ڪردار (ٻارن جون تاريخي ڪهاڻيون)

# پيش لفظ

زبان هڪ سماجي عمل آهي ۽ اها صرف انساني عمل جي نتيجي ۾ وجود وٺي ٿي. انسان جيئن ته ان کي پنهنجي انفرادي ۽ سماجي ضرورت تحت استعمال ۾ آڻي ٿو، تنهنڪري اها 'بيٺل' يا جميل حالت ۾ ڪانه ٿي رهي سگهي. بدلجندڙ حالتن انوسار نين گهرجن، ذهني ۽ سواهپي (ثقافتي) اوسر سان گڏوگڏ ٻوليءَ ۾ تبديليون اچڻ اٽل بنجي پون ٿيون. مادي تبديلين باعث متحرڪ سماج اندر هاڪاري اثر پيدا ٿيڻ لازمي امر آهي، جن جي موٽ ۾ ٻوليءَ ۾ به نوان واڌارا ظاهر ٿيڻ لڳن ٿا. شروع ۾ اڪثر فردن کي نوان لفظ ۽ نيون ترڪيبون غير مانوس به لڳنديون آهن ۽ نئين آيل تبديليءَ کي ٻوليءَ جو بگاڙو ڪري سمجهڻ لڳندا آهن، مگر ياد رکڻ گهرجي ته هڪ ترقي پذير ٻولي هميشه اهي ئي واڌارا مستقل طور قبول ڪندي آهي، جيڪي ان کي صحيح رُخ ۾ ٻيهارڻ ۾ مدد ڪندا آهن ۽ ان جي سگهه، وسعت ۽ سنهنجائيءَ جو سبب بڻجندا آهن. ان ريت ٻوليءَ جي لساني سرمايي ۾ وقت سارو اضافو ٿيندو رهي ٿو ۽ اها اوسر جون منزلون طئه ڪندي اڳتي وڌندي هلي ٿي.

ٻوليءَ جي تاريخ هميشه ڪان مَٽَ يا ڦيرگهير مان جڙندي آهي. اها مٽَ يا بدل صرفي نحوي يا معنوياتي ۽ نسبتاً گهٽ مگر ٻوليءَ جي وايوڪي صورت تي به اثر انداز ٿيندي آهي. دنيا جون سڀئي زبانون پيچيدگيءَ کان نڪري آسانيءَ واري صورت اختيار ڪري رهيون آهن. سنڌي ٻولي به ترقيءَ جون منزلون پار ڪندي هن وقت تجزياتيءَ يا اشتقاقي واٽ تي روان دوان آهي، جنهن ڪري هر قسم جي خيال يا اظهار جي قابل بڻبي وڃي. جتي اها وياڪرڻ ۾ خود به خود آسانيءَ واري صورت اختيار ڪري رهي آهي اتي ان ۾ اصطلاح سازيءَ جا ڪيترا نوان سانچا گهڙجي ظاهر ٿيندا رهن ٿا.

گذريل اڌ صديءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترا واڌارا ۽ تبديليون آيون آهن، جو هڪ فطري عمل آهي. بعضي انهن مان دور رس ثابت ٿيون آهن،

جيڪي سائنسي علمن جي مفاهيم کي بيان ڪرڻ ۾ مددگار ۽ معاون بڻيل آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ اُيل نون واڌارن جي مڪينيزم جو جائزو وٺڻ تمام ضروري آهي، جنهن جي باعث اُها هر شعبي ۾ اظهار جي قابل بڻجي رهي ٿي. البت ناپخته ڪار لکندڙن جي ناسمجهيءَ يا وري اجوڳي اثر باعث ٻوليءَ ۾ آيل بعض واڌارا بگاڙ جو سبب بڻيا آهن، جن جي خلاف مدافعت جي ضرورت هر وقت محسوس ٿيندي رهي ٿي. اسان ان جي اصلاح، تعليم، ٻوليءَ جي امدادي ڪتابن، تربيت ۽ ماڊل ڪلاسن ذريعي ممڪن بڻائي سگهون ٿا.

هتي اهو چوڻ به بي محل نه ٿيندو ته سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي فرائض ڪار ۾ صحيح، درست ۽ معيار تي مبني سنڌي ٻوليءَ کي معروف بڻائڻ اولين طور شامل هئڻ گهرجي ها، اهڙيءَ طرح جو هڪ همڳير ۽ مقبول سنڌيءَ جو ڦهلاءُ يقيني طور بڻجي سگهي! ليڪن اداري طرفان ان سلسلي ۾ اڃا تائين ڪنهن به پيش رفت جو آغاز ٿي نه سگهيو آهي. البت اڻاٽيءَ وقفي وقفي سان ٻوليءَ جي اصلاح جي باري ۾ ٻه ٽي مذاڪرا ۽ سيمينار ضرور منعقد ڪرايا هئا، پر اُهي جيئن ته سوچيل سمجهيل مقاصد جي حاصل ڪاريءَ لاءِ ڪرايل نه هئا، ان ڪري دور رس بڻجڻ بجاءِ محض اٿامار ثابت ٿيا. انهن ۾ ڪوبه ڪارگر مقالو يا تقرير پيش ٿي نه سگهي. اهڙو هڪ مذاڪرو ”اخبارن، ريڊيو ۽ ٽي.ويءَ تي سنڌي ٻوليءَ جي استعمال“ جي عنوان سان به ڪرايو ويو هو، جنهن جي باري ۾ ڪجهه لکندڙن موضوع جي اڻ چٽائيءَ بابت جائز اعتراض واريا هئا. ان مذاڪري ۾ ٻوليءَ جي بگاڙيءَ جو غوغاءُ ڪيو ويو هو! صدر مجلس پنهنجي تقرير ۾ صحافت جي ميڊيا لاءِ شاهه لطيف جي ٻوليءَ کي اختيار ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو، جا ڳالهه به محض هوائي چئي سگهجي ٿي، شاهه لطيف جو شاعرانه رويو بلاشڪ افادي آهي، جديد دور جو لکڻهار ان جي سماجي تهذيبي ۽ انساني جذبي مان رهنمائي وٺي سگهي ٿو، مگر آڳاٽي ٻولي موجوده دور جي پيچيده مسائل کي بخوبي ظاهرڪرڻ لاءِ ناڪافي آهي. صحافت ۾ قطعي اصطلاحن ۽ استدلالي ٻوليءَ جي ضرورت پوندي آهي، جيڪا هاڻوڪن سماجي ادارن ۽ تعلقات جي باريڪين کي آسانيءَ سان آشڪار ڪري سگهي. ان ساڳي مذاڪري ۾ مهمان خصوصي فرمايو ته جيستائين سنڌي مائرون جيئريون رهنديون تيستائين سنڌي ٻوليءَ کي ڪوبه خطرو ناهي. صاحب موصوف جي اها دلي تمنا دعا ۾ شمار ڪري سگهجي ٿي نه دوا ۾. مذاڪري ۾ ٿيندڙ

بحث جو سمورو تاثر جذباتي هو، جنهن ڪي محض پاڻ پرچائڻ يا دل جوئي جي ڪيفيت وارو انداز چوڻ ئي صحيح ٿيندو. محض ڳالهائڻ جي حد تائين ته هزارين قبيلن جون ٻوليون دنيا جي مختلف خطن ۾ اڄا سوڌو غير اهم حيثيت سان موجود رهنديون اچن، جيڪي به بلاشڪ جيئريون آهن، پر هتي سوال سنڌي ٻوليءَ کي جديد سڄهاءَ رس Communication جي طاقتور ٻوليءَ جي حيثيت ۾ زنده رکڻ ۽ ان جي اڏو آيل رنڊڪن کي دور ڪرڻ جو هو!

هن وقت سنڌي ٻوليءَ ۾ 20 کان به مٿي روزانه ۽ مدتوان (Periodical) پرچا ڇپجي رهيا آهن، ٻين مخزنن جو ڳاڻيٽو انهن کان علاوه آهي. سنڌيءَ ۾ نت نون موضوعن تي ڪتاب ڇپجڻ جي راهه به هموار ٿي چڪي آهي، جنهن مان ان ڳالهه جي ثابتي ملي ٿي ته سنڌي ٻولي هڪ اسرندڙ ۽ وسعت بيان تي قدرت رکندڙ سگهاري ٻولي آهي. ڪمي رڳو ان ڳالهه جي آهي ته هڪ گهڻ اشاعت ٻولي هئڻ جي باوجود تعليمي تدريسي يا علمي ادبي يا ٻين لساني مقاصد حاصل ڪرڻ جي راهه ۾ سنڌي زبان کي سمجهڻ سمجهائڻ جا وسيلاتي ڪتاب ميسر نه آهن، جنهن ڪري ٻوليءَ جي سنوت جي سلسلي ۾ ڪجهه پيچيدگيون پيدا ٿي چڪيون آهن. دراصل هڪ ماهر لسانيات جو اصل ڪم ئي ٻوليءَ جي ترقي ۽ ان ۾ آيل واڌارن ۽ تعميري جوڙجڪ تي قلم کڻڻ هوندو آهي، جيئن سکندڙ نين ترڪيبن، اظهاري طريقن ۽ روين کي آسانيءَ سان سمجهي، ٻوليءَ تي عبور حاصل ڪري ۽ پنهنجي مقصد جي راهه ۾ ان کي آسانيءَ سان استعمال ڪرڻ جي قابل بڻجي سگهي. اهوئي سبب آهي جو خود انگريزي زبان، جيڪا دنيا اندر هڪ وڏو حلقه اثر رکي ٿي، ان ۾ 'ٻولي سکيا' جا ڪتاب گهڻي ۾ گهڻا مختلف اندازن ۽ طريقن سان ڇپجندا رهن ٿا. اصل ۾ اهي انگريزي ٻوليءَ جا ماهر ئي آهن، جن ٻوليءَ کي وکرڻ کان بچائي رکيو آهي ۽ ان جي چاٽل سچاٽل جهت کي قائم رکڻ واسطي پنهنجين صلاحيتن کي ڪتب آڻيندي هر قسم جا لساني ڪتاب لکندا رهن ٿا، جن ۾ لغت، سٽاڻ، وياڪرڻ ۽ لفظيات وغيره جا جديد تدريسي طريقا اختيار ڪرڻ جا تجربا شامل هوندا آهن.

بهرحال سنڌي ٻوليءَ جي دنيا جي ڪوجنا' جو ڪتاب سنڌي سٽاڻ (Composition) متعلق آهي، جيڪو درست ۽ معياري ٻولي لکڻ ۽ ڳالهائڻ

جي باري ۾ تحرير ڪيل آهي. اهو اصل ۾ تعليمي ۽ علمي ادبي مقاصد حاصل ڪرڻ جي غرض سان لکيو ويو آهي. ان ڪي ٻوليءَ جي امدادي ڪتابن جي سلسلي جي هڪ ڪڙي سمجهڻ گهرجي. اميد ته ٻوليءَ جي چاهڪن ۽ سنڌيءَ سان وابسته لکندڙن ۽ شاگردن لاءِ هي ڪتاب ضرور ڪمائتو ثابت ٿيندو. ليکڪ ٻوليءَ جي مختلف شاخن ۾ ان قسم جا مزيد ڪتاب لکڻ جو به پختو ارادو رکي ٿو.

نيازمند

**ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي**

6- آگسٽ 2000ع

عرساڻي گهر
10-11، اختر ڪاٽيجز
پٺاڻي تاڻون ٻَل، باءِ پاس روڊ
قاسم آباد، حيدرآباد (سنڌ)

باب پهريون

# الفاظ ڪيئن ٺهن ٿا؟

## ٻولَ جوڙڪيات

هر ڪنهن ٻوليءَ جو بنياد ايڪو بامعنيٰ لفظ (ٻول) هوندو آهي، جنهن ۾ وڌيڪ لفظي جز يا پورا لفظَ ملائي وسيع تر معنيٰ وارا مفهوم پيدا ڪيا ويندا آهن. مثال طور:

'ٻول' سادو مفرد لفظ آهي. 'ٻول' ۾ (اِي) ملائڻ سان بين الاقوامي مفهوم وارو 'ٻولي' لفظ ٺهيو. وري ٻول ۾ (ڪَ) پڇاڙي ملائڻ سان هڪ نئون مرتب لفظ 'ٻولڪ' ٺهيو آهي. 'ٻولپ' لفظ به ڳالهايو ويندو آهي. جنهن ۾ ٻول سان (پَ) پڇاڙي ڳنڍيل آهي، ٻول ۾ (ڻ) ملائڻ سان ٻولڻ فعل ٺهي ٿو. 'ٻول' ۾ (ايندڙ) ڳنڍڻ سان ٻوليندڙ جو مخصوص لفظ ۽ جڏهن وري 'ٻول' ۾ 'ڙو' ڳنڍيوسون ته بلڪل نئين معنيٰ وارو 'ٻولڙيو' لفظ ٺهي ويو. اگر سالم لفظ 'ٻول' ۾ (چوُ) جي اڳياڙي وجهنداسون ته 'چوٻول' جو نئون لفظ وجود وٺي بيهندو. توهان ڏٺو ته هڪڙي ئي 'ٻول' لفظ مان نوان لفظ ٻولي، ٻولڪَ، ٻولپَ، ٻولڻ، ٻوليندڙ، ٻولڙيو ۽ چوٻول ٺاهيا ويا آهن، جن سڀني جي الڳ الڳ معنيٰ آهي. ان مان اهو به معلوم ڪيوسون ته اِي، ڪُ، پَ، ڻُ، ايندڙ، ڙِيو سڀ پڇاڙيءَ وارا ڪَڙِي لفظ آهن، اهڙيءَ طرح (چوَ) وري اڳياڙيءَ وارو ڪڙي لفظ آهي. انهن لفظن جي پنهنجي سَر ڪابه معنيٰ ڪانهي، تڏهن به اهي لفظن جون لازمي ڪڙيون آهن، جن ڪان سواءِ نئون ٻول يا لفظ ٺهڻ ناممڪن بنجي پوي ٿو.

هاڻي ٻيو مثال وٺون ٿا. 'گهُمُ' بنيادي لفظ يا ٻول آهي. جنهن ۾ (تارِي) (او) ۽ (رو) پڇاڙڪَ ڪَڙيون ڳنڍي گهمتاري، گهُمو (گهومُو) ۽ (رو) پڇاڙڪ ڪڙيون ڳنڍي گهمتاري، گهمَو (گهومو) ۽ گهمَرو جا نين معنائن وارا لفظ ٺاهيا اٿئون. اِهي پڇاڙي يا اڳياڙيءَ وارا ڪڙي لفظ جوڙڪ لفظ ٿين

| سادو يا سالم لفظ ٻول | مرتب لفظ يا منجهه ٻول | مرڪب لفظ يا جوڙڪ ٻول | اصطلاحي گفتو |
|---|---|---|---|
| | | اهڙا لفظ مرڪب يا جوڙڪ ٻول هئڻ سان گڏ جملائي ٻول يا گفتا (Phrases) به شمار ٿين ٿا. | |
| 2. ڀَل | ڀلي ڀلي - ڀلارو - ڀل ڀل - ڀليڪار - ڀل مانس - ڀلاوڻو - ڀلوڙ | چڱو ڀلو، ڀليءَ ڀت، ڀلان ڀلي، ڀلو ماڻهو، ڀلي رات، ڀلو گهوڙو، ڀلو ڏينهن، ڀلارو مهينو، ڀلوڙ ڏڪو، ڀلوڙي ميان، ڀلي ڀني، ڀَلَ ڪونڌر | |
| 3. هٿ | هٿڻ - هٿيڪو - هٿاري - هٿڙي - هٿايو - هَٿي - هٿوڙي - هٿيڪائي - هَٿڙي - هٿيالو - هٿرادو - هٿڙو - هٿنات - هٿڙو - هٿوپائي - هٿوراڙي | هٿيار، هٿ اڏار، هٿ اڪر، هٿ گاڏي **محاوراتي گفتا** Idiomatic phrases هٿ ميٽ، هٿ ڦاڙ، هٿ ٻڌندي، هٿ پهچ، هٿ جَس، هٿ چراند، هٿ چوهو، هٿ جو سچو، هٿ جو ميرو، هٿ جي پٽ، هٿ جي پڙي، هٿ هٿ ۾، هٿو هٿ | |

| سادو يا سالم لفظ ٻول | مرتب لفظ يا منجهه ٻول | مرڪب لفظ يا جوڙڪ ٻول | اصطلاحي گفتو |
|---|---|---|---|
| 4. چَڪُ (ڪنيرجو) | چڪرَ - چڪرو - چڪري - چاڪر - چڪر چاڙي - چڪرالو - چيڳلي - چيڪلو - چڪردار | (وڏو) چڪر باز، چڪرورتي (بادشاهہ)، ٻاروهي چڪر | ساليانو موسمياتي چڪر |
| 5. ٻار | ٻارڙو - ٻارپڻو - ٻاروتڻ - ٻاريتو - ٻاراڻي - ٻاراڻيون - ٻارهڻي - ٻاروتيا | ٻاروتيا دوست، ٻاراڻي هلت، ٻاراڻيون ٻوليون، ٻاراڻا ٻول، ٻاتڙي ٻولي، ٻاراڻو ڪتاب<br>**محاوراتي گفتو**<br>ٻار نہ ٻاڙهہ، ٻار مڇ جو وار، ٻاراڻي ٻوتي | |
| 6. ڪير | ڪيريون (ڪير جهڙيون = واڌايون) - ڪيرالي - ڪيرڻي - ڪيرڙو - ڪيراڻون ڪيرپڻو | ڪپرو رنگ، (ڳائو) ڪير، (ماهيو) ڪير، ڪير-پياڪ، ڪير ڏاٿڪ، ڪيريتو ڏند، ڪيري ڳئون، ڪيريتو پاءُ<br>**محاوراتي گفتا**<br>ڪير ڪنو، ڪير پت | |

باب پھريون

# الفاظ ڪيئن ڪم ڪن ٿا؟

## اهڃاڻ ۽ امر

الفاظ مختلف انساني ازمودن جا اهڃاڻ آهن. اسين جيڪي ڪجھ ڏسون، ٻڌون، محسوس ڪريون، چکون ۽ پيا عمل ڪريون ٿا ۽ اسان جو سڀئي هلتون ۽ سوچون ڪن انساني آزمودن تي ٻڌل آهن. ليڪن "لفظ" بذات خود آزمودو نہ آهن. اسان نہ تہ لفظ "پاڻي" کي پي سگھون ٿا ۽ نہ وري "ڪار" لفظ ۾ سواري ڪري سگھون ٿا ۽ نکو پنهنجي جسمن کي "ننڊ" جي لفظ سان آرامي ڪري سگھون ٿا. البت ساڳين آزمودن لاءِ انهن لفظن کي ڪتب ضرور آڻيون ٿا. تنهن ڪري اسين چونداسين تہ لفظ آزمودي جو فقط اهڃاڻ آهن، ازانسواءِ پاڻي، ڪار ۽ ننڊ اهڙيون شيون يا حالتون جن بابت، هي الفاظ حوالي طور ڪم آيا آهن، تن کي امر چئجي ٿو.

هڪ لفظ ۽ امر جي وچ ۾ تعلق صرف ذهني طور قائم آهي. لفظ جي ذريعي سان ئي اسين ڪنهن امر يا لاڳاپيل امرن بابت سوچي سگھون ٿا. مثلاً جيئن "ڪتاب" جو لفظ چوڻ سان ئي هڪدم توهان جي ذهن ۾ اهڙي شَي ايندي، جنهن کي توهان هينئر پڙهون پيا. اهڙيءَ طرح هي اطلاع "وزيراعظم اڄ رات جو ريڊيو تان تقرير ڪندو" ٻڌڻ سان متعدد ڳنڍيل اهڃاڻ، اسان جي ذهن کي هڪدم انهن جي نسبتي امرن ڏانهن ڇڪي ويندا ۽ اها ڳالھ سمجھنداسون تہ ملڪ جي هڪ اهم شخصيت، ڪنهن هڪ ذريعي تان، مقرر وقت تي هڪ خاص عمل ڪندي. اهڙيءَ طرح جيڪا تقريب يا واقعو اڃا مستقبل ۾ ٿيڻو هوندو آهي، تنهن کي بہ اڳواٽ ذهن ۾ ويهاري ڇڏيندا آهيون. ماضيءَ ۾ ٿيل وارداتن وارا بيان بہ اهڙيءَ ريت سمجھي سگھندا آهيون. مثلاً جڏهن اسين تاريخ ۾ پڙهندا آهيون تہ پاڻيپت جي پهرين جنگ بابر ۽ ابراهيم لوڌيءَ جي وچ ۾ 1526ع ۾ لڳي، تڏهن 500 ورهيہ اڳاتو ۽ دور دراز مقام تي ٿيل پرآشوب واقعو بہ سمجھي سگھندا آهيون.

4. امجد ۽ حفيظ ڊوڙڻ جي شرط رکي.
5. پار گهٽيءَ ۾ ڊوڙو ڊوڙو ڪن پيا.
6. ڊوڙ ڊڪ يا ڀڄ ڀڄائي راند پارن ۾ گهڻي مقبول آهي.
7. زاهد علي ڪالهه ڪرڪيٽ مئچ ۾ 99 ڊوڙون ڪري آئوٽ ٿي ويو.

وري هڪ ٻئي لفظ "وقت" جو ٿا مثال وٺون. بظاهر ته "وَقت" جي معنيٰ سڀني کي ذهن نشين آهي. ليڪن ساڳي لفظ کي جدا جدا موقعن تي مختلف بيانن ۾ ورجايو ويندو آهي.

1. هينئر وقت گهڻو ٿيو آهي؟
2. وقتائتو قدم ملڪ ۾ بدامني روڪيندو.
3. وقت وقت جي ڳالهه آهي.

هاڻي پهرين بيان ۾ روزانه معمول مطابق وقت پڇيو ويو آهي. ليڪن ٻئي بيان ۾ موقعي جي نزاڪت پرکي هڪدم ڪارروائي ڪرڻ متعلق چيو ويو آهي. ليڪن ٽئين بيان ۾ وري زماني گذرڻ ۽ حالت بدلجڻ بابت اشارو ملي ٿو.

انهن مثالن مان ظاهر ٿيو ته اسين هڪڙي لفظ مان ڪئين جدا جدا مطلب حاصل ڪريون ٿا.

## استعمال جو اصول

مٿين بحث مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته،

1. لفظ جي معنيٰ فقط اهائي آهي، جيڪا استعمال ڪندڙ جي ذهن ۾ قائم آهي.
2. هرڪو "لفظ" محض ڪنهن موقعي مهل يا بيان لاءِ ڪتب اچي ٿو.
3. رڳو تحرير جي متن يا بيان جي سياق سباق مان ئي خبر پوي ٿي ته لفظ جو تعين ڪيئن ڪيو ويو آهي؟ ۽ اهو ڪهڙي معنيٰ رکي ٿو؟ انهن ٽن حالتن جي پيش نظر هڪ "استعمالي اصول" ٺاهيو ويو آهي، جنهن جي روشنيءَ ۾ ئي لفظن جي تشريح ڪئي وڃي ٿي. انهيءَ اصول مطابق جنهن طريقي سان ماڻهو بيان خواهه تحرير ۾ لفظ ڪتب آڻين ٿا، تنهن مان ئي ان جي معنيٰ مقرر ٿي سگهي ٿي.

مٿيون استعمال جو اصول ٻه بديهي صورتون رکي ٿو

1. لفظ جي ڪابه ذاتي معنيٰ نه هوندي آهي، سواءِ اها جيڪا لکندڙ ۽ ڳالهائيندڙ ان کي ڏين ٿا.

2. لفظن جي چالو معنيٰ بدلجي سگهي ٿي، بشرطيڪ ان جا استعمال ڪندڙ اها تبديلي قبول ڪن. انهن بديهي صورتن جي نتيجي ۾ اسان جي ٻوليءَ جو "لفظي سرمايو" لڳاتار بدلجي رهيو آهي.

پراڻا لفظ يا ته مري وڃن ٿا يا ته انهن کي نيون معنائون ڏنيون وڃن ٿيون يا وري مورڳو ڪي نوان لفظ استعمال ڪيا وڃن ٿا، ڪيترن لفظن جي هن وقت معنيٰ مختلف آهي، جيڪا انهن کي اڳي ڏنل هئي. مثال طور پراڻي ٻوليءَ ۾ "پاڻ وهيڻو" معنيٰ هئي "پاڻ تي تڪيو ڪندڙ" يا "پاڻ تي ڀاڙيندڙ" ليڪن ساڳي لفظ کي هينئر مشين توڙي خود ڪار ڪاڪردگيءَ وارن سمورن ڪمن لاءِ استعمال ۾ آڻين ٿا. "اوسَر" جيڪو "اسرڻ" مصدر مان ٺاهيل آهي تنهن کي هينئر "ارتقا" جي وسيع مفهوم ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو، جيڪا اڳي ان جي معنيٰ نه هئي. اهڙيءَ طرح آڳاٽي ٻوليءَ ۾ پرمار فقط ماريءَ کي چوندا هئا يا ته وري باز، شڪرو ۽ اهڙي قسم جي ٻين پکين لاءِ اهو نالو مخصوص هوندو هو. ليڪن هينئر سماجي علمن جي تقاضا مطابق ان مان ڪيترا نوان علمي الفاظ ٺاهيا ويا آهن، جهڙوڪ: پرماريت پرماري قوتون، پرماري نظام، پرمار شاهي وغيره. اڳي بادشاهه طرفان پرڳڻي مٿان اختياري هلائيندڙ کي "صوبيدار" چيو ويندو هو. ليڪن هينئر ساڳيو لفظ فقط پوليس ٿاڻي جي سب انسپيڪٽر لاءِ ڪتب اچي ٿو. ڪيترا پراڻا لفظ هن وقت ٻوليءَ مان مري کپي ويا آهن ۽ ساڳين معنائن لاءِ نوان لفظ ڪم اچن ٿا. مثلاً ترم يا ڪاٺ کي هن وقت جيل چئبو آهي. "ٻاندي" لفظ لاءِ هاڻي "قيدي" استعمال ۾ اچي ٿو. پراڻو لفظ "ويروتار" به هينئر مري چڪو آهي ۽ ان جي بدران "سدائين يا هميشه" جا لفظ ڪم اچن ٿا. "وهلو ورڻ" جي جاءِ تي هينئر جلد موٽڻ" قائم آهي. "واهر" ۽ "وهسڻ" جي بدران هن وقت "مدد" ۽ "ڪلڻ" جا لفظ مشهور آهن، "وياءُ" کي وري هن وقت "اولاد" چئجي ٿو. اهڙيءَ طرح نين ڪوجنائن ۽ نين حالتن کي کولي بيان ڪرڻ لاءِ ٻوليءَ ۾ مسلسل نون لفظن جو واڌارو ٿي رهيو آهي. جهڙوڪ: ٽيليويزن، راڪيٽ، جيٽ، عدديت، خلاباز، ڪمپيوٽر، راڊر، چنڊ گاڏي، الرجڪ، روٽن، پٽٽرن، اپنايل، ڪهاڻي ڪار، سنڌيڪار، قلم ڪار، هوا باز، عڪسجڻ ۽ اپروچ وغيره وغيره.

ڳالهائيندڙ توڙي لکندڙ هڪڙي ئي لفظ کي پنهنجي متعدد ۽ الڳ بيانن ۾ استعمال ڪن ٿا، انهيءَ نڪتي جي تشريح ڪرڻ خاطر ڪجهه

وڌيڪ مثال پيش ڪجن ٿا، هيٺ ڪجهه سنڌي لفظ پنهنجي مختلف معنائن سميت ڏنا ويا آهن. جن مان بخوبي اهو معلوم ٿيندو ته ڪنهن به "لفظ" جي صحيح مفهوم جو اندازو صرف بيان جي ادائگيءَ مان ئي لڳائي سگهجي ٿو.

## 1. مڙس

1. دودو بيشڪ مڙس آهي. (بهادر)
2. اختر اڳ ۾ ڇوڪر هو پر هاڻي مڙس ٿيو آهي. (بالغ)
3. دائود زينت جو مڙس آهي. (شوهر)
4. هي ڪير مڙس آهي. (ماڻهو)
5. مڙس جو شان آهي ته هو پنهنجي واعدي تي قائم رهي. (مرد)

## 2. سار

1. ڪڏهن مائٽن جي سار لڌي اٿئي. (خبرچار)
2. هي روپيه وري سار ته سهي، متان ٻليو هجين. (ڳڻ)
3. سامان جي سارسنڀال ڪئي اٿئي يا نه. (حفاظت)
4. توکي پنهنجي وطن جي ڇو نه ٿي سار پوي. (يادگيري)
5. شاگردن کي هن ڪتاب جو سار ڪري ڏي. (تت)
6. هن شخص جا گهڻا سارَ اٿئي. (روپ)

## 3. ور

1. دير نه ڪر پر جلدي ور. (موٽ)
2. راند ڪندي بدن ۾ ور پئجي ويو آهي. (ڳيڙي يا نس چڙهڻ)
3. هن عورت جو ور ڪارخاني ۾ ملازم آهي. (خاوند)
4. هن رستي ۾ ور گهڻو آهي. (وڪڙ)
5. عمر طبيعت ۾ سٺون سڌو آهي، پر رڳو تو ۾ ور آهي. (ڏنگائي)
6. پنکي جو ور سٺو ڏنو اٿس. (وراڪو)

## 4. پارو

1. پارو ڀڳو ته پوءِ نٿ ڪيئن سونهندي؟ (موتي)

2. تو پارو اولاد شل ڪنهن کي نه ڇمي. (جهرڙو)
3. ٿرماميٽر جو پارو 101 ڊگرين تي آهي. (سيماب)
4. ڪيرڀڙن جو پارو ڪٿي وٺ. (تس)
5. اڄ سيءُ ڏاڍو آهي، ڇڻ ته پارو پيو وسي. (برف باري)

### 6. سَڪَ

1. پوليس وڃي چورَ کي سَڪَ ڪيو. (قابو)
2. تلاءَ ۾ پاڻيءَ جي صفا سَڪَ لڳي پئي آهي. (اٿاٺ)
3. ڏنڌي ۾ اصل سَڪَ لڳي پئي آهي. (ڪڙڪائي)
4. سَڪَ تي پيا هلون. (لنگهڻ پيا ڪاٽيون يا سڃائيءَ تي گذارو آهي.)
5. اڻ هوند آهي اڃا سَڪَ ڪانه ٿي آهيم. (پيسو گهٽ آهي پر اڃا هلائڻ جيترو آهي.)

### 7. سَرَ

1. جوانيءَ ۾ منهن ۾ سرَ پئجي ويا اٿس. (لڪيرون - سيرون)
2. فضل جي ڪپڙن ۾ سَر پئجي ويا آهن. (گهنج)
3. زمين تي سَر ايري آيا آهن. (سنهون گاهه)
4. اڳين زماني ۾ تلوارن ۽ ڀالن سان گڏ لڙائيءَ ۾ سَر به استعمال ۾ ايندا هئا. (تير)
5. ڏنڍ تان سَرَ اڏري ويا آهن. (پکي)
6. هن سَرَ جا موتي سهڻا آهن. (مالها)
7. چادر جي سَر ۾ ڦوندڻ پورا بيهاريل نه آهن. (جهالر)
8. سَرَ جو پاڻي ڏَپ ڪري ويو آهي. (ڪَڏ)
9. سَرَ تڏن ۽ تونرين ناهڻ ۾ ڪم اچن ٿا. (ڪانا - پن)

لفظن جي متعدد معنائن تي غور ڪرڻ سان بيشڪ شاگرد جي لفظي ذخيرو وڌندو، ازانسواءِ نصابي ڪتابن يا عام مطالعي مان به سندن فهم ۽ فڪر ۾ وسعت ايندي، ليڪن جيستائين تحرير ۾ لفظن جي دروبست کي پوريءَ طرح نه سمجهيو ويندو، تيستائين ڪوبه شاگرد پنهنجي خيالن جو اظهار سهڻي طريقي سان ڪري نه سگهندو، جيڪڏهن چاهيو ٿا ته "لفظ"

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| بيمار | تندرست | سٺا | ڪانگهاري | ابتدا | انتها |
| بهشت | دوزخ | سٺيو | اٺيو | اميري | فقيري |
| بهادر | بزدل | سڏول | ڪڏول | اندروني | بيروني |
| بکيو | ڍائو | سپت | ڪپت | اڪثريت | اقليت |
| باغ | راغ | سوار | پيدل | آسمان | زمين |
| بلندي | پستي | سوال | جواب | اوپر | اولهه |
| بهار | خزان | سرهو | ارهو | امن | فساد |
| بقا | فنا | ريت | ڪريت | اتفاق | نفاق |
| بري | بحري | آس | نراس | اکهو | سکهو |
| بد | نيڪ | رنج | راحت | اڳياڙي | پڇاڙي |
| ٻوڏ | سوڪ | رحمت | زحمت | ٿڌو | گرم |
| ٻوڙو | سرلو | روشني | تاريڪي | ثاني | لاثاني |
| ٻل | نٻل | رحم دل | سنگدل | ثواب | گناهه |
| ٻيو | پار | رهبر | رهزن | پٽ | ڌيءُ |
| ٻلو | ڍلو | زمان | مڪان | پاڪ | پليد |
| ٻاءُ | ٻيڻ | زهر | ترياق | پاپ | پچ |
| تقرير | تحرير | زاهد | رند | پوڙهو | جوان |
| تازو | پاروٿو | زرخيز | بنجر | پيادو | سوار |
| تکو | مٺو | شعور | لاشعور | پنهنجو | پرايو |
| تعمير | تخريب | شب | روز | پِٽ | سَٽ |
| تڪڙو | ڍرو | شريف | ڪمينو | جاندار | بي جان |
| تيلي | ٿنبي | شاهه | گدا | جديد | قديم |
| تخت ⟵ تختو | | شيرين | تلخ | جل | ٿل |
| ٿر | بر | شرڪ | توحيد | جهل | علم |
| ٿورو | گهڻو | شر | خير | جوڳي | اجوڳي |
| سگهڙ | اگهڙ | صبح | شام | جنگ | صلح |
| سيٺ | ڪماشتو | صحيح | غلط | جلوت | خلوت |
| سڪون | حرڪت | صادق | ڪاذب | جدائي | ملاقات |
| ساڪن | متحرڪ | طُلوع | غروب | چوٽي | پاڙ |
| سخت | نرم | ظالم | رحمدل | چنڊ | سج |
| سزا | جزا | طمع | قناعت | چست | سست |
| سرچو | اڙچو | ظاهر | باطن | چور | ساڌ |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| مرشد | مريد | نامور | گمنام | لذيذ | بي لذت |
| مصيبت | راحت | ندورو | سودورو | گهٽ | وڌ |
| مهانگو | سستو | نياءُ | انياءُ | ڳوٺ | شهر |
| مد | جزر | نئون | پراڻو | وفادار | بي وفا |
| ملائم | سخت | نيڪ | بد | وزني | هلڪو |
| مشرڪ | موحد | نثر | شعر | واڌي | گهاٽي |
| ماڻهو | جانور | لکڻ | پڙهڻ | ونهيون | ولهو |
| مانائتو | بي مانو | لائق | نالائق | وڏو | ننڍو |
| ماٺ | گوڙ | لڄارو | نرڄو | هموار | ناهموار |
| ناڪار | هاڪار | لازم | ملزوم | هار | جيت |
| نروار | ڳجهو | لطافت | ڪثافت | يار | اغيار |
| نادان | داناءُ | لاهي | چاڙهي | يقين | گمان |

## ٻٽا لفظ

اسانجي ٻوليءَ جا ٻٽا لفظ بہ هڪڙو جز آهن. عموماً گهرو ٻوليءَ ۾، انهن جو استعمال ڪثرت سان ٿيندو آهي. ليڪن سليس مضمون نگاريءَ ۽ وٺندڙ مڪالمہ نويسيءَ ۾ بہ انهن جو بامقصد استعمال ٿيندو رهي ٿو. ٻٽن لفظن جو استعمال معنيٰ ۽ مطلب ۾ گهرائي پيدا ڪري ٿو ۽ مقصد ۽ مدعا کي زياده مؤثر ۽ واضح بنائي ٿو.

هن مان ڇڙو لفظ بہ پنهنجي جاءِ تي مڪمل معنيٰ رکي ٿو ۽ ان جي استعمال مان بہ پنهنجي مدعا بيان ڪري سگهجي ٿي. ليڪن پٺيان ايرتي ڪندڙ لفظ اصل لفظ کي وزندار بنائي ٿو ۽ اڪثر حالت ۾ اهو پٺيان وارو لفظ بہ بامعنيٰ هوندو آهي، ٻوليءَ ۾ ٻٽا لفظ پنهنجي ڳالهہ تي زور رکڻ ۽ مطلب وڌيڪ کولي ظاهر ڪرڻ ۽ بيان کي زياده اثرائتو بنائڻ لاءِ ورجايا ويندا آهن.

هتي اهڙا ٻٽا لفظ ۽ انهن جا ننڍڙا ۽ تز وٺندڙ جملہ پڻ ڏنا ويا آهن، شاگردن کي گهرجي تہ ڳالهہ ٻولهہ ۽ تحرير ۾ انهن جو استعمال ڪن. هن مشق ۾ ڪيترا مثالي ٻٽا لفظ ڏنا ويا آهن، جنهن لاءِ استاد کي گهرجي تہ اهڙن جملن نهرائڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪري، جيئن سندن پڪي مشق ٿئي.

## ٻٽا لفظ ۽ انهن جو استعمال

1. ڪهڙي پاڻ ۾ سُس پُس لاتي اٿو؟
2. همايون بادشاهه کي لشڪر سپاهه گهڻو ڪونه هو.
3. ڪنهن سان وير وڌ نه رکجي.
4. ڪم ڪار ڪان نه نٽاءِ.
5. ڪمي ڪاسبي سيڪو هن حڪومت ۾ خوش پيو گذاري.
6. ڪالهوڪي مجلس خير خوبيءَ سان پوري ٿي.
7. پٽ ڪمائي هرڪو راضي خوشي گهر ڏانهن موٽيو.
8. شادي مراديءَ تي دل کولي خرچ ڪبو.
9. غريب غربو منجهانئس خوش آهي.
10. وٽانس آيو ويو سيڪو پيو مزا ڪري.
11. پورو سورو گذران اٿم.
12. چوڏاري تنبو تولان لڳايا ويا.
13. مهيني ماس ۾ پيو ايندو آهي.
14. گهر جو خرچ پکو بابا هلائي.
15. واٽڻي وڪال کي مهانگائيءَ ۾ مزو.
16. زالون ٿوري گهڻي ۾ طعنا تنڪا ڏين.
17. احمد خان هلي چليءَ وارو مڙس آهي.
18. اجايو ابتي سبتي رواج تي ڳنڍ نه ٻڌ.
19. لائي چائي گهر ٻارائيندي آهي.
20. ڪير نه چاهيندو ته گهر ۾ اوي سوي پيو اچي وڃي.
21. جيڪي ٿيو سو ٿيو، هاڻي ڪجهه به ورندو سرندو ڪونه.
22. پنهنجي هلت چلت سڌار.
23. هن ڪان ڪنهن جي به ڪسي ڦڪي ڳالهه ڪانه ٿي لڪي.
24. وڃي ڏنڌي ڏاڙي سان لڳ.
25. چڪر چاڙي هٿي ٿو اچان.

**مشق - 1**

هيٺين جا نندڙا ۽ ٽڙ جملا ٺاهيو:

ٺٺ ٺانگر، (رعب تاب) نام نمود، ستي جتي، ريل پيل، ٺنگ ڌڙنگ، جواڻ جماڻ، گلا غيبت، محبت ميٺ، کس ڪسر، امهڙو سمهڙو، ڀاڳ بخت، ڪاني ڪرامت، اجابو سجابو، شان شوڪت، شان مان، دفتر منشي، ساٺ سوڻ، يار ويس

## واحد - جمع جا الفاظ ۽ مذڪر - مؤنث جا الفاظ

دنيا ۾ ترقي يافته ٻوليون اهي سڏجن ٿيون، جن ۾ علم ۽ ادب جو سرمايو گهڻو آهي. اهڙي ڪا به ٻولي ڪانهي، جيڪا پنهنجي علمي ادبي ضرورتن لاءِ ڌارين ٻولين کان مدد نه وٺندي هجي ۽ نون خيالن ۽ شين جي واسطي ٻين ٻولين جا الفاظ اختيار نه ڪندي هجي. روزبروز نيون ڳالهيون نوان رواج، طريقا ۽ ايجادون جنم وٺن ٿيون، جن لاءِ نون لفظن ۽ نون اصطلاحن گهڙڻ جي ضرورت پوي ٿي. ٻوليءَ ۾ نوان يا ڌاريان لفظ اچڻ ڪو عيب ناهي. بلڪ هڪ ڪندي ته آهي پاڻ حرارت ۽ زندگيءَ جو ثبوت مهيا ڪن ٿا ۽ جيڪا ڳالهه ٻوليءَ جي اوسر جي پڌري پٽ حقيقت آهي. سنڌيءَ جي علمي ادبي، سماجي اصلاحي مضمونن ۾ نت نوان الفاظ نظر اچن ٿا ۽ ڏينهون ڏينهن ٻوليءَ جي ذخيري ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. ليڪن اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته نوان مرڪب ۽ مفرد لفظ ۽ ترڪيبون سدائين ڪن قائدن ۽ اصولن تحت ٻوليءَ ۾ رائج ٿين ٿا. اڪثر ڪري شاگردن توڙي سيڪڙاٽ لکندڙن جي تحرير ۾ واحد، جمع يا مذڪر - مؤنث وارن لفظن ۾ عموماً غلطيون ڪيون وڃن ٿيون. هتي ان ڪري ڪن مصدقه اصولن جي وضاحت ڪئي وئي آهي. ڇاڪاڻ ته واحد - جمع يا مذڪر ۽ مؤنث ۾ صحيح ٺڙ لفظ اختيار نه ڪرڻ سان ساري عبارت عيبدار بڻجي پوي ٿي.

ڌارين لفظن کي قبول ڪرڻ اها هڪ جديد ٻولين جي خصوصيت آهي، ليڪن هرڪا ٻولي انهن کي پنهنجي لساني اصول مطابق اختيار ڪري ٿي. ساڳيءَ طرح سنڌيءَ ۾ ٻين ٻولين جا لفظ قبول ڪرڻ جو هڪ معيار مقرر ٿي چڪو آهي. اسان جي ٻوليءَ ۾ عربي، فارسي ۽ هندي ٻولين جي لفظ کي پنهنجي ڪرڻ جي روايت گهڻي آڳاٽي آهي. ليڪن هاڻي انگريزي ٻوليءَ جي وساطت سان مغربي ٻولين جا الفاظ به سنڌيءَ ۾ خصوصيت سان رواج وٺي رهيا آهن. ليڪن اسان جي ٻولي ڌارين لفظن کي پنهنجي مزاج موافق قبول ڪري ٿي ۽ انهن کي پنهنجي رنگ ۾ رنگي ڇڏي ٿي، پوءِ اهو لفظ چاهي

کھڙي ٻہ ٻوليءَ جو ھجي. ڏاريان لفظ ھڪڙي صوتياتي عمل تحت سنڌي ٻوليءَ جو جزو بڻجن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي اھا ٻہ ھڪ خصوصيت آھي تہ ان جي لفظن جي شروع - وچ توڙي آخر وارو ڪوبہ حرف ساڪن نہ ھوندو آھي. البت گذريل اڌ صديءَ کان ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾ ساڪن آواز واري خصوصيت پيدا ٿي چڪي آھي، ليڪن اھا اھو ڪو ٻوليءَ جو ڪليو قائدو ڪونہ بڻيو آھي. اھا تائين ٻہ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جو واحد جمع يا مذڪر مؤنث جو انحصار صرف آخري حرف جي حرڪت تي آھي، جنھن مان ئي ان جي جنس يا عدد ڳاھيو ويندو آھي. عام اصول ھيءَ آھن:

1. اگر ڪنھن لفظ جي آخر ۾ زير ھوندي تہ اھو واحد ھوندو ۽ جيڪڏھن زبر ھوندي تہ اھو جمع ٿيندو.
2. اگر ڪنھن لفظ جي آخري حرف تي زير جي حرڪت ھوندي تہ اھا اڪثر مؤنث ھوندي.
3. اگر ڪنھن لفظ جي آخري حرف تي زبر يا پيش ھوندو تہ اھو مذڪر ٿيندو.

## واحد - جمع

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترا اھڙا لفظ آھن، جن ۾ واحد - جمع وارو لفظ ساڳيو رھي ٿو. ھيٺيان لفظ واحد آھن، ليڪن اھي بنا ڪنھن صوتي تغير جي 'جمع' ۾ ٻہ ساڳيءَ طرح قائم رھن ٿا.

**مثال** - 1

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| ماڻھو | ماڻھو | ڀيڄي | ڀيڄي |
| ھاٿي | ھاٿي | پکي | پکي |
| موتي | موتي | ياتي | ياتي |
| ماري | ماري | درزي | درزي |
| ساٿي | ساٿي | قاضي | قاضي |
| ٻيلي | ٻيلي | حاجي | حاجي |

**مثال** - 2

**زبر سان جمع ٺاهڻ جو قائدو/ آ ملائڻ سان جمع ٺاهڻ جو قائدو:**

| واحد | جمع | واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|---|---|
| راڪيٽ | راڪيٽَ | رازَ | رازَ | تالو | تالا |
| ملهه | ملهَه | دشمن | دشمنَ | سلسلو | سلسلا |
| گلاس | گلاسَ | نظرَ | نظرَ | ٻوتو | ٻوتا |
| تتر | تترَ | مردَ | مردَ | ٿلهو | ٿلها |
| هٽ | هٽَ | ناٽڪ | ناٽڪَ | ٻوٽو | ٻوٽا |
| در | درَ | داستان | داستانَ | ڪٿو | ڪٿا |
| غزل | غزلَ | نظريو | نظريا | طعنو | طعنا |
| گهر | گهرَ | رسالو | رسالا | ڪانو | ڪانا |
| ٻوٽ | ٻوٽَ | فائدو | فائدا | سياڻو | سياڻا |
| سوٽ | سوٽَ | قائدو | قائدا | سڳورو | سڳورا |
| جيٽ | جيٽَ | لطيفو | لطيفا | شيشو | شيشا |
| علمَ | علمَ | ڪمرو | ڪمرا | چاچو | چاچا |
| هالَ | هالَ | رايو | رايا | | |

**مثال** - 4

**'اون' ملائڻ سان جمع ٺاهڻ جو قائدو،**

**مثال** - 5 **'يون' ملائڻ سان جمع ٺاهڻ جو قائدو:**

| واحد | جمع | واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|---|---|
| گهرج | گهرجون | پن | پنون | عدالت | عدالتون |
| آفت | آفتون | فلم | فلمون | ڳالهه | ڳالهيون |
| دعوت | دعوتون | ڍل | ڍلون | رات | راتيون |
| تهذيب | تهذيبون | نظر | نظرون | دل | دليون |
| عزت | عزتون | رقم | رقمون | ول | وليون |
| لذت | لذتون | هوٽل | هوٽلون | ذات | ذاتيون |
| محنت | محنتون | منٿ | منٿون | رات | راتيون |
| رحمت | رحمتون | ڪٿ | ڪٿون | گهڙي | گهڙيون |
| شرط | شرطون | بس | بسون | ٻني | ٻنيون |
| مل | ملون | زال | زالون | منجي | منجيون |

| واحد | جمع | واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|---|---|
| رسمي | رسيون | چڪري | چڪريون | عدالت | عدالتون |
| واڌائي | واڌايون | بس | بسون | | |
| منائي | منايون | زال | زالون | | |

ڪن عربي فارسي لفظن جا جمع ساڳيءَ صورت ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ مستعمل آهن ۽ انهن جو باقائده هڪ لساني ڪارج آهي ۽ اهي اسان جو هڪ وڏو معنوي ذريعو بڻيل آهن. هتي ڪجهه اهڙا قاعدن مطابق واحد – جمع جا الفاظ درج ڪجن ٿا. ڪجهه مطالعي ۽ باقائده استعمال سان انهن تي دسترس حاصل ٿي وڃي ٿي، ڇاڪاڻ جو اهي باقائدي وزنن مطابق ٺهن ٿا.

**مثال** - 6

| واحد | جمع | واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|---|---|
| صنف | اصناف | ذڪر | اذڪار | حق | حقوق |
| شعر | اشعار | شڪل | اشڪال | شرط | شروط |
| وقت | اوقات | دليل | دلائل | شڪ | شڪوڪ |
| فرد | افراد | فرض | فرائض | حد | حدود |
| عمل | اعمال | مريض | امراض | قلب | قلوب |
| روح | ارواح | سبب | اسباب | والد | والدين |
| غير | اغيار | ملڪ | ممالڪ | فريق | فرقين |
| رڪن | ارڪان | ملڪ | املاڪ | خاتون | خواتين |
| ولد | اولاد | ڪافر | ڪفار | قانون | قوانين |
| حال | احوال | خادم | خدام | حس | حواس |
| خالق | اخلاق | شريف | شرفاءِ | نفس | نفسيات |
| فرد | افراد | قلب | قلوب | ارض | ارضيات |
| شخص | اشخاص | حرف | حروف | اقتصاد | اقتصاديات |
| عنصر | عناصر | شڪ | شڪوڪ | فلڪ | فلڪيات |
| قسم | اقسام | علم | علوم | آيت | آيات |
| حڪم | احڪام | امر | امور | نڪتہ | نڪات |

توهان مٿين مثالن (1 کان 5) مان ڏٺو تہ اسان ڌارين ٻولين جي لفظن کي پنهنجي لساني قائدي ٻٽاندر ڦيرائي پنهنجو لفظ بنائي ڇڏيون ٿا.

ازانسواءِ مثال - 6 مان اها خبر پوندي ته اسين ڪن عربي ٻوليءَ جي جمع وارن لفظن کي به جيئن جو تيئن پنهنجي ٻوليءَ ۾ استعمال ڪريون ٿا. ليڪن انهن جو اسان وٽ ٻوليءَ ۾ باقائده ڪارج آهي. ڪن عربي - فارسي لفظن کي اسان بلڪل نئين رنگ روپ ۾ اختيار ڪيو آهي ۽ ڪن کي وري پنهنجي ٻوليءَ ۾ بلڪل نيون نراليون معنائون ڏنيون اٿئون. هيٺ انهن نڪتن جي وضاحت سان سمجهاڻي ڏني وئي آهي، جيئن معلوم ٿئي ته عربي - فارسي الفاظ اسان جي ٻوليءَ ۾ ڪهڙو ڪارگر پارٽ ادا ڪن ٿا.

مثال طور:

عربيءَ ۾ "الحاد" لحد جو جمع آهي.
عربيءَ ۾ "شروع" شرع جو جمع آهي.
عربيءَ ۾ "جواهر" جوهر جو جمع آهي.
عربيءَ ۾ "اصول" اصل جو جمع آهي.
عربيءَ ۾ "اراضي" ارض جو جمع آهي.
عربيءَ ۾ "موالي" مولا جو جمع آهي.

ليڪن اسان وٽ سنڌيءَ ۾ انهن سڀني لفظن جون مختلف معنائون آهن. "الحاد" معنيٰ ڪفر ليڪن "لحد" معنيٰ آهي قبر. "شروع" معنيٰ ابتدا ته "شرع" معنيٰ شريعت جو رڪن. "جواهر" معنيٰ موتي ۽ "جوهر" معنيٰ ست. "اصول" معنيٰ قائدو ۽ "اصل" معنيٰ بنياد "ايراضي" زمين جي ڪنهن مخصوص ٽڪري کي چئبو آهي ۽ "ارض" معنيٰ ڌرتي. اهڙيءَ طرح "مولا" رب پاڪ جو نالو آهي ۽ "موالي" رڳو نشئي کي چوندا آهن. اهو ته رڳو ٿورا مثال ڏنا ويا آهن، ورنه ڏنو ويندو ته اڪيچار لفظ جيڪي "مجسم سنڌي" بنجي چڪا آهن، اهي رڳو مخصوص سنڌي معنيٰ سان سڃاتا وڃن ٿا.

عربيءَ ۾ لفظن جا ڪي مقرر ٿيل وزن آهن، جن جي مطابق جمع به ٺاهيا وڃن ٿا. ليڪن ڪٿي ڪٿي معنيٰ جي گونا گونيءَ جي مدِنظر عربي - فارسي لفظن جي ساڳي قاعدي کي اسان جي ٻوليءَ ۾ پڻ قبول ڪيو ويو آهي. ليڪن ان ۾ به سنڌيءَ جي پنهنجي مزاج کي دخل هوندو آهي ۽ چونڊي چاٽي صرف اهي لفظ اختيار ڪيا ويندا آهن، جيڪي معنيٰ کي واقعي نئي وسعت بخشين ٿا. اسان جي علمي ٻوليءَ جو اهو به هڪ قسم جو تخليقي عمل آهي، ان کي نقلي روش هرگز نه چئبو. ازانسواءِ دنيا جي ٻين سڌريل ٻولين ۾

ٻه اهڙا مثال ملن ٿا. اهڙا لفظ اسان جي ٻوليءَ سان بلڪل ڌارجي ويا آهن ۽ انهن سان سائنسي ۽ فني اصطلاحن ۽ مرڪبات ناهڻ ۾ گهڻي سنهجائي ٿئي ٿي. مثال طور:

1. پروفيسر خان کي ارضيات جي ايتري ڄاڻ ناهي مگر هو طبعيات جو ماهر آهي.
2. هن جي پچڻ تي مون کيس پنهنجي مشغولين ۽ اوقات بابت ٻڌايو.
3. شهرن جي ترقيات جو ادارو.
4. دنيا جا ست مشهور عجائبات ڪهڙا آهن؟
5. عالم پنهنجي تقرير ۾ هن دور جي سيني مختلف افڪار تي روشني وڌي.
6. والدين جي مرضيءَ سان ڇوڪريءَ کي اسڪول ۾ ويهاريو.

هاڻي اڇو ته انهن لفظن جي عملي ڪارج کي سمجهون "آت" پڇاڙي جيتوڻيڪ فارسيءَ ۽ اردوءَ ۾ گهڻو مستعمل آهي، ليڪن سنڌيءَ ۾ ٻه ان مان ضرورت پٽاندر ڪيترائي جمع وارا الفاظ جوڙي اصطلاحي ڪوٺ کي حل ڪيو ويجي ٿو ۽ بعضي ته خالص ديسي لفظن ۾ ٻه علمي پورائيءَ لاءِ اها پڇاڙي استعمال ۾ آندي ويجي ٿي، جيئن ته "سماجيات".

1. هاڻي پهرين جملي ۾ جيڪڏهن ارضيات يا طبعيات کي ڪڍي انهن جي بدران "ڌرتي - وڄا" يا ڌرتي وگيان يا وري "علم طبعي" جا لفظ وجهنداسون ته اصل لفظ جي اضافي تشريح ٿي پوندي ۽ اهڙن ٻين نسبتي معنيٰ وارن اصطلاحن ناهڻ ۾ رنڊڪ پوندي.
2. ٻئي جملي ۾ جيڪڏهن "اوقات" ڪڍي صرف "وقت" وجهنداسون ته نهايت عجيب معنيٰ معلوم ٿيندي.
3. "ترقيات" هڪ مخصوص نالو آهي، جنهن جي معنيٰ ٻئي لفظ مان نه نڪرندي.
4. "عجائب" سنڌيءَ ۾ واحد آهي ۽ "عجائبات" جمع جي تخصيص لاءِ زياده موزون لڳي ٿو.
5. انهيءَ جملي مان جيڪڏهن افڪار ڪڍي سنڌي قاعدي مطابق "فڪرن" جو لفظ استعمال ڪبو ته جملي مان صحيح معنيٰ هرگز نه نڪرندي، ڇاڪاڻ ته سنڌيءَ ۾ فڪر جي معنيٰ ڳڻتي به آهي. جيئن ته چوندا آهن ته "فڪر ۾ ٻڏو پيو آهيان."

| مذڪر | مونث | مذڪر | مونث |
|---|---|---|---|
| مرد ماڻهو | زال ماڻهو | گلوڪار | گلوڪار |
| (مرد) تيراڪ | (عورت) تيراڪ | قلمڪار | قلمڪار |
| گورنر | گورنر | قوي | قوي |
| سفير | سفير | فنڪار | فنڪار |
| پهلوان (مرد) | پهلوان عورت | پيغمبر | پيغمبر |
| ماهر (مرد) | ماهر عورت | ڊرائيور | ڊرائيور |
| فلسفي مرد | فلسفي عورت | اديب (مرد) | اديب (عورت) |
| عالم مرد | عالم عورت | ليڪچرار | ليڪچرار |
| وليعهد (شهزادو) | وليعهد (شهزادي) | پروفيسر | پروفيسر |
| ٻيري (مرد) | ٻيري (عورت) | پائليٽ | پائليٽ |
| سخي (عورت) | سخي (مرد) | ميمبر | ميمبر |
| ڪهاڻيڪار | ڪهاڻيڪار | سيڪريٽري | سيڪريٽري |
| چترڪار | چترڪار | صدر | صدر |
| سنڌيڪار | سنڌيڪار | وزيراعظم | وزيراعظم |
| مهمان | مهمان | وزير | وزير |
| ميزبان | ميزبان | مڪار | مڪار |
| دستڪار | دستڪار | | |

باب چوٿون

# خصوصي الفاظ

اسان شروع ۾ ٻڌائي آيا آهيون تہ هڪ سهڻي عبارت ۾ مناسب جاين تي مناسب لفظ ڏين ٿا. سڀ کان پهرين ڪنهن عبارت يا تحرير واسطي "ٺڙ الفاظن" جي ضرورت پوي ٿي. جنهن جي سيني پهلوئن جو ذڪر، باب ٽئي ۾ ڪري چڪا آهيون. هن باب ۾ رڳو خصوصي الفاظن کي زيرِ بحث آندو ويو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي تہ اهي ڇا آهن ۽ اهي عبارت کي ڪيئن ٿا زياده واضع ۽ مؤثر بنائين.

"خاص" لفظ "عام" لفظ جو ضد آهي. هڪ خصوصي لفظ ڪنهن خاص اَمر ڏانهن اشارو ڪري ٿو، يعني تہ ڪو خاص ماڻهو، شيءِ، فعل يا حادثو مگر ان جي برعڪس عمومي لفظ رڳو امرن جي ميڙ يا درجي ڏانهن اشارو ڪري ٿو. جهڙيءَ طرح مرزا قليچ بيگ، قائداعظم محمد علي جناح، باڪسنگ جو هاٿوڪو هيوي ويٽ چيمپئن، منهنجي گهر جي پرسان نم جو وڻ، گذريل رات جو مينهن، اهي سڀ ڪن خصوصي امرن جي نشاندهي ڪن ٿا. پر صرف سياستدان، ڪرڪيٽ رانديگر، سائنسدان، وڻ ۽ جانور سيئي ڪنهن درجي بنديءَ واري امر سان ڳنڍيل آهن.

انهن مثالن مان اها ڳالهہ ظاهر ٿيندي تہ "عام لفظن" جي اندر متعدد "خاص الفاظ" شامل هوندا آهن. مثال طور: "ڳاڙهو" هڪ عام لفظ آهي ليڪن ان ۾ پيا بہ خاص ڳُڻ وارا ڪيترا رنگ شامل آهن. جهڙوڪ: ڪرمزي، مرجان رنگ، بادامي ڪرمزي رنگ، گلابي، گهاٽو ڳاڙهو، ڳاڙهسرو، واڱڻائي مائل ڳاڙهو، يعقوتي، ڇٻو ڳاڙهو يا شنگرفي رنگ سيئي اچي وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح "اتر سنڌ جو شهر" هڪ عمومي نالو آهي، جنهن ۾ لاڙڪاڻو، شڪارپور، سکر، خيرپور، جيڪب آباد، ڪنڌ ڪوٽ وغيره گهڻا خاص شهر شامل آهن.

حقيقت ۾ خصوصي ۽ عمومي لفظن ۾ فرق وري بہ رڳو نسبتي يا

اضافي ٿئي ٿو. هڪڙو لفظ ڪنهن هڪ جي مقابلي ۾ ته خصوصي آهي، ليڪن ٻئي جي نسبت ۾ وري عمومي به بڻجي پوي ٿو. اچو ته هيٺ چارٽ ۾ ڏسون:

| تمام عمومي | گهٽ عمومي | گهٽو خصوصي | بلڪل خصوصي |
|---|---|---|---|
| 1. رانديگر | ڪرڪيٽ رانديگر | ڪرڪيٽ ٽيم جو فاسٽ بولر | آصف مسعود |
| 2. وڻڪار | وڻ | نم جو وڻ | منهنجي گهر ڀرسان نم جو وڻ |
| 3. ڏوهاري | چور | ڳنڍي ڪپ | اهو ماڻهو جنهن منهنجو کيسو ڪتريو. |

هاڻي توهان ڏٺو ته وچين ڪالمن ۾ آيل لفظ ساڄي ڪالم وارن لفظن کان زياده خصوصي آهن، ليڪن سڀ کان آخري ڪالمن وارن لفظن کان گهٽ خصوصي آهن.

جيترقدر عبارت ۾ الفاظ گهٽو عمومي هوندا، اوترقدر پڙهندڙن کي پورو پورو مطلب سمجهڻ ۾ دقت ٿيندي ته آيا لکندڙ انهن مان اصل ڪهڙي حقيقت ٻڌائڻ ٿو گهري. مثال طور: "ماڻهو مسافريءَ لاءِ سنبت ڪري رهيو آهي." هاڻي اهڙي عمومي بيان مان اسان جي ذهن ۾ ماڻهوءَ جي متعلق رڳو هڪ مبهم خيال ويهندو. ممڪن آهي ته هو ڪنهن هوٽل ۾ ترسڻ لاءِ اڳواٽ ڪمرو رزرو ڪرائڻ لاءِ فون ڪندو هجي يا ريل جي ٽڪيٽ وٺندو هجي يا سفر واسطي پنهنجي ڪار ٺيڪ ٺاڪ ۽ صفائي ڪرائڻ لاءِ گئريج مستريءَ وٽ آندي هجيس يا پنهنجي ضروري لين دين لاءِ ڪنهن کي هدايتون ڏيندو هجي يا سوٽ ڪيس ۾ پنهنجو سامان رکندو هجي، ليڪن اسان انهيءَ عبارت "مسافريءَ لاءِ سنبت ڪري رهيو آهي" مان ڪجهه زياده معلوم ڪري نه ٿا سگهون، ڇاڪاڻ ته اها "خصوصي معلومات" فراهم نه ٿي ڪري. هيٺ عمومي ۽ خصوصي بيان وارا جملا درج ڪجن ٿا:

| عمومي | خصوصي |
|---|---|
| 1. هي ڪرڪيٽ جو سٺو رانديگر آهي. | هي سيني ۾ فاسٽ بالر آهي. |
| 2. هو پراڻي ڪار پيو هلائي. | هو 1950ع جي شيورليٽ پيو هلائي. |
| 3. ڇوڪري کي سخت بيماري آهي. | ڇوڪري کي مدي جو بخار آهي. |
| 4. آئون شاهه جو رسالو پيو پڙهان. | آئون شاهه جو "سُر سامونڊي" پيو پڙهان. |

تعاليٰ جو نالو هر وقت ورد زبان ٿيڻ لڳو. سوسن، سمن، ياسمين، موتيو، مگرو، ڪرنو، سورج مکي، چنبيلي وغيره وغيره. هرهڪ گل جي خوشبوءِ نرالي، رنگ نرالو، ڦن نرالا، نرماد نرالا، مکڙيون نراليون. مطلب ته صناع قدرت جي کهڙي تعريف ڪجي، گلن جي معلومات وضاحت سان حاصل ڪرڻ لاءِ مالهيءَ جي ضرور محسوس ٿئيسين، اهو به پريان رنبو هٿ ۾ ڪٿيو خس و خاشاڪ جي گڏ ڪري ٻارا صاف ڪري رهيو هو.

انهن ٻن مثالن کي پڙهڻ سان معلوم ٿيندو ته تمام خصوصي عبارت ڪجهه زياده ٿي مصورانا ٿئي ٿي. مثلاً عمومي عبارت ۾ آهي ته "ساوڪ وارن هنڌن تي وڻ هليو، جن کي لان ٿئي سڏيائون." ليڪن خصوصي عبارت ۾ آهي ته "ميون جي باغ جي اڃا به ڪاهي ٻاسي گلن جا ٻارا ۽ ڪشادا لان يعني رمشيڪ هئا. جن جي سائي ڇپر زمين کي هڪ زمردين پوش يا قالين ڍڪائي ڇڏيو هو." ٻنهي عبارتن کي ڀيٽڻ مان معلوم ٿيندو ته ٻوٽين ۾ زيادهہ نقش ڏنل آهي. وري عمومي عبارت آهي ته "اندر باغ ۾ گل ڦل وڻ ٻوٽا هئا." ليڪن ان جي بدران خصوصي عبارت پڙهڻ سان ڏيک يا نظارو اکين سامهون اچو بيهي. جيئن ته "ان جي ٻنهي طرفن سرو شمشاد جا حسين وڻ دل لڀائي رهيا هئا ۽ شفاف پاڻيءَ جون وهندڙ ناليون انهن کي تازگي بخشي رهيون هيون." وري عمومي عبارت ۾ آهي ته "قسمين قسمين گل قسمين رنگن جا استاد اسان کي ڏيکاريا." انهيءَ بدران خصوصي عبارت ۾ وري باريڪ شناخت ڏنل آهي. جيئن ته "سوسن، سمن، ياسمين، موتيو، مگرو، ڪرنو، سورج مکي، چنبيلي وغيره وغيره هرهڪ گل جي خوشبوءِ نرالي، رنگ نرالو، ڦن نرالا، نرماد نرالا، مکڙيون نراليون."

زياده تر خصوصي يا مڪمل خصوصي لفظ يا فقرا سوچڻ تي لازمي طور ڪجهه وقت لڳي ٿو. ليڪن ڪيترا لکندڙ يا شاگرد ڪشالي جو سنجم ڪندا آهن ۽ ڏکيائيءَ کان بچڻ لاءِ رڳو "ڪارج وارا الفاظ" ڪثرت سان

استعمال ڪري، پنهنجو مقصد بيان ڪري ڇڏيندا آهن. پروفيسر ڪئينڊيءَ جو چوڻ آهي ته هر ڪنهن ٻوليءَ ۾ ”عام ڪارج وارا الفاظ گهڻا شامل هوندا آهن. جن کي تمام وسيع معنيٰ ۽ عام استعمال هوندو آهي. جن کي ڪيترين جدا جدا ڳالهين جي بيان ۾ ڪتب آڻي سگهجي ٿو ۽ اهي معنيٰ جي ڪنهن خاص ڦڦريق کان سواءِ، پنهنجو اظهار آسانيءَ سان بيان ڪري سگهن ٿا.

جيتوڻيڪ اهي عام امرن وارا لفظ به ڪمائتا ضرور آهن ۽ ڳالهجندڙ ٻوليءَ ۾ ته انهن جو استعمال به آل جال ٿئي ٿو. ليڪن هر ڪنهن ڏٺو هوندو ته جڏهن ٻن ڄڻن ۾ روانيءَ سان ڳالهه ٻولهه جاري هوندي آهي ته اڪثر گفتگو ڪندڙ جو لب لهجو ۽ چهري جو اتار چاڙهه به مطلب کي پيو ظاهر ڪندو آهي يا ته وري هٿن ۽ جسم جي حرڪت به ڳالهه سمجهڻ ۾ معاون ثابت ٿيندي آهي. اهڙيءَ طرح نسبتي واقعي يا موقعي محل جي آڌار تي لکيل عمومي تحرير ۾ ڪنهن به مداخلت جي ضرورت ڪانه پوندي آهي، تاهم جيڪڏهن لکندڙ اهڙي اظهار کي ڪثرت سان پنهنجي عبارت ۾ آڻيندو ته پوءِ اها بي رنگ ۽ لاتعلق بنجي پوندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته وري غير صحيح به ٿي پوندي آهي، جيئن هيٺ جملن مان نظر ايندو.

1. سچو ڏينهن اهڙو ته هجيا آهيون. جو ماندا ٿي پياسون.
2. هن اهڙي ته دل وٺان ڳالهه ڪئي، جنهن مون تي هڪدم اثر ڪيو.
3. هن جي منهن ۾ ڦوٽاربل اکيون ڏسي، مون ۾ انوکو احساس ٿيو.

انهن جملن جي وچ ۾ آيل ٿلها لفظ، ايتري قدر ته مبهم آهن، جن مان ڌار ڌار معنيٰ نڪري سگهي ٿي. اهي جملا ٺيڪ ٺيڪ مطلب بيان ڪرڻ ۾ قطعاً ناڪام ويا آهن اهي يا ته فضول خيال ٿا سمجهه ۾ اچن يا وري انهن مان اجايو غوغاءُ پيو ظاهر ٿئي. اگر ساڳين جملن تي نظرثاني ڪبي ته پوءِ لازماً انهن ۾ سمايل خيال کي واضح طور بيان ڪرڻو پوندو، جنهن لاءِ اسان کي عام الفاظن بدران ڪي خاص الفاظ چونڊڻا پوندا، جيئن جملن جي اصل منشا ظاهر ٿي سگهي، اجهو هن طرح جي تصحيح ڪرڻ سان اصل جملا معنيٰ خيز بنجي سگهن ٿا.

(1)

1. اهڙي بري شڪست جي ڏينهن ڪان پوءِ، اسان بي دل ٿي پياسون.
2. اهو ڏينهن جڻ ته لاڳيتو صدمن جو هو، جنهن اسان کي بي حس ڪري ڇڏيو.

متئين عبارت جي لڳاتار جملن مان هرگز خبر نٿي پوي، تہ لکندڙ ڪهڙي عين بين حقيقت آشڪار ڪرڻ چاهي ٿو؟ ۽ ڇا ٿو ٻڌائڻ گهري؟ جن جذبن يا خيالن جو مصنف ڪي اظهار ڪرڻو آهي، سي ڪيس "خاص لفظ" هٿ اچي نہ سگهيا ۽ "جن عام ڪارج وارن لفظن" کي خصوصي بنائڻ گهريائين سي سندس بيان ۾ معين ٿي نہ سگهيا ۽ جيڪي "خصوصي لفظ" هٿ ڪيا ويا سي خيالات جي برعڪس آهن. نتيجو ظاهر آهي تہ ٻولي غلط بنجي وئي ۽ سڄي ڳالهہ گڏمڏ ٿي وئي.

عبارت جي شروع ۾ "ٻاڇي" ۽ "ٻوٽي" جي لفظن کي خصوصي معنيٰ ڏيڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وئي ۽ شايد انهن کي عورت جي ڪنهن صفت لاءِ بيان ڪيو ويو آهي. وري "شخصيت" هڪڙو اثباتي اوصاف آهي ۽ عورت جي سونهن سوڀيا يا باطني خباثت "شخصيت" جي لفظ مان هرگز ظاهر ٿي نٿا سگهن. اهڙيءَ طرح آخري جملو بہ مبهم آهي "ذهن جي پردي تي" "ٻي طرح ڳولا" ۽ "تصور ٿي تصور" خبر ناهي تہ تنهي جي الڳ الڳ ڪهڙي خصوصي معنيٰ آهي؟ ذهن جي پردي تي بہ تصور پيدا ٿيندو آهي ۽ ٻيءَ طرح ڳولا بہ شايد ذهني سوچ ويچار لاءِ ڪم آندو ويو آهي ۽ "تصور ٿي تصور" جو مطلب بہ الڳ ناهي. مطلب تہ مصنف وٽ لفظن جي انتهائي ڪم مايگي آهي ۽ ان ڪري هرهڪ جملو اڃا تشريح طلب معلوم ٿئي ٿو.

**ٻيو مثال**

"ڳوٺ کان ٿورو پريرو ڏاڪڻي پاسي پڪو رستو هو، جنهن تان رکي رکي لارين جا زوزاٽ پيا ٻڌبا هئا. اوسي پاسي جي ماڻهن جو شهر وڃڻ ٿيندو هو تہ مٺي جي ترڙ تي ضرور ٿڪ ڀڃڻو پوندو هو. رستي جي ٻيءَ پر حاجي شاهہ جو مڪان هوندو آهي. چانوَ ۾ پاڻيءَ جون ٻہ چار ناديون پريون رکيون هونديون هيون، جيڪي سالن کان پراڻيون ٿي ويون هيون، سائي چادر جا ساوا تهہ چڙهي ويا هئن. پاسي کان نم جي ٿڙ ۾ پراڻن داڀلن مان ٿهيل چلون، پاڻي پيئڻ لاءِ ٽنگيل هونديون هيون، وچ ۾ چڱو موچارو ميدان هو، جنهن تي سڄو ڏينهن نمن جي ڇانوَ لڳي پئي هوندي هئي. حاجي شاهہ نَر جي چوڪنڊڙيءَ لڳ، ڪکائون اوتارو ٺهيل هو، ٻہ چار موالي ائين ئي اوتاري ۾ پيا ڏسبا هئا. هر جمعي رات وري مڪان تي راڳ ٿيندو هو. اوسي پاسي جا شوقين ڳائڻا حاضري ڀرڻ ايندا هئا. چرس ۽ گانجي جون ٽوپيون

ڦکو ۽ بي جان اختصار آهي. اسان جو خصوصي لفظن تي هتي زور ڏئي رهيا آهيون، انهيءَ مان اهو نتيجو ڪڍڻ نہ گهرجي تہ ڪو عمومي عبارت غير پسنديده آهي. مثلاً امتحان ۾ جڏهن ڪنهن نثر جي ٽڪري ڪي اختصار ڪرڻ لاءِ چيو ويجي ٿو، تڏهن شاگرد رڳو اصل مواد ۾ سمايل مرڪزي خيال کي لکندا آهن ۽ باقي وضاحتي تفصيل کي ڇڏي ڏيندا آهن ۽ اُها عبارت لازمي طور عمومي بنجي پوندي آهي. هونئن بہ لکندڙ جو ارادو هر دفعي سان خصوصي عبارت لکڻ جو ڪونہ هوندو آهي ۽ اڪثر مصنفن جو انداز بيان ڪنهن خصوصي حقيقت تي بدران هڪ وسيع ۽ عالمگير حقيقت تي ٻڌل هوندو آهي.

ليڪن هتي اسان رڳو 'خصوصي الفاظن' جي اهميت ٻڌائڻ گهرون ٿا. هر تحرير لکڻ وقت ڪنهن بہ جذبي خيال يا فعل جو خاص الخاص لفظ استعمال ڪرڻ زياده بهتر ٿئي ٿو، جنهن سان مطلب صاف ۽ چٽو بيان ٿي سگهي ٿو، جيڪڏهن اهڙو مڪمل لفظ ذهن ۾ نہ ٿو اچي تہ پوءِ قريبي نسبت رکندڙ خصوصي لفظ استعمال ڪيو وڃي. ورنہ ٻيءَ صورت ۾ سموري عبارت مبهم بنجي وڃي ٿي. جنهن جو مثال شروع ۾ پيش ڪري آيا آهيون. پيو تہ مٿئين آخري مثال مان اهو بہ ثابت ٿيو آهي تہ خصوصي الفاظ هوبهو ڪيفيت يا ماحول جو نقش چٽين ٿا.

## خصوصي لفظن جا دفعا

هاڻي اچو تہ پنهنجي سنڌيءَ جي هن نوعيت ڪان-باخبر ٿيڻ لاءِ مختلف خصوصي لفظن جو ڪجهہ ذخيرو ڪريون، جيئن شاگردن کي ٻوليءَ جي انهيءَ وسعت ڪان بہ واقفيت ملي سگهي ۽ سندن لفظي سرمايو وڌي، جيئن هو مختلف موضوعن تي صفائي ۽ چٽائيءَ سان لکي سگهن. ان کي اصطلاحي ٻوليءَ ۾ لفظيات يا ٻوليات (Vocabulory) چئبو آهي. سنڌيءَ ۾ خصوصي لفظن جا ڪيترائي دفعا آهن. اسان جي ٻوليءَ ۾ تحدني زندگيءَ جا ٻيا اڪيچار خصوصي الفاظ شامل آهن، جن جا نموني خاطر چند دفعات ڏنا ويا آهن.

### ٻوليات يا لفظيات (Vocabulory)

#### انسان ۽ سندس ماحول جا آواز

جهيڻو، هلڪو، ڳورو، مٺو، ڪڙو، سريلو، رسيلو، تکو، تيز، ٻي

اڃ ٿي اڃ، رتوڇاڻ، سهانو، سنسان، ويران، اونداهو، ڏنڌلو، گهاٽو، جڳمڳائيندڙ، چمڪيلو، چمڪاٽ، اڇاڻ، رنگ برنگي، لالاڻ، ٽمٽائيندڙ، رونقدار، ڪهڪشان، ٽترڪرڙي، ٻيڪيدار، ٽمڪندڙ، جهامندڙ، لهرائيندڙ، گل فام، گلن سان جهنجهيل، رنگين نمائشي، جهلڪ، خيره ڪن، غضب الود، درخشان، سائيدار، ڇانورو، داغدار، دونهاٽيل، دلفريب، طوفان خيز، زردي ڇانيل، مردگي ڀيل، وحشتناڪ، ڀيانڪ، خوفائتو، مهيب، ساوڪ ٿي ساوڪ، لهردار، ميرو گندو، صاف اجلو، نيلاهٽ، ڪارائڻ، جهرمٽ، گدلاڻ.

## سنگهڻ

تيز، نڪ ساڙيندڙ، تکي، بدبودار، سڙيل بوءِ، تيل سڙي، ڀيني ڀيني، هٻڪار، سڳند، مشڪ، خستوري، خوشبوءِ، معطر، واس ڌوپ، باسي، ڏپر، عطر عنبير، ڪومو، سڙيل بوءِ دونهين، گندرفي.

## اسم مجمع

ماڻهن ٻين ساهوارن ۽ ڪيترين شين جي ميڙ لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ خصوصي الفاظ آهن، جن کي ياد ڪرڻ ۽ انهن جو درست استعمال ٻوليءَ جو ضامن آهي. مجمع وارن لفظن ۾ ظاهري طرح ڪجهه فرق ناهي پر غور ڪبو ته ڪن ٻه ٻن لفظن ۾ معنيٰ جي ڪانه ڪا تخصيص ضرور هوندي.

## ماڻهو ۽ شيون

1. مجلس يا ڪاڄ ۾ ويٺل ماڻهن جي مجمع کي ميڙ چئبو آهي.
2. رستي ۾ ڪنهن اتفاقي حادثي باعث گڏ ٿيل ماڻهن جي مجمع کي حشام چئبو آهي.
3. ڪنهن جلوس يا سرڪس ۾ شامل ماڻهن کي انبوهه چئبو آهي.
4. ڪنهن تماشي تي گڏ ٿيل ماڻهن جي مجموعي کي هجوم چئبو آهي.
5. ڪنهن ميلي ملاکڙي تي گڏ ٿيل ماڻهن جي مجمع کي ميڙو يا ميڙاڪو چئبو آهي.
6. پيشور مردن جي مختصر مجمع کي ٽولو چئبو آهي، جيئن ته فقيرن جو ٽولو، چورن جو ٽولو، گاڏرن جو ٽولو.

7. راهگيرن يا مسافرن جي مختصر مجمع کي لڏو چئبو آهي.
8. سامان سان سوار ماڻهن جي مختصر مجمع کي ڏمبلو چئبو آهي.
9. هٿيارن سان ليس پوليس جي مجمع کي اٽالو چئبو آهي.
10. فوجي سپاهين جي اجتماع کي لشڪر چئبو آهي.
11. هوائي، بحري يا ٻي مخصوص فرائضن واري مختصر فوج کي ڪمڪ چئبو آهي.
12. گهوڙي تي سوار ڌاڙيلن يا چورن جي مجمع کي گهل چئبو آهي.
13. گڏيل سامان جي مجمع کي سٿو چئبو آهي
14. ڪپڙي جي مجمع کي ٿان چئبو آهي.
15. اناج جي مجمع کي انبار چئبو آهي.
16. ڪاٺين جي مجمع کي لَڏ چئبو آهي.
17. مٽيءَ جي مجمع کي ڍڳ چئبو آهي.
18. ٻيڙين جي مجمع کي مَڏ چئبو آهي.
19. پاڻيءَ جي جهازن جي مجمع کي آرماڙ چئبو آهي.
20. وڻن جي مجمع کي جهنڊ چئبو آهي.

## جانور ۽ پکي

1. مينهن ڍڳين جي مجمع کي گهرَ چئبو آهي.
2. رڍن ٻڪرين جي مجمع کي ڌڻ چئبو آهي.
3. اٺن جي مجمع کي وڳ يا گلو چئبو آهي.
4. ڪتن جي مجمع کي لوڌ چئبو آهي.
5. ڇيلن جي مجمع کي ڇانگ چئبو آهي.
6. ڪونجن جي مجمع کي قطار چئبو آهي.
7. اڏامندڙ جي مجمع کي ولر چئبو آهي.
8. ٻنيءَ جي سنگ ڪاٽيندڙ پکين جي مجمع کي جهار چئبو آهي.
9. پتنگن، ماڪوڙين يا ٻين سنهن جيتن جي مجمع کي ڪدرڪون چئبو آهي.

## جانور ۽ پکين بابت ڪجهه ٻيا خصوصي الفاظ

### جانور ۽ سندن ٻچا

| | | |
|---|---|---|
| ڪتي | — | ڪُتَرُ |
| ٻلي | — | ٻونگڙو |
| ٻڪري | — | گابو - گابي |
| مينهن | — | وڇ - پاڏو |
| گهوڙي | — | وڇيرو |
| مڇي | — | ڪرڙي |
| اٺ | — | گوئٽرو |
| مڪڙ | — | اونگر يا ڪهه |
| گڏه | — | ڪودڙو |
| سوئر | — | ٻٽر |

### ڪن ساهوارن جي رهڻ جون جايون

ٻر، چر، ڏر، واڙ، وٿاڻ، طنبيلو، آکيرو، مانارو، ڇتو، ڪُڙهه، ڪکر، کڏي.

### مشق - 1

ڏسون ته رواجي طرح ڪم ٿيو ته واهه نه ته ڪيئن ٻه ڪري پورائي ڪنداسون.

مٿيون جملو عمومي آهي. ڇاڪاڻ ته ٿلهن اکرن ۾ آيل لفظ مبهم آهن. ان ڪري جملي مان ڪوبه واضح مطلب نٿو نڪري. اسان ساڳي جملي کي خاص معنيٰ ۾ تبديل ڪري سگهون ٿا. جيئن ته:

1. جيڪڏهن معمول مطابق سئنيما جي ٽڪيٽ ملي ته ٺيڪ نه ته بليڪ تي وٺنداسون.
2. جي پاڻ کي مسواڙ جي جاءِ ڏيڻ کان انڪار ڪيائين، ته ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي سفارش آڻينداسون.

هاڻي هيٺ عمومي جملن کي خصوصي جملن ۾ بدلايو:

1. سڄي گهر جي اهڙي حالت ڏسي، مون کان رهيو نه ٿيو.
2. جي پنهنجو ڪري ڀانئين ها ته هوند ائين نه ڇڏين ها.

اجا ٿورو ٻهر مينهن وسيو آهي ته اسان جي ڪڪائين جاءِ جي ڇت مان اجا سوڏو پيو پاڻي ڦڙو ڦڙو ٿيو ٽمي، تڏهن ته چيو اٿن ته "مينهن پوي ٻه وقت ۽ چنو ٽمي ڇهه وقت."

4. ريل گاڏيءَ جو سفر نهايت عجيب آهي. جيڪي ورچڻا هوندا سي ته اهڙيءَ مسافريءَ ۾ ڏاڍو تنگ ٿيندا آهن پر ڪي ماڻهو ڳالهين جا پڙ ٿيندا آهن. ۽ طبيعت جا ٻه ڏاڍا خوش ۽ ڪلمک ٿيندا آهن، سي ٻين مسافرن سان جلدي ملي جلي ويندا آهن ۽ انهن ڪي پاڻ مسافريءَ مان لطف ايندو آهي. مسافرن سان گڏ سندن لڳ لاڳاپيدار به ڪين اسٽيشن تي ڇڏڻ ايندا آهن. ان ڪري هر گاڏيءَ جي اچڻ وقت ماڻهن جا ميڙ ٿلهي تي گڏ ٿي ويندا آهن. هڪ عجيب ڏيک پيو ڏسبو آهي. ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن پيا ڦرندا ۽ اچ وچ ڪندا آهن. شاهين ايڪسپريس آئي ته ڏسون ته هر گاڏيءَ ۾ گنجائش کان گهڻا ماڻهو ڦاٿا پيا آهن.

**مشق** – 3

هيٺ ڪن حسي الفاظن ۽ اِسم مجمع جي الفاظن جا نهايت موزون ۽ صحيح جملا ڏنا ويا آهن. اوهان ساڳي باب مان باقي لفظن جا اهڙائي جملا ٺاهي ڏيکاريو.

سنگهڻ

1. گلن جي هبڪار انسان جي دماغ کي تازگي بخشي ٿي.
2. باغ جي فضا ٻيني ٻيني هئي.
3. مجلس جو ماحول معطر معطر هو.

آواز

1. ڪار روڊ تان ڦر ڦر ڪندي لنگهي وئي.
2. آسمان تي پکي ڦڙ ڦڙ ڪري اڏامي رهيا هئا.
3. رات جو خاموشيءَ ۾ گهڙيال جي ٽِڪ ٽِڪ چٽيءَ طرح پئي ٻڌڻ ۾ آئي.
4. زوردار واءُ ۾ وڻ لڏي رهيا هئا ۽ پنن جي کڙ کڙ جو آواز پئي آيو.
5. دروازي تي ڪير ٺڪ ٺڪ ڪري رهيو آهي.

1. گهٽي ڪنئين ڇپر ڪڇي، سو جيڪڏهن يڪمشت ٻنجي، ڪنهن ٻاري ڪم ۾ هٿ وجهنداسون ته ضرور ڪامياب ٿينداسون.
2. اهڙي ڪڏي ڪم ڪرڻ تي ڪيس پنهنجو اندر ضرور ڪائينداو موندو.
3. ڪريم داد ڪرسيءَ تي هو، تڏهن ڪنهن کي ڪنگهندوئي ڪونه هو.
4. توکي ادلي جو بدلو مليو آهي، سچ چيو اٿن پنهنجي ڪئي جو ڪيتو ضرور لوڙڻو پوي ٿو.
5. وزيرن ۽ ميمبرن جي دفترن اڳيان ڪيترائي حاجتمند پيا ڪڙ ڪنڙ ٿين.
6. ڪاٻه مشڪل مهم هر ڪنهن للوپنجوءَ ڪان سر ڪانه ٿيندي، پر اهو هڪ باهمت انسان جو ڪم آهي.
7. مائٽ ٻارن جي پرورش ۽ سنڀال ڪري انهن تي ٿورو ڪونه ٿا ڪن، پر قدرت طرفان سونپيل فرض ٿا بجا آڻين.
8. ادبي محفل جي سرواڻ آخر ۾ تقرير ڇا ڪئي، ڄڻ ته ٻوڙ هاريو.
9. خدا داد جي ڳوٺ ۾ چورن ٻيگهي مچائي ڏني هئي، اصل اهڙي حالت جو رکُ ٿيڙ نه رئي.

باب ڇهون

# جڙواتي ٻولي يا تشڪيلي ٻولي

سنڌيءَ ۾ هڪ لفظ آهي جڙاءُ. جوهري يا سونارا زيورن تي موتين يا نگينن جو جڙاءُ ڪندا آهن. جڙاءُ جو جمع آهي جڙائون. جڙاءُ جو مقصد ٿي هوندو آهي اصل شَي جي سنڌن يا نقش نگار کي زياده نمايان ڪري ٻيهارڻ. جوهري پنهنجي ڳهڻ ۾ موتين، لعلن، نگينن ۽ ميناڻن سان جڙائون ڪن ٿا ۽ اهڙيءَ طرح اسين به مطلب کي چٽائي سان ظاهر ڪرڻ يا ڪنهن شَي يا امر جي رُخ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ جڙائون ڪندا آهيون. شعر ۽ ادب ۾ ته اهو فن ايجا به گهڻو استعمال ٿيندو آهي. جنهن جملي يا عبارت ۾ اهي جڙائون استعمال ڪن تنهن کي چئجي جڙاوتي ٻولي.

هاڻي ٻوليءَ ۾ جڙاءُ ائين ٿيندو آهي، جو هڪ شَي کي نمايان ڪرڻ يا معلومات ڏيڻ واسطي، ٻي مناسبت رکندڙ شَي سان ان جي ڀيٽ ڏيکاربي آهي، ان ڪري ان کي تشڪيلي ٻولي به چئبو آهي، يعني ته شڪلين جي مدد سان اظهار.

اها انسان جي فطرت آهي ته هو هر ڳالهه اثرائتي نموني بيان ڪرڻ چاهيندو آهي، جيئن مخاطب به ساڳي هن جهڙي ڪيفيت محسوس ڪري، ان ڪري هو تشڪيلي ٻوليءَ جو سهارو وٺندو آهي ۽ جڙاوُتن ذريعي پنهنجي بيان کي اثرائتو بنائيندو آهي. فرض ڪريو ته ڪو ماڻهو "رش" سان دوچار ٿيو آهي. هو ان جو اظهار هن ريت ڪندو. "بس ۾ رش ڇا هئي، اصل پير رکڻ جي جاءِ نه هئي، سڄي واٽ هڪ ٻئي جي مٿان ائين سٽيا پيا هجون جڻ ته ڪنهن رڍون ٻڪريون واڙي ڇڏيون هجن." ڪو ريل جو.مسافر هن طرح چوندو "ريل گاڏيءَ جو سفر سراسر زحمت هو جنهن گاڏي ۾ وڃي ويناسون، سو به ڇڪڙو هو. گاڏيءَ جي هلڻ سان سڄو پئي لڏيو. بس پينگهه ۾ پئي لڏياسون پيو ته وري وڻي وڻي به ڪڙهجي پياسون. ايڏي ته ڍري رفتار هوس جڻ ته ڍڳي گاڏيءَ ۾ سوار هجون." ڪنهن تماشبين کي اگر ڪنهن ڳائڻيءَ جو آواز وڻيو هوندو ته ان جو اظهار ڪجهه هن طرح سان ڪندو. "آواز ڇا هوس ڪوئل جي ڪوڪ هئي. اصل مٺا جيارئي ٿي

استعاري يا تشبيهه جي اثر انگيزي اُن جي اظهار خيال جي قوت تي مدار رکي ٿي. اهو جيترو قدر دقيق ۽ پيچيده گهٽ هوندو ۽ عام گفتگو ۽ مشاهدي جي قريب هوندو. اوتريقدر پڙهندڙ يا ٻڌندڙ تي گهرو تاثر ڇڏيندو ۽ جلدي ادبي ٻوليءَ ۾ روان ٿيندو. اهي جزائون مختصر لفظن ۾ هڪ وسيع تر خاڪو يا تصوير ٺاهين ٿيون ۽ مفهوم ۽ مطلب کي گهرائي بخشين ٿيون. ساڳي ڳالهه هوندئن اسين رواجي طرح به چئي سگهون ها، ليڪن اها ايتري اثرائتي نه ٿئي ها.

علم ۽ ادب جي دنيا ۾ بعضي استعارا ۽ تشبيهون ڪجهه ڏکيرڙا به ٿين ٿا، جن کي سمجهڻ لاءِ ضرور ڪجهه سوچ کان ڪم وٺڻو پوي ٿو، ليڪن هڪ دفعو سمجهي وڃڻ کان پوءِ يقيناً ان جي گهري اثر مان محظوظ ٿجي ٿو.

مثال طور زندگيءَ جي بي ثباتي يا انسان جي بي بقا عمر بابت شاعرن ڪلام ۾ ڪيترائي دل آويز ۽ سهڻا نقش چٽيا آهن، جي پڙهندي هڪ قسم جي عجيب ڪيفيت طاري ڪري ڇڏين ٿا.

1. جر تي ڦوٽو جيئن، لهرن لڳي اڌ ٿئي،
تون پڻ آهين تيئن، دنيا ۾ ڪو ڏينهڙو!

2. ٻَکهَہ ٻَرَ ڪولي،
ٻولي ٻولي،
هڪ ٻئي کان ٿي ويندا ڌار،
سمجهه ڇا آهي سنسار!

پهريون بيت شاهه لطيف جو آهي، جنهن ۾ شاعر انسان جي حياتيءَ کي "جَرَ تي ڦوٽو" يعني ته "پاڻيءَ جي حباب" سان تشبيهه ڏني آهي. جهڙيءَ طرح "پاڻيءَ جي حباب" جو وجود تمام ٿوري وقت لاءِ آهي ۽ اهو لهرن جي لهڻ ۽ چڙهڻ سان ساڳي لمحي ۾ ختم ٿي وڃي ٿو. تهڙيءَ طرح انسان جي زندگي به هن دنيا ۾ بلڪل عارضي آهي. شاعر انسان جي زندگيءَ کي "حباب" سان ڀيٽي ان جي "ناپائداريءَ" جو اظهار ڪيو آهي. ڪو ماڻهو سؤ ورهين جي عمر ۾ مري ته به مرندڙ ان سان ان وقت ائين ڀائيندو آهي ته ساري حياتي هڪڙي ساعت ۾ گذري وئي.

ٻيو بند شيخ اياز جي گيت مان ورتل آهي. جنهن ۾ هڪ سهڻو استعارو ڏنو ويو آهي، جو ٻه انسان جي عارضي زندگيءَ متعلق آهي. ليڪن شاعر ان ۾ هڪ ٻئي پهلوءَ کان انسان جي فاني زندگيءَ جو ذڪر ڪيو آهي: هو چوي ٿو ته جهڙيءَ طرح ڪنهن ڊنڊ جي ڪپ تي پکهه پرڙا ڪولي هڪ ٻئي سان پيار ونديندا آهن، ليڪن نما شام جو منهن اونداهي ٿيڻ سان اهي اڏامي هڪدم پنهنجي پنهنجي آستاني ڏانهن راهي ٿيندا آهن، تهڙيءَ طرح انسان ٻه هن دنيا ۾ چند گهڙيون گذارڻ اچي ٿو، ڪن ماڻهن سان قرب وندي ٿو. پيار ۽ رساما ڪري ٿو، ليڪن ساري عمر ڪنهن نه ڪنهن سان ضرور پيار جي رشتي ۾ ڳنڍيل رهي ٿو ۽ ائين زندگيءَ جو مختصر وقت پورو ڪري پنهنجي اصل آستاني ڏانهن ڪوچ ڪري وڃي ٿو. گويا شاعر ٻڌائي ٿو ته پيار ۾ گذاريل لمحا امر آهن ۽ انسان جي صرف اهائي زندگي سڦلي آهي، جيڪا هو محبت ۾ گذاري ٿو.

جڏهن اسان پنهنجي ٻوليءَ جي ڪن ”لفظن“ تي غور ڪنداسون ته اها ڳالهه آشڪار ٿيندي ته حقيقت ۾ شروع ۾ اهي ٻه هڪ قسم جون تشبيهون هئا، جيڪي پوءِ يڪ قالب لفظ بنجي، ڪنهن هڪ عام فهم اَمَرَ واسطي ڪم اچڻ لڳا.

مثال طور:

1. ڪلمڪ: (ڪلڻ جهڙو چهرو) خوش مزاج.
2. سورج مکي: (سورج جهڙي مک وارو) گل جو نالو.
3. تتر ڪرڙي: (تتر جي ڪنين وانگر چٽ چٽ) ڪهڪشان.
4. شير دل: (شينهن جهڙي دل رکندڙ) بهادر.
5. خر مغز: (گڏهه جهڙو دماغ) بيوقوف.
6. ڏانداري: (ڏندن وارو) اوزار.
7. گل رنگ: (گل جهڙو رنگ) سهڻو.
8. دريا دل: (دريا وانگر دل رکندڙ) سخي.

اهڙيءَ طرح اسين ڳالهه ٻولهه دوران ٻه ڪيترين ئي تشبيهون ۽ استعارا ڪم آڻيون ٿا، ليڪن آزادگيءَ ۽ روانيءَ سان انهن جو استعمال رفته رفته اسان مان اهو احساس ڪڍي ڇڏي ٿو. حالانڪ ان ۾ ٻه مفهوم کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ساڳيءَ طرح ٻي شيءِ سان ڀيٽ جو سهارو ورتو پوي ٿو،

ٿو. "ڪنايا" نه رڳو مطلب ڪي بيان ڪرڻ ۾ تير بهدف ثابت ٿين ٿا، بلڪ پڙهندڙ ان ۾ سمايل "اشاري" کي شناخت ڪري گهڻو لطف اندوز به ٿئي ٿو. تشبيهه ۽ استعاري وانگر ڪنايا به شگفته ۽ ذوقي رنگ رکن ٿا ۽ آسانيءَ سان ياداشت ۾ اچي سگهن ٿا. تاهم "ڪنايي" کي خبرداريءَ سان استعمال ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن پڙهندڙ "ڪنايي" کي نه سڃاتو ته سڄو جملو سندس لاءِ بي معنيٰ بڻجي پوندو ۽ ٿي سگهي ٿو ته هن ۾ لکيت متعلق ناراضگي پيدا ٿئي ۽ ماڳهين پنهنجي لاعلمي تي ڏوهه ڏيڻ بدران ائين چوي ته هي ڪنايو رڳو پنهنجي علمي وڏائي خاطر لکيو ويو آهي ۽ اهو ايتري قدر ته مغلق آهي، جو ڪنهن به معمولي پڙهندڙ مان ان جو مطلب ڪيڻ جي توقع رکي نٿي سگهجي. ان الزام کان بچڻ خاطر لکندڙ کي تمام گهڻو ڌيان ڏيڻ گهرجي ۽ ڪنايو استعمال ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪيس معقول حد تائين يقين ڪري وٺڻ کپي ته پڙهندڙ يا ٻڌندڙ ان مان آشنائي حاصل ڪري سگهندا.

1. بازار ۾ هڪ تمام سٺي شَي جو نيلام ٿي رهيو هو. اهڙي شَي تي ڪوبه شوقين واڪ ڏيڻ کان سواءِ رهي نه سگهي ها. جيتوڻيڪ پئسا ٿورا هوم، ته به چيم ته يوسف جي خريدارن ۾ نالو ضرور ڳڻايان.
2. پراڻي دور جي ماڻهن ۾ ڪيترا گڻ هئا، جي هن وقت جي ماڻهن ۾ بلڪل عنقا آهن.
3. سيٺ نورالدين پنهنجي دور جو سخي حاتم هو جنهن غريبن جي ڀلائيءَ خاطر ڪيترا سخاوت جا ڪم ڪيا.
4. ڪي حڪمران ملڪ جي اقتدار تي "پير تسمايا" وانگر چهٽي پوندا آهن.
5. ونجهوٽيءَ جو ميدان ڇا هو، ڄڻ ته پاڻيپت جي لڙائي هئي، ٻنهي ٽيمن کي اڄ فيصلو ڪن راند ڪرڻي هئي.
6. هيءَ واقعي عجيب جهڙي ڳالهه ڇئجي. اهڙو پهلوان شخص هڪ بزدل هٿان شڪست کائي ويو. ڇئبو ته گدڙ کان شينهن مارجي ويو پيو ڇا؟

1. هاڻي پهرين مختصر عبارت ۾ "يوسف جي خريدارن ۾" جو ڪنايو آيل آهي جنهن ۾ حضرت يوسف پيغمبر جي غلام ٿي وڪامڻ واري واقعي ڏانهن اشارو ڪيل آهي. هاڻي ڪو پڙهندڙ انهيءَ حسن عبارت مان رڳو تڏهن لطف اندوز ٿي سگهي ٿو، جڏهن ان ڪنايي جي نسبت واري واقعي جي پوري ڄاڻ هوندس.

2. "عنقا" هڪ فرضي پکي آهي، جنهن جو ڪوبہ وجود ناهي ان جو ذڪر صرف ڪهاڻين ۾ آهي.
3. حاتم طائي سخاوت جي نالي سان مشهور آهي. هڪ ماڻهو جي نسبت ان سان ڳنڍي ڪنايي جو شان پيدا ڪيو ويو آهي.
4. "پير تسماپا" الف ليليٰ جو هڪ فرضي ڪردار آهي، جو ڪنايي طور استعمال ڪري اعجاز بيان پيدا ڪيو ويو آهي.
5 پاڻيپٽ جي ميدان کي تاريخي اهميت آهي. اتي هرڪا جنگ فتح ۽ شڪست جي لحاظ کان فيصلو ڪن لڙي وئي ۽ هر جنگ بعد فاتح ڌر ملڪ جي ساهہ و سفيد جي مالڪ بنجي وئي.
6. آخري عبارت ۾ هڪ هٿرادو پيٽ ڪري "ڪنايو" ٺاهيو ويو آهي. اهڙي ڪنايي کي مصنوعي چئبو آهي. ڇاڪاڻ تہ "ڳدڙ جو شينهن مارڻ" تاريخي ادبي روايت طور اهڙي ڪابہ روايت ناهي، پر هي ڳالهہ مشاهدي جي خلاف آهي. ليڪن بيان ۾ جيئن تہ ان جي متعجب خيز پهلوءَ کي ظاهر ڪرڻو هو، تنهنڪري هڪ هٿرادو پيٽ ڪري "ڪنايو" ٺاهيو ويو.

مٿين تشريح کان پوءِ پڙهندڙ "ڪنايي" جي ماهيت ۽ حقيقت بخوبي سمجهي ويا هوندا.

## مجاز مرسل

مجاز مرسل، اهو ذهني اختراع آهي، جنهن جي وسيلي بي جان شين، حيوانن، واقعن ۽ غيرذي روح نظارن وغيره ۾ انساني جذبا ۽ اوصاف پريا وڃن ٿا. هيٺ مثال ڏجن ٿا؛

1. عقاب پنهنجي پهاڙي تخت ڏانهن اڏاڻو ۽ پنهنجي سلطنت جي لامحدود وسعتن جو جائزو ورتائين.
2. "حق" ۽ "انصاف" کي اڄڪلهہ هاڻيءَ جي پيرن هيٺا لتاڙيو ويو آهي. پر آخرڪار هڪ ڏينهن سڄي دنيا ۾ انهن جي حڪمراني ٿيندي.
3. باهہ جي بکايل شعلن، ڪاٺ جي عمارت کي پنهنجو لقمو بنائي ڇڏيو.
4. جيڪي وڻ غرور سان ڳاٽ اوچو ڪريو بيٺا هئا. سي سخت طوفان جي قدمن ۾ جهڪي ويا.
5. بيلي پنهنجي چوڌاري مغرورن خلاف منصوبو سٽي ڇڏيو هو.
6. ڌاڙيلن جي للڪار ٻڌي ڳوٺ جاڳي پيو.

7. امير جي ڀپڪيدار پوشاڪ، نہ رڳو هنن جو توجهہ پاڻ ڏانهن ڇڪيو، پر مٿن رعب طاري ڪري ڇڏيو.
8. هڪ ٽن ڏينهن جو بکايل فقير شاهي محلات وٽان اچي لانگهائو ٿيو. اندر ڪنهن شادمانيءَ جي تقريب هئي. ليڪن فقير جي صدا باوجود پهريدار ڪيس ڌڪا ڏئي ڪڍي ڇڏيو. هن ائين سمجهيو تہ محلات جو اوچون ديوارون سندس غريبيءَ تي ٺٺول ڪري رهيون آهن ۽ ان مان نڪرندڙ تيز روشنيون سندس وجود ڪان نفرت جو اظهار ڪندي ڪيس ڌڪاري رهيون هيون. گانن بجانن جا آواز ۽ موسيقيءَ جا سر هيڪاري هن غريب جي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪي رهيا هئا.
9. باغ ۾ ٻوٽن جا قسمين قسمين گل ڦل ڇڻ تہ ڪين واڌايون ڏئي رهيا هئا. هن ائين سمجهيو تہ سڄي ڪائنات سندس خوشيءَ ۾ ساڻس جهومي رهي آهي.
10. حملہ آورن جي خلاف سڄو شهر اٿي کڙو ٿيو.

1. ٻهرين مثال ۾ تخت ۽ سلطنت جي حدن جي ڳالهہ آهي. جيڪا صرف انساني عقل ۽ انتظام سان واسطو رکي ٿي، ليڪن هتي عقاب پکيءَ سان اهي لاڳو ڪيون ويون آهن.
2. حق ۽ انصاف ڪي "جاندار شيون" نہ آهن، جن ڪي ڇيپاٽي ماريو ويو هجي ۽ نہ وري، سچ پچ هتي ڪو ڪنهن حقيقي هاٿيءَ جي ڳالهہ آهي، پر بي انصافي ۽ ظلم جي "هلت" ڪي هاٿي چيو ويو آهي.
3. "باهہ جا شعلا" ڪي جانور ناهن ۽ وري "عمارت" بہ ڪا ڪائڻ جي شَي ناهي پر انهن ٻنهي ۾ انساني وصفون بيان ڪري، واقعي ڪي جاندار ۽ پرزور بنايو ويو آهي.
4. طوفان جا قدم ڪونہ ٿيندا آهن ۽ نہ وري وڻ ڪي انسانن وانگر فرشي سلام ۾ نمندا آهن پر هتي رڳو طوفان جي تيزي بيان ڪرڻ لاءِ ائين چيو ويو آهي.
5. "ٻيلي" ڪي ڪا انساني سمجهہ يا طاقت ناهي. اهو تہ پنهنجي جاءِ تي ساڳيءَ طرح قائم آهي، ليڪن پوليس مفرور چورن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ اُتي پنهنجو مضبوط چار ڦهلائي ڇڏيو، جيئن چور اتان نڪري نہ سگهن. هتي پوليس جي پکڙيل چار ڪي ٻيلي جي ڪاروائي بيان ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح باقي مثالن تي بہ غور ڪندا تہ هرهڪ مجاز مرسل ۾ ڪنهن

باب ستون

# اصطلاحي ٻولي

اصطلاحي ٻولي به عام ٻوليءَ يا ٻول چال کان الڳ ناهي. هر ڪنهن ٻوليءَ ۾ فطري طور اهو صلاحيت جو انگ سمايل آهي، جيڪو ٻوليءَ جي لفظي ذخيري وڌڻ سان گڏوگڏ وڌندو رهي ٿو. رواجي ٻوليءَ ڪان اصطلاحي بيان، اظهار ۽ مطلب ۾ گهرائي پيدا ڪري ٿو. ٻوليءَ تي مهارت جو دارومدار رڳو لفظن جي معنيٰ سمجهڻ تي ناهي، بلڪ ان لاءِ اصطلاحي ٻوليءَ تي دسترس حاصل هجڻ به لازمي آهي. ڪوبه ماڻهو جڏن نئين ٻولي سکندو ته ڪيس رواجي لفظن، فقرن ۽ صرف نحو سمجهڻ ۾ گهٽ دقت ڪانه ٿيندي، پر اصطلاحي ٻولي نئين سکندڙ لاءِ واقعي حقيقي طور مشڪلات پيدا ڪري ٿي. اها ڪيس نه رڳو عجيب لڳندي پر اصطلاحي باريڪين ۽ معنوي نڪتن تي عبور حاصل ڪرڻ ۾ ڪافي دماغ سوزي ۽ وقت درڪار ٿئي ٿو. سنڌي اصطلاحي ٻولي ٻين ٻولين وانگر نه رڳو دلچسپ آهي پر ان جو دائرو به ڪافي وسيع آهي، جنهن جو سمجهڻ ۽ درست استعمال ٻوليءَ جي صحت جو ضامن ٿئي ٿو. ازانسواءِ حقيقي قوت اظهار جو دارومدار به فقط اصطلاحي ٻوليءَ تي آهي.

شاگردن کي ٻوليءَ تي دسترس حاصل ٿيڻ لاءِ ضروري آهي ته ڪين عام اصطلاحي نمونن کي عبارت ۽ بيان ۾ صحيح طريقي سان ٻيهارڻ اچي، ان ڪري هن باب ۾ اصطلاحي نمونن ۽ انهن جي ماهيت ۽ استعمال کي مثالن سان سمجهايو ويو آهي. اصطلاحي ٻوليءَ جا عام نمونا هي آهن:

(1) اصطلاح ۽ محاورا. (2) ٻهاڪا ۽ چوڻيون.

## 1. اصطلاح ۽ محاورا

اصطلاح يا محاوري جي لغوي معنيٰ آهي ٻولي يا ٻول چال. دراصل هيءَ اهي فقرا آهن، جن ۾ استعمال ٿيل لفظ، پنهنجي ظاهري معنيٰ کان هٽي ڪري

بلڪل مختلف مطلب ادا ڪن ٿا. 'اصطلاح' ٻوليءَ جو اهو قسم آهي، جنهن ۾ لفظن جي ظاهري معنيٰ هڪڙي هوندي آهي، ليڪن حقيقي معنيٰ ٻي ورتي وڃي ٿي. رعب ويهارڻ، ٻناڪ هڻڻ، نقصان ٿيڻ، اجايو ڪم ڪرڻ، روزگار وڃائڻ وغيره. اگر انهن سنون سڌن فقرن بدران جيڪڏهن ساڳي مطلب واسطي اسين هيٺن چئون ته: اک ڏيکارڻ، اڀ ڦاڙڻ، ٿيو اونڌو ٿيڻ، ڦليار ۾ ڦوڪون ڏيڻ، پيٽ تي لت اچڻ وغيره ته پوءِ يقيناً اهي اصطلاح چئبا. اهڙيءَ طرح اصطلاح کي سمجهڻ واسطي ان جي "حقيقي مفهوم" ڄاڻڻ جي ضرورت پوي ٿي.

عموماً اصطلاح فعلي صورت ۾ ٿين ٿا ۽ اهي جملي ۾ مصدر مطابق ڦرن ٿا. ليڪن ڪجهه اصطلاح اهڙا به آهن، جيڪي پنهنجي مشتقات سميت جملي ۾ جيئن جو تيئن قائم رهن ٿا ۽ انهن جي مصدري صورت نه هوندي آهي. مثال طور 'سهي جي ڪل' 'نائي ويڙهو' 'ڪاريءَ وارا ڪڪ' "گونگي گانءِ' 'دٻي ۾ نڪريون' وغيره. اهڙن گفتن کي هتي محاورا چيو ويو آهي. حقيقت ۾ محاورا به اصطلاح آهن، ليڪن جملي ۾ اهي سالم صورت ۾ ورجائبا آهن.

ڪيترا محاوراتي ٻول Idiomatic phrases خوش طبعي ۽ مزاح ۾ رڳو لفاظيءَ خاطر به دهرائبا آهن ۽ جيڪڏهن ساڳين اصطلاحن کي "حقيقي بيان" ۾ استعمال ڪبو ته سموري تحرير ڪل جهڙي ٿي پوندي.

مثال طور، ڪن اصطلاحن ۾ وڏائي بيان ڪيل هوندي آهي. جهڙوڪ ڦاڙا مارڻ، اک ڪارا ڪرڻ ۽ ٻڳون ٻڌائڻ وغيره. مگر اهي تعريف لاءِ نه بلڪ ٺٺول خاطر چيل آهن، اهڙن اصطلاحن کي حقيقي طور ڪنهن احسن طريقي يا افضل ڳالهه لاءِ يا وري محض ڪنهن بحث جي مثبت پهلوءَ کي واضح ڪرڻ واسطي استعمال ڪرڻ يقيناً بيان ۾ عيب پيدا ڪندو. مثال طور: اسان ائين چئي ڪونه سگهنداسون ته فلاڻي يا فلاڻي عالم علم ادب ۾ اک ڪارا ڪيا. جيڪڏهن ائين چئبو ته اها هڪ فاش غلطي ٿيندي.

اصطلاح نه رڳو ظاهر استعمال ٿيل لفظن کان مختلف معنيٰ رکن ٿا، مگر ڪن جي باطني معنيٰ ۾ اڃا به گهڻي باريڪي سمايل هوندي آهي. عام گفتن ۽ اصطلاحن جي باريڪين ۽ اطرافن کي نه سمجهڻ سببان اهڙي غلطي سرزد ٿيڻ جو امڪان رهي ٿو، جنهن مان بيان انتهائي لغو ۽ بي،وقعت بنجي سگهي ٿو.مثال طور "قيامت جا ڏڍا ويڙهڻ" ممڪن آهي ته ڪو پڙهندڙ ان

ڪي وڏي عمر لاءِ دعا سمجهي. مگر دراصل هن ظاهري دعائيہ فقري ۾ بددعا جي معنيٰ رکيل آهي ۽ "ڄڙي ڄڙي مرڻ" لاءِ چيو ويو آهي. ڪيترا لکندڙ اصطلاح يا عام فقري ۾ سمايل فهم کي پوريءَ طرح نہ سمجهڻ سببان لغزش کائي ويندا آهن. جيئن تہ هڪڙي اديب سانوڻ فقير سگهڙ جي شاعريءَ جي مستحسن پهلوءَ کي بيان ڪندي لکيو آهي تہ "سانوڻ نڙ جي بيتن ۾ خاص طور سسئي ۽ مارئيءَ ۾ هاڃا ڪري ڇڏيا آهن!" هاڃا ڪرڻ معنيٰ ٻينگ ڪرڻ يا سَج ڪرڻ. اهو فقرو ڪنهن بہ صورت ۾ تعريفي نہ آهي مگر هجوَ آهي.

هن باب ۾ شاگردن کي اصطلاحن جي استعمال کان پوريءَ طرح واقف ڪرائڻ لاءِ هرهڪ اصطلاح جا هڪ کان وڌيڪ مثال ڏنا ويا آهن. ازانسواءِ اصطلاحن لاءِ ڏنل "مثالي جملہ" يا "مختصر عبارتون" جيتوڻيڪ عام گفتگو جا حامل آهن، تاهم انهن ۾ ادبي چاشني Litrary Taste بہ آهي. ازانسواءِ اصطلاحن کي هڪ کان وڌيڪ بيانن ۾ ان ڪري بہ استعمال ڪيو ويو آهي، جيئن گفتگو ۾ هرهڪ جي حد ۽ امڪان کي چڱيءَ طرح ظاهر ڪري سگهجي.

مثالي جملن لاءِ رڳو پراڻي قسم جي گهريلو ٻوليءَ تي دارومدار نہ رکيو ويو آهي، بلڪ جديد ٻوليءَ، ئون سماجي مسئلن ۽ انساني تعلقات جي اڄوڪي حيثيت مطابق عام فهم ۾ مثال ڏنا ويا آهن. جيئن پراڻن اصطلاحن کي تروتازگي حاصل ٿئي ۽ اهي جديد ٻوليءَ ۾ بہ زندهہ رهندا اچن.

شاگردن کي اصطلاح سيکارڻ جو مقصد هوندو آهي تہ هو ٻوليءَ کي روانيءَ ۽ خوبصورتيءَ سان ڳالهائي ۽ لکي سگهن. اڪثر ڪري ممتحن حضرات ۽ استاد صاحبان جي اها روش ڏٺي وئي آهي تہ هو شاگردن کان بلڪل غير مانوس ۽ ڪن مخصوص ڏنڌن متعلق غير معروف اصطلاحن بابت پڇندا ۽ ڪين جملن ۾ استعمال ڪرڻ تي زور ڀريندا آهن ۽ ڪڏهن تہ وري سواليہ پيپرن ۾ اصطلاح جي زمري ۾ اهڙا بہ "عام فقرا" استعمال ڪرڻ لاءِ ڏيندا آهن، جن جي فقط اهائي ظاهري لفظن واري سنئين سڌي معنيٰ هوندي آهي ۽ اهي هرويرو اصطلاح نہ بہ هوندا آهن.

ان ڪري اصطلاح سيکارڻ جو مقصد استادن کي چڱيءَ طرح ذهن نشين هئڻ گهرجي. اصطلاح پڇڻ جو مقصد هرويرو معنوي پيچيدگيءَ کي سمجهڻ يا ٻڌائڻ نہ آهي، اصطلاح پلي تہ ڪيترو بہ عام فهم ۽ آسان هجي،

ماڪي ناهي، جو هرڪو ائين ڪري سگهي.

14. ابو بحر ۾ پوڻ.

بي مقصد ڳالهه ڪرڻ، اجائي اينگهه ڪرڻ، ڳالهه کي گهڻو وڌائي بيان ڪرڻ.

1. جنهن ڪم لاءِ آيو هجين، سا ڳالهه ڪر اجايو ابو بحر ۾ نه پئو.
2. ڪالهه مارڪيٽ چوڪ تي هڪ سياسي ليڊر جي تقرير ٻڌيسون ۾ هو مقصد بيان ڪرڻ بدران وچي ابو بحر ۾ پيو.
3. ڪٿي ٿوري ۾ ٻڌاءِ ته نمائش ۾ ڇا ڇا ڏٺئي. اجايو ابو بحر ۾ ڇو پيو آهين؟

15. اُپ ڦاڙڻ.

ٻٽاڪون هڻڻ.

1. هينئر ته اُپ پيو ڦاڙين، پر جڏهن رزلٽ نڪري ته پاڻهي خبر پوندي ته ڪنهن سٺو لکيو.
2. تنهنجي ته اُپ ڦاڙڻ جي اصل عادت آهي، هر ڳالهه ۾ پنهنجي پيو سرسي ڏيکارين.

16. اُپ ۾ ٽڪون اُڇلائڻ

بي سود ڪم ڪرڻ، اهڙو ڪم جنهن مان ڇيهو رسي يا تذليل ٿئي.

1. وڏيرو صوبو خان تڙ جو اثر وارو مڙس آهي، سندس مخالفت ڪرڻ ڇرچو ناهي، اجايو اُپ ۾ ٽڪون اڇليندين.
2. ڪنهن هر دلعزيز شخصيت کي ڀلا گهٽ وڌ ڳالهائڻ مان، ڪهڙو سود؟ ڇڻ ته اُپ ۾ ٽڪون اڇلائيون ٿيون.

17. اربعا خطا ٿيڻ.

وڏو ڏوهه پائڻ.

1. ڪم ۾ ٿوري دير ڪئي اٿم ته ڪيئن نه پيو وهلور وڃين ڇڻ ته

مون ڪان ڪا اربعا خطا ٿي آهي؟
2. آخر مون ڪان ڪهڙي اربعا خطا ٿي آهي، جو اجا تائين معافي نٿي مليم.

18. ابتا پير ڪڍڻ.
غلط طريقا اختيار ڪرڻ، مناسب سلوڪ نہ ڪرڻ، بي راهہ روي.
1. راڄ برادريءَ ۾ ابتا پير نہ ڪڍ، نہ تہ مهل سر مدد لاءِ ڪير بہ اوڏو نہ ايندئي.
2. جي ابتا پير نہ هلين ها تہ ڇو پنهنجي نوڪري وڃائين ها!

19. آڇين ڪَڇين ڪڍڻ يا اڇي مڇي ڪري ڪڍڻ. مڙسان مڙسي ڪري ڪڍڻ.
1. اليڪشن ۾ مقابلو تہ سخت هو، پر واهہ سائين شير شاهہ واهہ، اصل آڇين ڪَڇين ڪڍيائين.
2. ڪالهہ ونجهوٽيءَ ۾ لاٽي شيدي واهہ جي راند ڏيکاري. ٻيءَ ڌر جي پيچين بہ گهڻو پتوڙيو پر همراهہ اڇي مڇي ڪري ڪڍي ويو.

20. باهہ ٿي وڃڻ.
ڪاوڙ ۾ تپي لال ٿي وڃڻ.
1. اجا ڳالهہ مس ڪئيمانس تہ باهہ ٿي ويو.
2. آخر ڇيم ڇا، جو مون تي باهہ ٿيو آهين؟
3. اڄ اڪرم جي حرڪت تي سائين اهڙو تہ باهہ ٿي ويو، جو سڄي ڪلاس کي مار ڪيائين.

21. باهيون ڪڍڻ.
خارون ڪڍڻ، اندر جو غصو ظاهر ڪرڻ.
1. بس جي مون کي بہ ٽورو ور چڙهي تہ اهڙيون باهيون ڪيندوسانس، جو گهڻن ڏينهن کي ياد ڪندو.

2. يار افضل ويچاري کي چو اچي ورتو اٿيئي، هڪڙن جون ٻاهيون پين مان نہ ڪيو.

22. ٻاهہ تي تيل هارڻ.

معاملي کي وڌيڪ سنگين بنائڻ جهيڙي کي اڀارڻ يا فساد ڦهلائڻ.

1. شاگرد اڳيئي مچريا پيا آهن، ان ڪري توهان جو رسٽيڪيشن جو اڀهرو قدم هيڪاري ٻاهہ تي تيل هارڻ ٿيندو.
2. هڪ تہ عوام جي پُرامن جلوس تي پوليس هوائي فائر ڪيا، ويتر ٻن ڄڻن جي مرڻ جي خبر تہ، اصل ٻاهہ تي تيل هاري ڇڏيو.
3. آفتاب پنهنجي پٽ جا افعال ٻڌي اڳيئي متس گهڻو ڪاوڙيل آهي، ان ڪري تون سندس وڌيڪ شڪايت ڪري ويتر ٻاهہ تي تيل نہ هار تہ چڱو!

23. ٻاهہ تي چنڊا هڻڻ.

معاملو ٺرڻ يا رفع دفع ٿيڻ، جهڳڙو ٽٽڻ.

1. جيستائين فلسطيني مجاهد پنهنجو وطن آزاد ڪرائي نہ ٿا وٺن، تيستائين ٻاهہ تي چنڊو ڪونہ پوندو.
2. اختر ۽ اظهر وارن جون پٽي ڏريون پاڻ ۾ وڙهي پيون آهن، هلو تہ پرٽي مڙس کي وچ ۾ آڻيون، من ٻاهہ تي چنڊو پوي.
3. ٻاهہ تي تيستائين چنڊو نہ پوندو، جيستائين وڏيرو جاڙو خان هارين جا حق نہ مڃيندو.

24. بي نقاب ڪرڻ.

ظاهر ڪرڻ يا عيب اگهاڙڻ.

1. هڪ سياسي ليڊر پنهنجي تقرير ۾

مخالف جماعت جون سيئي حرفتون بي نقاب ڪري ڇڏيون.

2. اسان کي گهرجي تہ سماج دشمن عناصرن کي بنا ڪنهن رک رکاءُ جي بي نقاب ڪريون.

3. غريب ۽ بي پهچ مزور کي ڀلا اهڙي همت ڪٿان آئي، جو هو پنهنجي مالڪن کي بي نقاب ڪن.

25. بازار تيز ٿيڻ.

شين جا اگهہ وڌڻ - شيون مهانگيون ملڻ.

1. بجيٽ اچڻ کان اڳيئي بازار تيز ٿي وئي آهي.

2. بازار جي تيزيءَ مان بليڪ ميلرن کي فائدو رسيو آهي.

3. بازار ۾ تيزيءَ کي ڏسندي واپارين مال لڪائڻ شروع ڪيو آهي.

26. بسترو گول ڪرڻ.

ڪو هنڌ يا گهر ڇڏي وڃڻ يا نڪرڻ.

1. مهمانن ڏاڍو اچي تنگ ڪيو آهي. سڄا سارا ٻہ هفتا ٿي ويا اٿن، پر هاڻي سياڻي اميد تہ بسترو گول ڪندا.

2. ڏسان ٿو يار، جيڪڏهن ڪا ٻي سٺي جاءِ مسواڙ تي ملي وئي تہ پوءِ هتان بسترو گول ڪندس.

3. هيئنئر ئي بسترو گول پيو ڪرين، اڃا آئي ٻہ ڏينهن تہ مس ٿيا اٿئي.

27. برقعو مٽائڻ.

لاڏاڻو ڪرڻ، فوت ٿيڻ، انتقال ڪرڻ.

1. احمد خان جي برقعي مٽائڻ سان ئي سندس وارثن ۾ ملڪيت تان جهيڙو شروع ٿي ويو.

2. قائداعظم 12 ڊسمبر 1948ع ۾ برقعه مٽايو.

3. رسول اڪرم ﷺ جي برقعي مٽائڻ کان پوءِ حضرت ابوبڪر رضه خلافت جي مسند سنڀالي.

28. ٻٽ ٻنجي وڃڻ.

ماٺ ۾ اچي وڃڻ، ڏک کان يا حيرانيءَ کان خاموشي طاري ٿيڻ.

1. فريد آخر تو اهڙي ڪهڙي ڳالهه ڏٺي آهي، جو هيئن ٻٽ ٻنجي ويو آهين.
2. سيٺ ڪريم فون تي نقصان پوڻ بابت ٻڌي ٻٽ ٻنجي ويو ۽ رسيور هٿ مان ڇڏائجي ويس.
3. ارباب جهڙي رڄ چڱي مڙس جي اهڙي ڪچي ڳالهه ٻڌي مان ته بلڪل ٻٽ ٻنجي ويس.

29. ٻوٽو ٻارڻ.

چڱو نالو پيدا ڪرڻ، وڏو يا ناليوارو ڪم ڪرڻ، اباڻي روايت يا آکه جي ورثي کي برقرار رکڻ، اورچائي ڪرڻ.

1. اورنگزيب عالمگير کان پوءِ، سندس پوين ٻوٽو ڪونه ٻاريو، جنهن ڪري صدين کان قائم مغل سلطنت به جلدي زوال پذير ٿي.
2. مهل سر ڪم نه ڪيائين، هاڻي ڪهڙو ٻوٽو ٻاريندو!
3. پٽ چڱن جو اولاد آهين، تنهنجي والد مرحوم جي سڄي راڄ ۾ ناموس هئي، توکي به پنهنجو ٻوٽو ٻارڻ گهرجي.

30. پرنڌڙ ٻاهه ۾ ٽپو ڏيڻ.

سنگين معاملي ۾ ٽپي پوڻ، ڏسي وائسي جوکو کڻڻ.

1. انگريزن چوڏاري ظلم جي بازار گرم ڪري ڇڏي هئي، ليڪن ڪيترا آزاديءَ جا پروانا به سر جو سانگو لاهي، پرنڌڙ ٻاهه ۾ ٽپي پيا.
2. آخر تون پرائي غرض خاطر پرنڌڙ ٻاهه ۾ ڇو ٿو ٽپين؟

31. ٻرو ونڻ يا ٻرو وٺي وڃڻ.
اجائي تڪليف ٿيڻ.
1. ٺوڪي تہ ڪم ڪٿي چٽو تہ ٻرو وٺيو وڃيئي.
2. عجيب قسم جو نوڪر آهي، ڪم کان اصل ٻرو ٿو چڙهيس.

32. ٻيٺو تيٺو ٿيڻ.
آنڌ مانڌ ٿيڻ يا اُتر ويلا ٿيڻ.
1. مون بازار ۾ وڃڻ جو نسيم کي چيو آهي، ٺوڪي نہ چيو اٿم، هرويرو ٻيٺو تيٺو نہ ٿي.
2. معاملو تہ اڪبر سان نبيريو اٿم پوءِ تون ڇو پيو ٻيٺو تيٺو ٿين؟

33. ٻوٽي رڇهڻ.
ڌيان، طبيعت لڳڻ يا پنهنجو ڪري ڄاڻڻ.
1. اسلم جي اسان سان ٻوٽي ڪانہ ٿي رڇهي، نہ تہ جيئن ٻين ڀاڙيوارن کي دعوت ڪئي هئائين تيئن هڪڙي گهري کي وساري نہ ها.
2. زال مڙس جي اصل کان ڀاڻ ۾ ٻوٽي ڪانہ رڌي، ان ڪري تہ جدا فدا ٿي ويا.

34. ٻليءَ جي ٻاڇي کان ڇرڪڻ.
ٿوريءَ ڳالهہ تي ڏپ ڪرڻ، اجايو ڏڄڻ.
1. سيٺ احمد جو چوڪيدار ٻليءَ جي ٻاڇي کان پيو ڇرڪي، سو چور ڪهڙو جهليندو!
2. ڏاڏو ڏڄڻو آهي، اصل ٻليءَ جي ٻاڇي کان پيو ڇرڪي، سو ڀلا فوج ۾ ڪيئن ڀرتي ٿيندو؟

35. ٻاهريون ٻنو رکڻ يا ٻڌڻ.
دلي طور نہ پر ظاهري تعلق رکڻ، مصلحتاً ميل جول قائم رکڻ.
1. زماني ۾ جيڪڏهن ڪو شخص چاهي تہ ڪامياب ٿيان تہ هر ڪنهن سان ٻاهريون ٻنو ضرور ٻڌڻ کپيس.

2. اڳي بيشڪ نسيم ۽ بشير جگري دوست هئا. ليڪن هاڻ پاڻ ۾ اها محبت ڪانه اٿن. رڳو ٻاهريون ڀنو رکندا اچن.
3. چاچهين برابر سازي چمار اسان سان چڱو نه هليو آهي. تڏهن به ڪاڄ ۾ هلڻو پوندو، ٻاهريون ڀنو ته ضرور رکڻو آهي. لوڪ لڪا ٿوروئي ڏبي ته ڪي پائر به پاڻ ۾ وڙهي ڀانگا ٿيا آهن.

### 36. ٻوهي ۾ ڏيڻ يا ڦاسائڻ.

مصيبت يا آزار ۾ وجهڻ. جان جوکي ۾ ڏيڻ.

1. وڏا عملدار سدائين نازڪ وقت يا جوکائتي ڪم مهل پنهنجي ننڍن ملازمن کي ٻوهي ۾ ڏئي پنهنجي جند ڇڏائي ويندا آهن.
2. ڪائين جا مالڪ ويچارن مزورن جي جان ٻوهي ۾ ڏئي پاڻ خوب دولت ڪمائيندا آهن.
3. واهه دوست واهه! مون کي ٻوهي ۾ ڏئي تون رمندو رهين.

### 37. پيڙيءَ چاڙهي ڦرها يا تختا ڪڍڻ.

ڪم لاءِ همٿائي پوءِ مدد بجاءِ نقصان ڪرڻ يا عين وقت تي پاڻ ڪڍائي وڃڻ.

1. محمد عاقل واعدو ڪيو هو ته مقاطعو ڪٽندس ته مون سان همراهي ڪندو. هاڻي اها ڳالهه ته ڇتي پر ماڳهين پيو بڇون ڪرائي، ائين پيڙيءَ چاڙهي ڪنهن جو ڦرهو نه ڪيجي.
2. ٻيلي ڏاهو ٿيءُ ائين پيڙيءَ چاڙهي منهنجو تختو نه ڪڍ. تنهنجي

آسري تي آتي ڏنڏي ٻر هٿ وڌو اٿم هاڻي منهن نه ڦير.

3. وڏا ملڪ ترقي پذير ملڪن کي هٿيار وڪڻي انهن مان جام پئسو ڪمائيندا آهن ۽ هڪ ٻئي خلاف وڙهڻ جون حشيون به ڏيندا رهندا آهن، پر عين نازڪ موقعي تي اُهي منهن موڙي ڇڏيندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح ننڍن ملڪن کي ٻيڙيءَ چاڙهي انهن جو تختو ڪڍڻ سندن عام حربو آهي.

38. ٻنڊي ٻاري ڏيڻ يا ٻنڊي لائي ڏيڻ.

ٻنڊ ذات وارن جي هڪ خصلت متعلق آهي شرارت آميز فعل اصطلاحي معنيٰ تنگ ڪرڻ، آزار يا مصيبت پيدا ڪرڻ.

1. جنهن ڳالهه ٻنيان ٻوين ٿو ته اصل ٻنڊي لايو ڏين.
2. ملڪ ۾ جتي ڪٿي ڏسبو ته وڳوڙي ماڻهو انتشار ڦهلايو، امن پسند شهرين ٻويان ٻنڊي لايو ويٺا آهن.
3. ياد رکجئين، جيڪڏهن تو منهنجو ڪم نه ڪيو، ته آئون به ٻويان اهڙي ٻنڊي ٻاري ڏيندوسنئين، جو ڪٿي به سک سان ويهي نه سگهندين.

39. ٻٽ سان منهن لڳڻ.

نيٺ ڇڏي ڏيڻ يا آخرڪار باز اچڻ.

1. ٻيڄڙن جي صحبت کان نيٺ پشيمان ٿيو آهي ۽ پاڻهين ٻٽ سان منهن لڳو اٿس.
2. اصغر ڏاڍو شرارتي ٿي ٻيو آهي، سڀني کي ڪٿي تنگ ڪيو اٿس، اهڙو ڪو دڙڪو ڏيوس جو ٻٽ

سان منهن لڳيس.

3. نيٺ جڏهن پيٽ سان منهن لڳس تڏهن اسان جي منجهائنس جند ڇٽي.

**40. پيٽ گهاٽو ڪرڻ.**

ڪنهن مان مطلب ڪڍڻ يا بيجا فائدو وٺڻ.

1. منهنجي حصي مان جيڪي بچيو، سو به وچي تون کڻ، ٻلي وچي پنهنجو پيٽ گهاٽو ڪر.
2. مون غريب جي ميڙي چونڊي ڦٻائي، هن دنيا ۾ ته پنهنجو پيٽ گهاٽو ڪيو پر الله تعاليٰ کي قيامت ڏينهن ضرور ان جو حساب ڏيڻو پوندو.

**41. پاندو قوڙڻ.**

راز افشا ڪرڻ، ڀيد کولڻ.

1. جاسوس ٻهروپي ٿيندا آهن. ظاهريءَ طرح سان ڏيکائي ته دوستيءَ جي ڏيندا آهن، مگر راز هٿ ڪرڻ کان پوءِ پاندو ئي قوڙي وجهندا آهن.
2. ريا، مڪر ۽ فريب ڪيترو وقت لڪي سگهندا، نيٺ انهن جو پاندو قاتندو.
3. اهڙن ماڻهن سان ميل جول نه رک. انهن کي ٿوري ڪسر نه آئي ته هو ٻين وٽ ويندا ۽ سرخرو ٿيڻ لاءِ تنهنجي پاندي قوڙڻ ۾ ويرم نه ڪندا.

**42. پيٽ سان مٿو هڻڻ يا پيٽين سان مٿو هڻڻ.**

پيٽ سان مٿو هڻي، جيڪڏهن ان کي هٽائڻ جي ڪوشش ڪبي ته پيٽ پنهنجي جاءِ تان هرگز ڪانه

1. انهيءَ ڇوڪريءَ کي سڌارڻ اڻين آهي، جيئن پيٽ سان پنهنجو مٿو هڻجي، جو ڪڏهن به نه سڌرندو.

هوندو آهي، پر ماڻهو هرويرو تيليءَ مان کڻي ٿنڀ بڻائيندا آهن.

45. تيل ترن مان نڪرڻ يا ڪڍڻ.

فائدي حاصل ٿيڻ واري هنڌان فائدو وٺڻ. پيڙهي لاڀ وٺڻ يا محنت ڪرائڻ زوريءَ حاصلات وٺڻ.

1. ڀلي، هينئر تون مون کان ڪسر کڻي وڃ، وري ته مونئي مون وٽ ايندين. تيل وري به ترن مان نڪرندو.
2. مون کي بالا آفيسرن وٽان اهڙو حڪم مليو آهي. اهو سچو ڪم اوهان کي اڄ جو اڄ ڪرڻو آهي. ڀلي ته رات ٿي وڃي، آئون به تيل ترن مان ڪڍندس.

46. ٽيپي لوهه ٿي وڃڻ.

ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي وڃڻ.

1. اصل تنهنجو سياءُ ٿي اهڙو آهي، ٿوري گهڻي ڳالهه تي ٽيپو لوهه ٿيو وڃين.
2. چور جي ڳالهه ٻڌڻ سان ئي صوبيدار ٽيپي لوهه ٿي ويو.
3. معاملي جا ٻئي پاسا ٻڌي پوءِ فيصلو ڪجي، هڪ طرفي ڳالهه ٻڌي ٽيپي لوهه نه ٿيڻ گهرجي.

47. تابوت ۾ ڪلي ٺوڪڻ.

زبردست ضرب رسائڻ - بلڪل ختم ڪري ڇڏڻ.

1. ويٽنام جي مجاهدن پنهنجي سر زمين تان سيني ڌارين جا پير اکوڙي ڇڏيا ۽ آخر ۾ پنهنجي وڏي حريف آمريڪا کي شڪست ڏئي، سامراج جي تابوت ۾ آخري ڪلي به ٺوڪي ڇڏيائون.
2. پنهنجي دشمن سان اهڙي ته ڪار ڪجي، جو سندس تابوت ۾ آخري ڪلي به ٺوڪي ڇڏجي، جيئن وري اُڀري نه سگهي.

48. ٽانگهي ۾ ٽاڦوڙا هڻڻ.

اجايو ڦوراڙيون هڻڻ. اهڙيءَ طرح ڪم ڪرڻ جو مقصد حاصل نہ ٿئي. مٺاڇرو ڪم ڪرڻ. تهه تائين نہ وڃڻ. اجايو هيڏانهن هوڏانهن ٿيڻ. بي فائدي ڪم ڪرڻ. سليقي ۽ سنجيدگيءَ سان ڪم نہ نباهڻ.

1. ڪم ڪجي تہ ٺاهي ٺوڪي ڪجي باقي ٽانگهي ۾ ٽاڦوڙا هڻڻ مان ڪجهہ بہ ڪين ورندو.
2. ڪالهہ تڏهن مغز ۾ ويهندي، جڏهن باقاعدي روزانہ پڙهندين ۽ هرڪو سبجيڪٽ ٽائيم ٽيبل مطابق ڪندين، باقي هڪڙو ڪتاب ڇڏ ۽ ٻيو ڪڻ. اهي تہ ٿيا ٽانگهي ۾ ٽاڦوڙا هڻڻا.
3. ڊاڪن جو سراغ تڏهن ملندو، جڏهن ڪنهن طريقي سان جاکوڙ ڪنداسون، باقي هيستائين تہ رڳو ٽانگهي ۾ ٽاڦوڙا هنيا اٿئون.

49. ٽڪو لائڻ.

بدناميءَ جو داغ لڳائڻ بدنام ڪرڻ.

1. تون چڱن مائٽن جو اولاد آهين، بڇڙو ڪم ڪري، پنهنجي اڪهہ کي ٽڪو نہ لاءِ.
2. اسان جو اهو فرض آهي تہ هو غير ملڪي باشندن سان سهڻو سلوڪ ڪريون، نہ تہ پنهنجي ملڪ کي اجايو ٽڪو لڳندو.
3. سراج جي بري حرڪت نہ رڳو کيس بدنام ڪيو آهي، پر اسڪول جي شاگرد برادريءَ تي بہ ٽڪو لاتو آهي.

50. ٽبيءَ ۾ پئجي وڃڻ.

اونهي سوچ ۾ پئجي وڃڻ.

1. آئون سوير کان پيو ڏسان تہ تون بلڪل خاموش آهين ۽ آخر ڪهڙيءَ ٽبيءَ ۾ پئجي ويو آهين؟

2. عزيز ماڻهو آهي وهمي، آئون هينئر اهڙي نازڪ ڳالهه ڪندو سانس، ته وري ٽيپءَ ۾ پئجي ويندو.
3. قسمت جي لکئي کي ڪير مٽائي سگهندو، تون اجايو ٽيپءَ ۾ ڇو پيو آهين؟ ڌڻي مڙيئي خير ڪندو.

51. ٽيپو اونڌو ٽيڻ.

ڪم ڦٽڻ يا بگڙجڻ، نقصان پوڻ.

1. توڪي ته چرچو سجهي آيو آهي، پر هتي اسان جو ته ٽيپو ئي اونڌو ٿي ويو.
2. ٻريل ڪي آهي، رڳو پنهنجو ڪم ڪيائين، ٻوءِ پٺي جو ٽيپو اونڌو ٿئي ته ڀلي ٿئي.
3. سياڻي شنوائيءَ تي ڪيئن به ڪري وڃي پهچ نه ته ٽيپو ئي اونڌو ٿي پوندئي.

52. ٺڪر ڀڃڻ.

تهمت رکڻ، الزام ڏرڻ.

1. سيٺي آفيسر ڪي راشي ۽ بداعمال ڪونه آهن. منجهن ڪيترا ايماندار ۽ فرض شناس به ضرور آهن، پر برن جي سببان سيني تي رشوت جو ٺڪر ڀڳل آهي.
2. الله بهتر ٿو ڄاڻي ته منهنجي اها شَي ڏٺل به ڪونهي، مون تي هرويرو چوريءَ جو ٺڪر ڀڳو اٿن.
3. اجايو پرائي ڳالهه ۾ پئي، ڇو ٿو پنهنجي سر تي ٺڪر ڀڃائين.

53. ٽپ ٽري وڃڻ.

صدمو يا شاق پهچڻ، هٿ پير ٿڌا ٿي وڃڻ، غشي طاري ٿي وڃڻ.

1. عارب جي گهران چوري ٿيڻ جو ٻڌي، منهنجا ته ٽپ ٽري ويا آهن.

ڀلا ظاهر ۾ ته اهڙو شريف پيو ڏيکائي ڏيندو هو، جو ڪنهن جو ٻه هن تي شڪ پنجي نه ٿي سگهيو.
2. مريد علي ڪمزور دل جو ماڻهو آهي، هن سان پنهنجي ارڏائيءَ جي ڳالهه هڪدم نه ڪجئين، ڪٿي ڀڏي لپ نه ٿري وڃنس.
3. اهڙي المناڪ حادثي ته منهنجا لپ ٿاري ڇڏيا آهن، توهان ته آهيو ڏاڍي دل جا ماڻهو، سو ڪٿي ٿو اثر ٿيو؟

54. ڀڳون ڀڏائڻ.

انعام ملڻ يا قدر ڪرڻ صرف طنز طور چئبو آهي.

1. سنڌ جي والي مير حڪمرانن سان سندن ڪن ماڻهن به غداري ڪري وڃي انگريزن سان ساٿ ڏنو، پر ٽون حاڪمن به ڪين واهه جون ڀڳون ڀڏايون!
2. اسان ڪي آهي نوڪري ڪرڻي، ڪٿي ڪهڙو به آفيسر ايندو ته ڪا ڀڳ ڀڏائيندوسون ڇا؟
3. ادا پنهنجي ڀائرن ٿي ڪا مدد ڪانه ڪئي، سو سؤٽ وري ڪهڙيون ڀڳون ڀڏائيندم؟

55. ڀول ڀڏرا ڪرڻ يا ٿيڻ.

ڪچايون ظاهر ڪرڻ، ڏوهه گناهه ڀڏائي ڇڏڻ.

1. مون گلوءَ کي اڄ کير ۾ پاڻي ملائيندي ڏسي ورتو، بس يار پوءِ ته اصل آزيون نيزاريون پيو ڪري ته منهنجو ڀول ڀڏرو نه ڪر، باقي آئينده هو اهڙي بي ايماني نه ڪندو.

2. عباس اڄ ڪچهريءَ ۾ ته آيو پر وري پنهنجي حريف کي ويٺل ڏسي، ڪسڪي ويو، سمجهائين ته متان ٻول ٻڌرا ٿين.
3. مون وٽ هن جا ايترا ته راز آهن، آئون ٻول ٻڌرا ڪريانس ته ڪنهن کي منهن ڏيکارڻ جي قابل به نه رهي.

56. پيٽ تي لت اچڻ.
روزگار کسڻ يا وڃائڻ.

1. ويچاري گهورڙئي سان ڇو اچي پاتي اٿئي؟ هو روزانو به چار روپيه ڪمايو پيو ٻچن جو پيٽ پالي، هرويرو هتان اُٿاري ڇو ٿو غريب جي پيٽ تي لت ڏين!
2. دين محمد کان جيڪڏهن اهو روزگار به ويو ته ويچاري جي پيٽ تي لت اچي ويندي.
3. ڪنهن جي پيٽ تي زوريءَ لت ڏيڻ نه کپي، جڏهن ويچارو وَرو پٺي هنڌ سڪيو ٽڪرو وڃو ڪائي ته پوءِ تو وٽ ڇو اچي ڪمائي؟

57. پاڻي ولوڙڻ.
اجايو پاڻ پتوڙڻ. بي سود ڪوشش يا محنت ڪرڻ.

1. انهيءَ تفتيش مان هرگز راز نه کلندو، ڪجهه سال پهرين به گهڻيون ڪوششون ڪيون ويون پر تڏهن به نڪي وريو نڪي سريو، سو هاڻي پاڻي ولوڙڻ مان ڇا حاصل ٿيندو؟
2. توکي اليڪشن ۾ ڪاميابي حاصل ٿيڻ ڏاڍي ڏکي آهي، اجايو پيو پاڻي ولوڙين.

3. تنهنجي شَي ڪي ڳم ٿئي ٻه ڳچ عرصو ٿي ويو آهي، جهڙوڪر ڪوهه جي تري ۾ آهي. هرويرو ڇو ٿو پاڻي ولوڙي پاڻ هلاڪ ڪرين؟

58. پوپٽيون پاڙهڻ.

بدظن ڪرڻ، ڪوڙيون سچيون ڳالهيون ٻڌائي ڪنهن ڪان ڦيرڻ.

1. تون هرويرو مون تي الزام هڻين، حقيقت جي ڪابه خبر نه اٿئي، مون کي خبر آهي ته اهي پوپٽيون توکي ڪنهن پاڙهيون آهن.
2. مقبول کي الاهجي ڪنهن ويجي پوپٽيون پاڙهيون آهن، نه ته اڳ ته ان ڳالهه جي ڪا ڪٿڪ به ڪان هوس.
3. افغانستان کي ڪن دشمن ملڪن پوپٽيون پاڙهي ڇڏيون آهن، تڏهن ڪابل ريڊيو پاڪستان خلاف پروپئگنڊه ڪري رهيو آهي.

59. پاڙ پٽڻ.

بنياد اکيڙڻ، صفا نابود ڪري ڇڏڻ.

1. جيستائين ديس مان سيني برائين جي پاڙ نه پٽجي ويندي، تيستائين عوام امن ۽ سڪون سان زندگي گهاري نه سگهندو.
2. سدائين خوف ۽ خطري ۾ رهڻ کان ڇو نه هڪ دفعو ڀرپور حملو ڪري، دشمن جي پاڙ ئي پٽي ڇڏيون.
3. ڊاڪٽر صاحب، هر علاج مان عارضي فائدو ٿيئه ٿو، ڪا اهڙي دوا ڏيو م جو مرض پاڙئون پٽجي وڃي.

60. پاڇي پٺيان ڊوڙڻ.

فاني شَي لاءِ ڀتوڙڻ - اجائي ڪوشش.

1. بابا آئون سائنس پڙهيو آهيان، مون کي خبر آهي ته ڪنهن به ٻي

ڏاتوءَ مان سون جو ٺهڻ ناممڪن آهي، عمر عزيز جا ڪيترا سال ائين گنوايا اٿوَ ۽ دولت جو ڪيترو حصو به اجاين ڪوجنائن تي برباد ڪيو اٿوَ، آخر پاڇي پويان ڊوڙڻ مان ڇا حاصل ٿيندو؟

2. اهو خيال اجايو هو ته لاٽريءَ ۾ هڪ نه هڪ ڏينهن تون ڪٿي شاهوڪار بنجي ويندين. آئون توکي شروع کان سمجهائيندو رهيس ته تون پاڇي پويان ڊوڙي رهيو آهين. پر تو منهنجي هڪ نه ٻڌي.

3. سڪندر اعظم، نيپولين بونا پارٽ يا جن به فاتحن سڄي دنيا کي پنهنجي پيرن هيٺان آڻڻ چاهيو، تن جون ڪوششون هڪ پاڇي پويان ڊوڙڻ جي مثال وانگر ثابت ٿيون.

61. پڙ ڪڍي بيهڻ.

صفا انڪار ڪرڻ، نابري وارڻ.

1. دودي سومري والي سنڌ کان سواءِ چنيسر کي ٻين به عزيزن، امير امرائن گهڻو سمجهايو ته ناراض ٿي ڏارين وٽ دانهين نه وڃ، متان ڪا وطن تي مصيبت ڪڙڪي، پر هو صفا پڙ ڪڍي بيٺو.

2. مون ته تنهنجا هر ڀيري ڪم ڪيا ۽ ڪڏهن به ٿورو ڪونه جتايم، پر تون ڪيڏو نه بي شرم آهين، جو معمولي ڪم لاءِ به ڪيڏيون نه منٿون ڪيون اٿم، ته به پڙ ڪڍي بيٺو آهين.

3. ادا، طفيل وٽ وري ته اصل نه وڃ. هن هڪ دفعو انڪار ڪيو ته پوءِ ڪٿي ڪيترا به مٿس زور بار ڇو نه پون، ته اصل پڙ ڪڍي ٻيهندو.

62. پنهنجي پيرن تي بيهڻ.

خود ڪفالت وارو ٿيڻ، خود ڪمائي وارو ٿيڻ يا روزگار حاصل ٿيڻ.

1. مون ڪي اڄا پنهنجي پٽ جي شادي ڪرائڻ جو خيال ڪونهي، پلي پهرين ڪا سٺي نوڪري مليس، پنهنجي پيرن تي بيهي رهي ته پوءِ پرڻايانس.
2. پاڪستان جيتوڻيڪ ڪافي زرخيز ملڪ آهي ته به اڄا معاشي طور پنهنجي پيرن تي بيٺل نه آهي ۽ ڪن ڳالهين ۾ ڌارين ملڪن جي امداد تي انحصار ڪرڻو پوي ٿو.
3. آخر ڪيستائين ٻائرن جي محتاجي ڪبندس، پهرين پنهنجي پيرن تي بيهان ته پوءِ سيني ڳالهين کي منهن ڏيندس.

63. پيٽ پرجي وڃڻ يا پيٽ پرجڻ.

آسودگيءَ سبب بي پرواهه ٿي وڃڻ، سڪئي ٿيڻ سان مغرور بنجي وڃڻ.

1. در محمد اڳي ڪيڙن جون پريون ڪٽي ڌوئڻ لاءِ ويندو هو، پر هاڻي دڪان کولڻ کان پوءِ اهڙو ته پيٽ پرجي ويو اٿس، جو جوي ٿو مون وٽ ڪم گهٽو آهي، وڃي ٻئي کان ڪپڙا ڌئاريو.
2. وڏي طاقت وارن ملڪن جو ايڏو ته پيٽ پرجي ويو آهي، جو ويچارن ننڍن ملڪن تي اصل الرون پيا ڪن.

3. اگر ڪنهن ٻوءِ ڊائي جو پيٽ ڀريو ته ٻوءِ سائين اصل اهڙي ڀيو ڏيکاڻي ڏيندو، جڻ ته پاڻ جهڙو ڪو آهيس ئي ڪونه.

**64. جبل سان متو هڻڻ.**

پاڻ کان ڏاڍي سان مقابلو ڪرڻ يا مشڪل ۽ غير متزلزل حالت سان پاڻ ٽڪرائڻ.

1. ادي مرڻ وارو ته ويچارو ويو هليو، تون آخر غم ۾ ڪيترو پاڻ جهوريندينءَ؟ خدا جي طاقت اڳيان انسان بي وس آهي، جبل سان متو هڻڻ بي سود آهي.
2. بيشڪ قادن ويچارن سان ظلم ٿيو آهي، پر بابا اسين ڇا ٿا ڪري سگهون، وڏي ماڻهوءَ سان پڄڻ ڪا معمولي ڳالهه آهي ڇا؟ جبل سان متو ڪير هڻندو؟
3. شاهد دوست جي ڳالهه مڃ، پئسو هٿن جي مر آهي. واپار ۾ لاها چاڙها آهن ئي آهن، قسمت جي ڪٺي تي صبر سٺو آهي. باقي جبل سان ڪيترو متو هڻبو؟

**65. جوت جلائڻ.**

لفظي معنيٰ آهي روشني ڪرڻ. اصطلاحي معنيٰ آهي ته چڱايون پکيڙڻ. ڪي قدر يا معيار پيدا ڪرڻ ۽ ڦهلائڻ.

1. اسان جي پياري نبي ڪريم ﷺ جن اسلام پکيڙي ساري دنيا ۾ امن ۽ مساوات جي جوت جلائي.
2. امام سڳورن ڪربلا جي ميدان ۾ شهادت اعظميٰ پائي، حق ۽ انصاف جي راهه ۾ قرباني جي جيڪا جوت جلائي آهي، سا قيامت تائين ڪانه وسامندي.
3. مجاهدن ۽ سرفروشن پنهنجي سِر

جو سانگو لاهي، وطن جي آزاديءَ
جي جوت جلائي.

66. جوڳ پچائڻ.

هڪ هنڌ ويهي تپسيا ڪرڻ، جو عمل جوڳين سان واسطو رکي ٿو. اصطلاحي معنيٰ آهي، ڪنهن شيءِ لاءِ لاڳيتو تڪليف وٺي تاتڻ. انتظار ۾ رهڻ ۽ ڪنهن شيءِ کي حاصل ڪرڻ لاءِ لاڳيتو عمل جاري رکڻ.

1. هن باغ جي هڪ هڪ ٻوٽي لاءِ ويهي جوڳ پچايو اٿم، هاڻي هيترن سالن جي انتظار کان پوءِ، جڏهن مان ٻهريون پيرو ان جي وڻ مان ڦل پٽي کائيندس ته منهنجي خوشيءَ جي ڪا حد نه رهندي.
2. هڪ اهڙي پناڻ عورت ياد اٿم، جنهن پنهنجي يتيم ٻالڪ جي جوان ٿيڻ تائين ڏاڍو جوڳ پچايو. آخر اهو جڏهن اچي جوان مرد ٿيو، تڏهن ويجي پنهنجي پيءُ جي دشمن کان پلاند ورتائين.
3. اتي ويهي جوڳ پچائڻ مان ڪي ڪين حاصل ٿيندئي، پر ڪوشش ۽ سعيي سان انسان مقصد کي ماڻي ٿو.

67. جُون نه سُرڻ.

معمولي توجهه به نه ڪرڻ، صفا ڌيان نه ڏيڻ. ڳالهه جو اثر نه وٺڻ.

1. آئون پٽ توکي ڪيتري وقت کان پوءِ نصيحتون ڏيان، پر تنهنجي جون ئي ڪانه ٿي سري.
2. تون صفا ڪو نود شاگرد آهين، روز سمجهائيون ڏيان ٿو ته اسڪول ۾ دير سان نه ايندو ڪر، پر توکي جون ئي ڪانه ٿي سري.
3. سوير کان پيو اشفاق کي سڏيان پر اصل جون ئي ڪانه ٿي سُريس، آهي ڇا؟

68. جيءَ اندر جايون ڏيڻ يا جيءَ ۾ جايون ڏيڻ.

1. مان دوست کي گهڻيئي ڀيرا گهرايو ته جيءَ اندر جايون ڏيان، پر سندس دل مون سان نه ٿي لڳي.
2. هوپڻل اسڪول اهو آهي، جتي ننڍي هوندي مون تعليم پرائي، اتي جي در ديوارن اندر مون پنهنجي ننڍڙن ساٿين سان ڏاڍو خوشيءَ جو وقت گذاريو، اڄا به ان وقت جو ڪو دوست گڏبو اٿم، ته جيءَ اندر ڪئي جايون ڏيندو آهيانس!
3. پاڪستاني سڀني مسلمانن ملڪن سان تمام ڀائرن وانگر هلي ٿو، ڪو ملڪ ڪٿي پاڻ اوڏو نه به ٿو ٿيڻ چاهي، ته به ان لاءِ اسان جي جيءَ اندر جايون آهن.

69. جڪ ڪائڻ.

خارون ڪائڻ، حسد ڪرڻ يا سڙڻ.

1. سڄو ڏينهن جهنگ ۾ شڪار لاءِ ڦرياسون، ڪيترا ڀيرا پکي نظر آيا، پر هر دفعي نشان خطا ٿي ٿئي ويو، آخر سڄو ڏينهن نوس نوس ڪندا واپس جڪ ڪائيندا گهر ڏانهن موٽياسون.
2. جاويد ۽ عابد جي طبيعت هڪ ٻئي سان ٺهڪي اچي ٿي، تون ڪين گڏ گهمندو ڏسي ڇو پيو جڪ ڪائين؟
3. پاڪستان کي تيزيءَ سان ترقي ڪندي ۽ خوشحاليءَ ڏانهن گامزن ٿيندو ڏسي دشمن ملڪ پيا جڪ ڪائين.

70. ڇپن ڪي ڇنو لائي ويهڻ.

1. ڪيترا دفعا توکي چيو اٿم ته جا ڳالهه نه سمجهين سا استاد کان ڪلاس ۾ وري پڇندو ڪر. پر تنهنجي عادت ته آهي ڇپن ڪي ڇنو لائي ويهڻ جي، پوءِ ڀلا سکندين آخرڪار ڪيئن؟
2. ڪيتري وقت کان ڇپن ڪي ڇنو لايو وينو هوس ڳڻو پئي ڏمر، پر جڏهن ڳالهه حد کان ٻاهر نڪري وئي، تڏهن لاچار مون کي به ڪڇڻو پيو.
3. ڪڏهن ڪنهن موقعي تي مصلحتاً خاموشي اختيار ڪرڻ به عقلمندي آهي، پر جتي ڪا نازڪ صورتحال آڏو اچي ته اوڏي مهل ڇپن ڪي ڇنو لائي ويهڻ هرگز نه گهرجي.

71. چوٽي آسمان سان لڳڻ يا گسڻ.

مغروري ڪرڻ، تڪبر هجڻ، وڏائي خور ٿيڻ.

1. محمود جڏهن نوڪريءَ ۾ هو ته بس چوٽي آسمان سان پئي گسندي هوس، پنهنجي ڳوٺاين کي ته ڇڻ سڃاڻندو ئي ڪونه هو. پر هاڻ رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ جنهن کي ٿو گڏجي، تنهن سان زور ڪيو پيو ڳالهائي.
2. دنيا ۾ ڪيترا وڏا شهنشاهه ٿي گذريا آهن، جن جي چوٽي آسمان سان پئي لڳندي هئي، اهي دولت ۽ طاقت جي نشي ۾ پاڻ سان ڪنهن کي مٽ نه پائيندا هئا.

3. انعام سو مليو اٿس، پر آڪڙ مان ڪنهن سان ڳالهائي به ڪونه ٿو، اصل چوٽيءَ پٺي آسمان سان لڳيس.

72. چار چشمي ڪرڻ.

ملاقات ڪرڻ، ملڻ، اکيون چار ڪرڻ.

1. پانيان ٿو ته جيئن گذريل سال ڪاليج پاس ڪري هليا وياسون، تيئن توسان وري اڄ چار چشمي ٿي آهي.
2. ادا، هاڻي ته پنهنجن خفن ۾ اهڙو ورتا پيا آهيون جو، دوستن سان به چار چشمي ڪانه ٿي ٿئي، ڪٿي ويهي چئن ٽهڪن ڏيڻ جهڙا به ڪونه ٿيا آهيون.
3. اڳي ته ڪڏهن به پيرو نه پڳو هوئي، هينئر به پين سان ته چار چشمي ڪرين پيو، پر پنهنجي پراڻي دوست ڪي دل تان صفا لاهي ڇڏيو اٿئي!

73. چوٽيءَ پر ڪرڻ يا ڪنڌ پر ڪرڻ.

تباهه و برباد ٿيڻ، شديد صدمو پهچڻ.

1. جيڪو به گهٽو هٺ ۽ وڏائي ڪندو سو نيٺ چوٽيءَ پر ڪرندو.
2. الله تعاليٰ لڄ ڪي سدائين ڍڪهو رسو ڏيندو آهي. تان ته جڏهن پاڻ ڪي هو پوري هستيءَ ۽ مستيءَ ۾ پائيندو، تڏهن اوچتو اهڙو ته چوٽيءَ پر ڪيرائيندس جو هميشه لاءِ ختم ٿي ويندو.
3. دنيا ۾ نمرود، شداد ۽ فرعون جهڙا ڪيترائي مغرور ۽ طاقتور

بادشاهه ٿيا، پر قدرت ڪين چوٽيءَ پر ڪيترائي نيڻ ٻنڌن هستي مٽائي ڇڏي.

74. ڇٽ جهلائڻ يا ڇَٽ جُهلڻ.

ٻاجهه ڪرڻ مهرباني ڪرڻ يا انعام ڏيڻ يا ٿورو لائڻ.

1. ٻٽ آخرڪار منهنجو چوڻ ڇو نٿو ڪرين، ڪنهن روزگار سان لڳنديُن ته پاڻ کي آسودو ڪندين مائٽن تي ڪهڙو ڇٽ جهلائيندين؟
2. ڪهڙي به پارٽي اليڪشن ۾ کٽي، تنهن ۾ اسان کي ڇا؟ اڳعين حاڪمن غريب عوام تي ڪهڙو ڇٽ جهلايو جو پلا هي جهلائيندا؟
3. نوري سنڌ جي بادشاهه ڄام تماچيءَ جي پٽ راڻي ٿي ته ڪينجهر جي غريب مهاڻن تي به ڇٽ جهلي پيو.

75. ڇپر ڇيتيون ٿيڻ.

مشڪلاتون ختم ٿي وڃڻ. مصيبت مان پار پئجي وڃڻ.

1. انسان جي استقلال ۽ همت جي اڳيان ڇپر به ڇيتيون ٿي وڃن ٿا.
2. چين جي بهادر عوام پنهنجي عظيم اڳواڻ ماٿوزي تنگ جي رهبريءَ ۾ ڪيتريون مشڪل مهمون سرڪيون ۽ پنهنجي آڏو آيل سيئي ڇپر ڇيتيون ڪري ڇڏيا.
3. بابر بادشاهه کي هندستان فتح ڪرڻ ۾ ڇپي ڇپي تي ڪيتريون مشڪلاتون آيون مسلمان ۽ هندو راجائن سائس لڙايون لڙيون پر سندس مضبوط ارادي اڳيان نيٺ سيئي ڇپر ڇيتيون ٿي ويا.

۽ هاڻي سهڻ جي قوت صفا موڪلائي وئي آهي.
2. زماني جا ڪيترائي ڏک ڏولائا ڏٺائين، پر شاباس آهي مڙس کي، ڪڏهن ٻہ اُف نہ ڪيائين، ٻيو ڪير هجي ها تہ ڇاتي ڇجي پويس ها.
3. شاباس آهي مڙس جي همت کي حق گوئي ۽ خدا ڪارڻ شاهدي ڏيڻ ڪري ايڏيون تہ مصيبتون سر تي سَٺيون اٿس، جو ٻئي جي مجال ئي ناهي، جيڪر ڇاتي ڇجي پويس.

79. ڇنڊ ڪڍڻ.

سخت تنبيهہ ڪرڻ ۽ ڏاڍا ڳالهائڻ ڏيڻ.

1. گلڻ ڪيڏانهن مري ويو. ڏينهون ڏينهن ڪم چور ٿيندو وڃي، اڄ تہ اهڙي ٿو ڇنڊ ڪيانس جو ياٺهي خبر پئجي ويندس.
2. امجد سائين جي روز روز چوڻ تي بہ هوم ورڪ ڪونہ ڪري ايندو هو. اڄ تہ اهڙي ڇنڊ نڪتي اٿس، جو سائينءَ ڪلاس ڪان ئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيس.
3. منهنجو بہ ڇوڪرو حرڪتي ٿي پيو هو، پر هڪڙو ئي ڀيرو اهڙي تہ ڇنڊ ڪڍيمانس جو سڀ لڇايون وسري ويس.

80. حاتم جي قبر تي لت هڻڻ يا حاتم جي قبر تي لت لڳڻ.

طنز طور استعمال ڪبو آهي. تمام گهڻي سخاوت ڪرڻ دريا دليءَ سان پئسي خرچڻ جو ڏيک ڪرڻ.

1. اڄڪلهہ سخاوت ڪير ئي ڪونہ ٿو ڪري، رڳو وڃي نالو رهيو آهي، باقي سيٺ ولي محمد حاتم

جي قبر کي لت هڻندو سو به ڏيهه ڏسندو.
2. بس سائين تو ته ڇيهه ڪري ڇڏيو آهي، ٻه ٽي ويلا نه پرديسين کي ڪارايئي ۽ اصل حاتم جي قبر کي لت هڻي ڇڏيئي.
3. واهه واهه! دوست کي شاديءَ تي سڄي ساري ويهين روپئي واري واتر سيٽ جي سوکڙي ڏيندين! متان اهڙي سخاوت ڪئي اٿئي، حاتم جي قبر تي نه لت لڳي!

81. حقو پاڻي بند ڪرڻ يا حقي پاڻي مان ڪيڻ.

قطع تعلق ڪرڻ، بائيڪاٽ ڪرڻ، لاڳاپا ٽوڙڻ.

1. گل محمد! يونين اسان سڀني مزورن جي هڪ برادري آهي، جيڪڏهن تون انحرافي ڪندين ته اسين به توکي حقي پاڻيءَ مان ڪڍي ڇڏينداسون.
2. مون سان ناحق آهي، ورندي به سال ٿيا آهن جو سڀني رشتيدارن، مون کي حقي پاڻيءَ مان ڪڍي ڇڏيو آهي.
3. هيءَ منهنجي دل جي ڳالهه آهي، مان ضرور ڪندس، ڀلي ته راڄ وارا منهنجو حقو پاڻي بند ڪن.

82. حرام جي هڏي پيٽ پوڻ.

1. اهو آفيسر ڏاڍو راشي آهي، جيسين حرام جي هڏي پيٽ ۾ نه پويس تيسين ڀلي ڪيتريون به سفارشون آڻيس ته به ڪم نه ڪندو.
2. آئون حق حلال جي ٿوري ڪمائيءَ ۾ به راحت ٿو پائيان، خدا نه

ڪري، جو منھنجي پيٽ ۾ حرام جي هڏي نه پوي.

3. جيڪو شخص حرام جي هڏي پيٽ ۾ وجھڻ تي هريل هوندو، تنهن کي چڱي ءَ مٺي جي ساڃھ هرگز ڪانه رهي ٿي.

83. خيالي پلاھ پچائڻ.

اجايا سوداءَ ڪرڻ ءَ محنت يا عمل کي گريز ڪرڻ.

1. ٻاهر جو واءُ سواءُ وڻڻ ءَ سير و تفريح ڪرڻ سان انسان جو دماغ کلي ٿو، باقي گھر ۾ ويھي خيالي پلاھ پچائڻ مان ڪي به حاصل نه ٿيندو.

2. ڪنهن هڪ ڪم ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري، ان کي لڳي وڃ، رڳو خيالي پلاھ ويٺو پچائيندين ته هيئن نه هوئن ڪريان ته ان مان ڪي ڪين ورندو.

84. خلم ٻارڻ.

فساد مچائڻ، جهڳڙو ڪرائڻ، نفاق پيدا ڪرڻ.

1. رمضان منھنجي ڳالھ مڃ، تون وچ ۾ خلم نه ٻار نه ته ڏاڍا اگرا نتيجا نڪرندا.

2. اصغر ءَ اڪبر ٻنهي ڀائرن جي وچ ۾، ڪنهن اهڙو ته خلم ٻاريو، جو هاڻي اصل هڪ ٻئي جي شڪل به ڪانه ٿي وٺن.

3. ڪي ماڻھو شيطاني صفت باعث امن ءَ محبت جا ته اصل دشمن هوندا آهن، ڪن به ٻن ڄڻن کي صلح ۾ ڏسي وچ ۾ اهڙو خلم ٻاريندا جو ٻئي هڪ ٻئي سان دست و گريبان ٿي پوندا.

85. خون پاڻي هڪ ڪري ڇڏڻ
يا خون پسينو هڪ ڪرڻ.

سخت محنت ڪرڻ يا سر توڙ ڪوشش ڪرڻ.

1. مون پنهنجي ڏنڌي کي وڌائڻ ۾ وسان ڪونہ گهٽايو، خون پاڻي هڪ ڪري ڇڏيو هوم تہ بہ اميد افزا نتيجو ڪونہ نڪتو.
2. هن مند ۾ مون کان سستي ٿي وئي، پر ربيع ۾ آئون خون پاڻي هڪ ڪري فصل اُپائيندس، جيئن هاڻوڪو خسارو بہ نڪري وڃي.
3. آئون پنهنجي مقصد کي ماڻڻ لاءِ پنهنجو خون پسينو هڪ ڪري ڇڏيندس.

86. خشڪيون چڙهڻ.

خوف کان ماٺ ۾ اچي وڃڻ. ڳڻتين کان ماٺ ڪري ويهي رهڻ، ڪنهن ڳالهہ کان شش و پنج ۾ پوڻ.

1. پر چوري تہ حسن علي جي گهران ٿي آهي، توکي ڇو خشڪيون چڙهي ويون آهن؟
2. وهمي انسان کي ٿوري گهٽي ڳالهہ تان خشڪيون چڙهي وينديون آهن.
3. رين، هينئر ڪيئن پيو ڊاڙون هڻين، باقي رات دعوت تان موٽندي، جڏهن غنڊو واٽ تي ڦري آيو هو تڏهن ڪيئن نہ خشڪيون چڙهي ويون هوئي، وري بہ مون همت ڪئي تڏهن جان ڇٽي.

87. دل ٽپا ڏيڻ.

تمام گهڻو خوش ٿيڻ. خوشيءَ ۾ مست ٿيڻ.

1. هن هفتي ادا آمريڪا کان پهچندو. منهنجي لاءِ ٽيپ رڪارڊر ۽ ٻيون بہ شيون پيو آڻي، اُن ڪري

منهنجي دل تہ خوشيءَ کان ڦٽي ٽپا ڏئي.
2. انعام جو ٻڌي اسلم جي دل اٿين تہ ٽپا ڏنا، جو ٻي ڪا بہ ڳالهہ نہ پئي وڻيس.
3. هينئر تہ تنهنجي دل ڀلي تہ خوشيءَ کان ٽپا ڏئي، پر پوءِ خبر پئجي ويندئي تہ گهڻي ويهين سؤ آهي.

88. دل ڪٽي ٿيڻ.

ارواح ڪجي وڃڻ، بيزار ٿي پوڻ.

1. ان ڏنڊي مان هاڻي ڪو بہ اپراسو ڪونہ ٿو ٿئيم مس مس وڃي ڪو نالي ماتر فائدو ٿو ٿئي، ان ڪري پنهنجي تہ دل ئي ڪٽي ٿي پئي آهي.
2. انهيءَ ڪلاس کي پاڙهڻ مان منهنجي تہ دل ڪٽي ٿي پئي آهي. ڪو هڪ بہ ذهين شاگرد هجي ها تہ بہ شڪر ڪريان ها پر هتي آهن ئي سڀ ڏڏ.
3. جنهن ڪم کي شوق سان ڪبو تنهن ۾ ڪامياب ٿيو، باقي تون آهين اڳيئي ورچڻو سو تنهنجي دل بہ جلدي ڪٽي ٿيو پوي.

89. دل مان هٽڻ.

ٻڌڻ ترڻ، هڪ ڳالهہ تي نہ ٽڪڻ. فيصلو نہ ڪري سگهڻ.

1. اڄا پيو دل مان هٽين ڪٿي هڪ فيصلو ڪر، جيڪڏهن توکي واقعي جاءِ پسند اچي ٿي تہ ڀلي خريد ڪر نہ تہ جند ڪٽي ڇڏ.
2. يوسف اڄايو دل مان ڇو ٿو هٽين؟ پيا بہ تہ دوست هونداسون، ڇو گهٻرائين ٿو.

3. ڪنهن ٻه وڏيءَ منهم ۾ توڪل جو ترهو ٻڌي ڪاهي پئبو تہ ضرور ڪامياب ويجبو، باقي دل من هٽڻ واري جي هرگز جاءِ نہ آهي.

**90. دل ڏوڻي ڏڪيءَ ۾ رکڻ.**

اجايو خيال لاهي ڇڏڻ.

1. ارباب توڪي ڪڏهن ٻہ سنگ نہ ڏيندو دل ڏوڻي ڏڪيءَ ۾ رک تون پڙهي وڏو ماڻهو ٿي پئين تہ ڇا، پٺهين تہ آخرڪار بہ ونس نوڪر هو.
2. ڪارخانيدار ۽ وڏا زميندار سمجهن ٿا تہ اسين سدائين الولين ۾ هونداسين سو دل ڏوڻي ڏڪيءَ ۾ رکن زمانو نيٺ ڦرندو.
3. دل ڏوڻي رکيءَ ۾ ڇڏ. پنهين اهڙيءَ منزل تي پهتو آهي جتان موٽڻ مشڪل آهي ۽ هاٽي ڪڏهن بہ نہ سڌرندو.

**91. دال نہ ڳرڻ.**

پچي نہ سگهڻ.

1. ارشاد مون ڪان رياضيءَ ۾ تمام گهڻو هوشيار آهي، ان سان بيشڪ پنهنجي دال نہ ڳرندي باقي ٻين ڪي تہ مان ليڪي ۾ ٿي تٿو آئيان.
2. سائنس جي ترقيءَ ۾ چين سان ڪنهن جي دال نہ ڳرندي.

**92. دلبو ڏيڻ.**

لڳڻ.

1. اڙي متان انهن لڳن جي ور چڙهيو آهين. اهي رڳو ماڻهن کي سبز باغ ڏيکاري، دلبو ڏيندا اٿئي.
2. چو پاڻ کي وڏو ماڻهو ٻڌايان،

97. ڏيپ ڄمي وڃڻ.

انتظار ڪندي ڪندي، بي حال ٿي پوڻ، شديد انتظار ۾ ٿڪجڻ، گهڻو اوسيئڙو ڪيڻ.

1. نائڪ! ٻيلي پلائي ڪري صاحب کي چئو تہ مون کي سڏائي، صبح لاڪر سڏ ٿي آيو آهيان مٿان اچي هيءَ مهل ٿي آهي، ويهي ويهي ڏيپ ڄمي ويا اٿم.
2. صبح ڪان جو ڪاڄ ۾ ويٺاسون تہ مٿان اچي آڌي رات ٿي گلم بہ پيو هو ماٺهن سان سٿيو، سڄو وقت ڇيلهہ بہ سنئين ڪانہ ڪئي سين ويٺي ڏيپ ڄمي ويا.
3. ٻہ ٽي ڏوڪڙ خرچ ڪري ڪٿي ڪم ڪراءِ نہ تہ روزانو انتظار ڪري ڪري، ڏيپ بہ ڄمي ويندئي تہ ڪاغذ هڪڙي هنڌان نڪري ٻئي وٽ ڪونہ پهچندئي.

98. ڏکهو رسو ڏيڻ.

باز پرسي نہ ٿيڻ، ڇيڪ ڇڏي ڏيڻ.

1. گلو ڏاڏو ڏنگو ٿي پيو آهي. سڄي پاڙي کي تپائي ڏنو اٿس، مائٽن کي شڪايتون بہ گهڻيون ٿي مليون آهن، پر خبر ناهي تہ ڪيس جو ڏکهو رسو ڏئي ڇڏيو اٿن.
2. لڄ ڪي الله تعاليٰ ڏکهو رسو ڏيندو آهي، پر نيٺ پنهنجي برن ڪمن جو اوجهہ بہ هن دنيا ۾ ئي ڏيندو آهي.
3. سماج دشمن عناصر کي ڇيڪ ڇڏي ڏبو يا اجايو ڏکهو رسو ڏبو تہ هو سڄي سماج ۾ بي چيني ۽ افراتفري ڦهلائي ڇڏيندو.

99. ڊال ٿي ويهڻ.

آڌار ٿيڻ، ڪمزور جي پناھ يا بچاءُ ٿي ويهڻ.

1. اسان ٻه رئيس ڪانيو خان جا خدمتگار ٿيو وينا آهيون، سندس ٿي زمين ۾ چنو منهن اڌي ڇپر ڇانوَ ڪئي اٿئون، پوءِ ڀلا رئيس ڪانسواءِ ڪير اسان مسڪينن جي ڊال ٿي ويهندو؟
2. عوام جو سچو ۽ هڏڏوڪي ليڊر اهو آهي، جنهن جو غريبن لاءِ هڏ ڪرڪي ۽ هو هر مصيبت ۾ سندن ڊال ٿي ويهي.
3. جنگ جي وقت ۾ چوڌاري افراتفري هوندي آهي ۽ جيڪي اڳي ٻين جي ڊال ٿي ويهندا هئا سي پاڻ ئي جان بچائڻ لاءِ پچ پچان ۾ اچي ويندا آهن.

100. ڍونگ رچائڻ يا ڍونگ ڪرڻ.

ٻاهريون نمونو ڪرڻ: ٺڳي يا دولاب ڪرڻ، ٺڳيءَ جو ناهه ڪرڻ.

1. اڙي جانو وڏو حرفتي اٿئي، متان توکي ٻه ڪو گهمرو ڏئي وڃي، هو رڳو ماڻهن کي ڦاسائڻ لاءِ ڍونگ ڪندو آهي.
2. اهي رستن تي جيڪي رمال ۽ جوتشي وينا هوندا آهن، سي رڳو وسوڙيلن کي ٺڳڻ لاءِ ڍونگ رچائيندا آهن، باقي وٽن علم ڪوبه ڪونه هوندو آهي.
3. انگريز هندستان ۾ واپار جو رڳو ڍونگ رچائي آيا هئا، نه ته سندن اصل نيت ملڪ کي هڙپ ڪرڻ جي هئي.

101. ڏينگو ڏيري تي وجهڻ.

نار جي گول چڪر کي، جنهن ۾ لوٽا ٻڌبا آهن، تنهن کي ڏينگو چئبو آهي. اصطلاحي معنيٰ خانو خراب تي وجهڻ، الهه تلهه چٽ تي وجهڻ، تباهه برباد ڪري ڇڏڻ.

1. محمد خان ويچاري جو هڪڙي رات ۾ ڏينگو ڏيري تي ويو، چور ويچاري، جا ڏڳا ته ڪاهي ويا پر ڪرن کي به باهه ڏئي ويس.
2. چوڌري بشير سچي عمر غريبن جو خون نچوڙي پنهنجيون تجوڙيون ڀريون، پر پوءِ نيٺ قدرت جو به مٿس اهڙو ڏمر ٿيو، جو نقصان پٺيان اهڙا نقصان پيس، جن سندس به ڏينگو ڏيري ڪري ڇڏيو!
3. نادر شاهه جي دهليءَ تي ڪاهه سببان، آفتي باقي به مغل تاجدار محمد شاهه جو ڏينگو ڏيري تي ويو.

102. ڍنڍورو پٽجڻ يا ڍنڍورو ڏيڻ.

اجائي واڪاڻ يا گلا چوطرف ٿيڻ. هنڌ هنڌ ووءِ ووءِ ڪرڻ، چوطرف چوٻول پيدا ڪرڻ، پڙهو گهمائڻ.

1. پرسال به ڍنڍورو پٽبو ٻڌي ميلي تي وياسون ته ڪو ڏاڍو سٺو ميلو هوندو پر هو ڪي به ڪين، نڪي ملاکڙو نڪي پيو ڪو تماشو!
2. ادا اڳي به بادشاهن جي تعريف ۾ ڍنڍورا پٽبا هئا، ته هاڻي به ساڳي ڳالهه واسطي حڪمرانن جي پروپيگنڊا ٿئي ٿي، ڳالهه مڙيئي ساڳي آهي.
3. ڪرم ڏاڍو خوار ماڻهو اٿئي، شل نه ڪنهن جي ٿوري ڳالهه ٻڌي، پوءِ ته اصل سڄي شهر ۾ ڪئي ڍنڍورو ڏيندو.

103. ڏڏڙ ۾ پير هڻڻ.

ضد ڪري ويهڻ، انڪار تان نه لهڻ.

1. انور جي عادت ئي اهڙي آهي هونئن پيو پنهنجي ليکي سچو

وقت ڪم ڪندو، پر ڪڏهن ڪڏهن اصل ڏڏڙ ۾ پير هٿي ٻيهندو.

2. انسان کي ڪيپي تہ هر معاملي ۾ لچڪيدار رويو رکي، پر ڪنهن بہ حالت ۾ ڏڏڙ ۾ پيو هٿي نہ ٻيهي، جنهن مان نڪي وري نڪي سري.

3. ٻن ڏينهن کان شفيق اسڪول ڪونہ ٿو وڃي، اصل ڏڏڙ ۾ پير هٿيو بيٺو آهي تہ پهرين بابا نئون ٿيلهو وٺي ڏئي تہ پوءِ وڃان.

104. رنڊا روڙڻ.

ڪنهن هنر يا ڪم مان پوري واقفيت نہ هئڻ باوجود محض شوق سببان مشق ڪرڻ انتهائي انهماڪ ۽ اشتياق سان ڪم ڪرڻ.

1. جيڪي انسان دنيا ۾ نامور ٿي گذريا آهن، تن کي رڳو رنڊا ڪونہ روڙيا هئا، پر اُهي واقعي پنهنجي هنر ۾ طاق هئا.

2. پهرين هر ڪنهن فن جي مڪمل واقفيت تمام ضروري آهي، باقي چاڻ کان سواءِ ائين ٿي ويهي رنڊا روڙيا تہ محنت ئي اجائي ويندي.

3. علم و ادب سان محبت باعث هي ڪتاب لکيو اٿم، ايڏو وڏو اديب پاڻ کي نٿو سمجهان پر رنڊا ضرور روڙيا اٿم.

105. رڪ جا چٺا چٻڻ.

سخت مشڪلات جو منهن ڏسڻ.

1. آمريڪا دنيا جي تمام وڏي فوجي طاقت آهي، ان سان هٿ اٽڪائڻ مذاق ناهي رڪ جا چٺا چٻڻا آهن.

2. لياري فوٽ بال ٽيم کان مئچ کٽڻ جهڙي تهڙي ڳالهہ ڪونهي، رڪ جا چٺا چٻڻا آهن.

3. سي. ايس. ايس جو امتحان ڪو چرچو ناهي، جو جهٽ ڪري ڏئي ويندين. رڪ جا چڻا چٻڻا پوندئي.

106. رت روئڻ.
تمام گهڻو روئڻ، ڏک ۾ ٻي حال ٿيڻ، تمام گهڻو ڏک ڪرڻ.

1. ڪنهن پياري عزيز جي موت تي اهو ڪهڙو بي درد انسان هوندو، جنهن جون اکيون رت نه روئينديون؟
2. جڏهن انگريزن ديس کي غلام بنايو هو تڏهن هر محب وطن انسان جي اکين رت ٿئي رنو.
3. پنهنجي پيرن تي پاڻ ڪهاڙو هيون اٿئي، هاڻي ڪيترو ويهي رت روئيندين؟

107. زمين پيرن هيٺان نڪرڻ.
ڪنهن خراب ڳالهه جو غير متوقع ۽ اوچتو ٿي پوڻ سان شديد صدمو رسڻ.

1. اولمپڪ هاڪي مئچ ۾ پاڪستان جرمنيءَ کان هارايو! ڳالهه ٻڌي سچ پچ ته زمين پنهنجي پيرن هيٺان نڪري وئي آهي. اسان کي ته سورهن آنا پڪ هئي ته ورلڊ ڪپ هيل به پاڪستان وٽ رهندو.
2. پلا ڪنهن کي ڏنڏي مان سؤ سيڪڙو نفعي جي پڪ هجي، تنهن مان جو نقصان پويس ته پوءِ زمين پيرن هيٺان نه نڪرندس ته پيو ڇا ٿيندو؟
3. ڀهريون پيرو بنگلاديش بنجڻ جو اعلان ريڊيو تان ٻڌڻ سان گهڻن ماڻهن جي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي.

108. زماني کي منهن ڏيڻ يا زماني سان منهن ڏيڻ.
حالات سان ناهه ڪرڻ، وقت

1. سچ پچين ته اڄ نه يارن ۾ ياري

جي تقاضا موجب هلڻ.

آهي ۽ نه وري ڪو قريبن ۾ ڪو قرب آهي، پر سڀ ڪنهن سان اٿڻو ويهڻو پوي ٿو، مڙئي ٿيو زماني سان منهن ڏيڻو.

2. عابد پٽ ٻڌ هاڻي تون جوان ٿيو آهين، هينئر نه ڪنهن جي شادي غميءَ ۾ شريڪ ٿيندين ته پوءِ زماني کي منهن ڏيڻ آخر ڪڏهن سکندين؟

3. ٺيڪ آهي هينئر مهانگائيءَ جو وقت آهي، پر پٽ سٺ ڪري ٻه ڏاڻ ڏوڻ سان شادي ڪجي، زماني کي منهن ته ڏيون جيئن پوءِ گلا نه ٿئي.

109. زمين اُٿلي پوڻ.

اٽل ارادو ڏيکارڻ، نتيجي جو خيال ڪرڻ بنا پنهنجي ڳالهه تي قائم رهڻ.

1. ڪنهن جي به سفارش ڪٽي اچي، ته به هھڙي بي ايمان ماڻهوءَ کي جيستائين آئون هتي آهيان ته ڇو نه زمين اٿلي پوي، ته به نوڪريءَ ۾ ڪونه رکندوسانس.

2. زمين اٿلي پوي، ڏونگر ڏري پون پر اوهان پنهنجي حق جو آواز بلند ڪندا اچو.

3. ڪمال خان ڏاڍو ضدي ماڻهو آهي، ڪنهن هڪ ڳالهه تي اڙي ڪيائين ته پوءِ ڀلي ته زمين اٿلي پوي، پر هو ڪڏهن به نه مُڙندو.

110. زبان کي پاڻي ڏيڻ.

واعدو پاڙڻ.

1. اليڪشن وقت ته سيئي ليڊر ماڻهن سان وڏا واعدا ڪندا آهن، ليڪن

ڪي ٿورا اهڙا ليڊر ٿين ٿا جي پوءِ پنهنجي زبان کي پاڻي ڏيندا آهن.

2. تو هيترن ماڻهن جي روبرو هام ٻري هڻي ۽ رهيل حصو ڪيس موٽائڻ جو واعدو ڪيو هو، هاڻي زبان کي پاڻي ڏئي نہ تہ سيني ۾ خوار ٿيندين.

3. اهو انسان اشراف ۽ ايماندار چئبو، جو هر حال ۾ پنهنجي سان ڪيل زبان کي پاڻي ڏئي ٿو.

111. ساهہ مُٺ ۾ ٿيڻ يا ساهہ مٺ ۾ اچڻ.

ڊپ ۾ ڀرجي وڃڻ خوفزده ٿيڻ.

1. انهن ماڻهن جن جنگ کي بہ روُنشو سمجهي ڪڳيون پئي هنيون تن جو بہ هوائي حملن وقت ساهہ مٺ ۾ اچي ويو هو.

2. حادثي جو ٻڌي اسان جو بہ سچي واٽ ساهہ مٺ ۾ هو. رب کي پئي ٻاڏايوسون تہ شل خير سان وڃي، ٻچن ڀيڙا ٿيون.

3. هن حڪومت راشي عملدارن جو تہ اصل ساهہ مٺ ۾ ڪري ڇڏيو آهي. نوڪريءَ مان نڪرڻ جي تلوار سدائين سندن سِر مٿان پئي لٽڪي.

112. سندرا ساهڻ.

هردم تيار هجڻ مقابلي لاءِ تيار رهڻ.

1. قلب عليءَ جهڙو سندس ٽر ۾ پيو ڪو ملهہ آهي ئي ڪونہ! هو تہ سندرا ساهيندو وتي پر اچا ڪو مقابلي لاءِ ويجهو ئي نہ ٿو اچيس.

2. محمدعلي ڪلي جھڙو باڪسر سڄيءَ دنيا ۾ ڪونھي، ڪنھن جي طاقت ناهي، جو هن سان سندرو ساهي.
3. اعظم جو الاهجي ڪنهن مغز خراب ڪيو آهي، اسڪول ۾ وڙهڻ لاءِ سندرا ساهيندو وتي روز ڪنهن نہ ڪنهن ڇوڪري سان ڳنڍيو ٿي پيو آهي.

113. شيطان کي موچڙو هڻڻ.

ضد ڇڏڻ، درگذر ڪرڻ، مُڙي وڃڻ.

1. برابر هن توسان ڇڱا پير ڪونہ ڪونہ ڀريا آهن، پر هي خوشيءَ جو ڪاڄ آهي، شيطان کي موچڙو هڻ، وڃي ياءُ کي پرچائينس، تو سان ضرور هليو ايندو.
2. ڇو پاڻ تان هرويرو خلق کلائي اٿو؟ ڪٿي ٻئي ڄڻا شيطان کي موچڙو هڻو، پاڻ ۾ ڪير ڪنڌ ٿي وڃو.
3. ننڍڙي ڳالهہ تان ايڏي ڪاوڙ ڇڱي ناهي؟ ڪلمو پڙهي شيطان کي موچڙو هڻي ڇڏ.

114. سر قلم ڪرڻ.

سِسي لاهڻ يا جدا ڪرڻ.

1. تاريخ ۾ اهڙا بہ بيباڪ ءِ حق گو انسان ٿي گذريا آهن، جيڪي ڪٿي دار ٿي چڙهيا يا سندن سِر قلم ٿيا تہ بہ هو حق جو ڪلمو چوڻ کان هرگز نہ هٽيا.
2. اڪبر اعظم ڏاڍو رحمدل بادشاهہ هو، هن پنهنجي هٿ سان ڪڏهن دشمن جو بہ سِر قلم نہ ڪيو.

### 115. ڦاٽ ڪاٽڻ يا ڦاٽ ڦاٽڻ.

راز کولڻ، ڳجهه ظاهر ڪرڻ.

1. جڏهن پاڻ ۾ ڦٽي اٿن، تڏهن خميسي خان ڦاٽ ڪاڏو آهي، نه تہ ورهين تائين اسان مان ڪنهن کي خبر بہ نہ هئي تہ اها چوري آخر ڪنهن ڦباڻي؟
2. هر ملڪ جي حڪومت پنهنجي پرڏيهي پاليسيءَ کي راز ۾ رکندي آهي تہ بہ ڪڏهن ڪڏهن گهڻي خبرداريءَ جي باوجود بہ وڏا ڦاٽ ڦاٽي پوندا آهن.
3. روزانو عجيب و غريب سرگوشيون پيون هلن، ضرور ڪو ڦاٽ ڦاٽڻ وارو آهي.

### 116. ڦاڙا مارڻ.

طنز طور چئبو آهي. ڏکيا ڪم سر ڪرڻ.

1. آخر اڳي سال جي فائينل مچ ۾ افضل ڪهڙي سئي راند ڪئي هئي، جو هينئر وري ڦاڙا ماريندو؟
2. گهڻي ٻناڪ نہ هڻ پل تہ امتحان جو نتيجو نڪري ڏسون تہ ڪهڙا ڦاڙا ماريا اٿئي؟

### 117. ڪک پن ٿي وڃڻ.

غائب ٿي وڃڻ، ڇڙوڇڙ ٿي وڃڻ، ٽڙي پکڙي وڃڻ.

1. سپاهين کي ايندو ڏسي، خوف وچان چور هڪدم ڪک پن ٿي ويا.
2. اڙي ڇورا ڏينهن ٽتي جو کهٽيءَ ۾ ڪهڙو ڪٽي گوڙ لاتو اٿوَ؟ هاڻي سڀ ڄڻا ڪک پن ٿي وڃو نہ تہ هڪ هڪ کي ڪيندس مار.

### 118. ڪيڙن ڪان ٻاهر نڪرڻ.

آپي کان ٻاهر نکري وڃڻ، حيا

1. انسان کي سدائين معتدل مزاج

چڙي وڃڻ.

هڻڻ گهرجي، جيڪڏهن ڪا غصي جي ڳالھ هجي تہ بہ ڪپڙن کان ٻاهر نہ نڪرجي.

2. نعيم ڪجھ سمجھ کان ڪم وٺ اجايو ڪپڙن کان ٻاهر نہ نڪر. توکي پيءُ جو هرصورت ۾ حيا ڪرڻ گهرجي.

3. چڱي صلاح ڏني مانس پر ڪيس ڪانہ وڻي، مرڳو ڪپڙن کان ٻاهر نڪري ويو.

119. ڪاري ضرب هڻڻ يا لڳائڻ.

زِڪ پهچائڻ، مد مقابل کي زبردست هار ڏيڻ، زبردست شڪست ڏيڻ.

1. پاڪستان جي بهادر فوج 1965ع ۾ کيم ڪرن جي محاذ تي ڀارتي حملہ آورن کي اهڙي تہ ڪاري ضرب هنئي، جو اتي وري سندن پير ڄمي نہ سگهيا.

2. دشمن کي اهڙي تہ ڪاري ضرب رسائجي جو هو وري ڪڏهن بہ سينو ساهي نہ سگهي.

3. هاڻوڪي حڪومت سخت قانون ٺاهي، بليڪ ميلرن ۽ سمگلرن جي مفاد تي ڪاري ضرب هنئي آهي.

120. ڪنڌ تي ڪاتي اچڻ.

سر تي جهلي اچڻ، مٿي تي مصيبت اچڻ.

1. آئون آڻ هرگز ڪونہ مڃيندس، پر جيڪڏهن هروڀرو ڪنڌ تي ڪاتي اچي پيئي تہ پوءِ خدا کان پائيندس.

2. منهنجي مرضي اهڙي ماڻهوءَ سان ٺهڻ جي هرگز ڪانہ هئي، پر پوءِ جڏهن مائٽن مٿن زور ٻار رکيو تڏهن ڪنڌ تي ڪاتي آيل ڏسي ڪٺي صبر ڪيم.

3. ڪنڌ تي ڪاتي جو نہ اچي وڃيم، تہ بہ ضمير جي خلاف فيصلو ڪونہ ڏيندس.

121. ڪل ٽڙڻ.

سمجهہ کان نڪري وڃڻ. عقل جو ڏيوالو نڪرڻ. مغز خراب ٿيڻ.

1. دلبر خان اليڪشن تہ ڪٽي آهي پر اصل ڪلّ ٽڙي وئي اٿس، ڀانئين ٿو تہ ملڪ جو والي آهيان.
2. تنهنجي ڪا ڪل ٽڙيل ٿي ڏسجي رڳو سنئين سڌي ڳالهہ ڪئي اٿم، تہ بہ ڀيو وڙهڻ اچين؟
3. تنهنجي ڪل خبر ناهي ڇا تي ٽڙي آهي نرميءَ مان اجايو فائدو نہ وٺ. آئون هوش نڪاتي لڳائي ڇڏيندو سئين.

122. ڪڪر ۾ ڪڙو هڻڻ/ لڳڻ.

ڪنهن ڳالهہ تان ڦاسجي پوڻ، وڪوڙي وٺڻ، هروبرو ڪنهن کي ڇيڙڻ، معاملو مچڻ.

1. اهي ڏاڍا ڏنگا ماڻهو اٿئي، سائن چرچ ڪندين تہ پوءِ ڇڻ ڪڪر ۾ ڪڙو لڳو، سڀ مڙي سڙي وڙهڻ لاءِ نڪري ايندا.
2. جمن آهي ٿانڊي ٽيٽو، اچا ٺالو ونبس ٿي ڪونہ تہ ڇڻ ڪڪڙ ۾ ڪڙو لڳو، اصل وٺي ويندو.
3. ايوب خان ڪنڌ جي قيمت ڇا وڌائي پر ڇڻ تہ ڪڪڙ ۾ ڪڙو لڳو، ماڻهو ٻنهہ مچرجي پيا.

123. ڳاهہ ۾ ڳهڻ.

گهڻي تڪليف برداشت ڪرڻ، گهڻي محنت ڪرڻ.

1. آفريڪا جا شيدي، صدين کان غلاميءَ جي ڳاهہ ۾ ڳهندا رهيا، هاڻي مس مس وڃي سک جو ساهہ پٽيو اٿن.
2. مزور ويچارا سڄو ڏينهن جڏهن

ڳالهه ۾ ڳهن تا، تڏهن تا وڃي مس مس چار پئسا ڪمائين.

124. ڳنڍ ٻڌڻ.

هٿ ڌرمي ڪرڻ، ضد ڪري ويهڻ.

1. جنهن ڳالهه ڪي ٿو وٺين ته اصل ڳنڍ ٻڌيو ويهين.
2. واپاري ماڻهوءَ جي وات مان شيءِ جي اگهه بابت اکر نڪتو، ته پوءِ ان تي ئي ڳنڍ ٻڌي ويهندا.

125. گهڙا ڀرڻ.

بي لوث خدمت ڪرڻ، چڱا ڀير ڀرڻ.

1. تنهنجا ٻه ڪي گهڙا ڀريل هجن ها ته هن ڏکيءَ مهل ۾ توسان مٽ مائٽ به ضرور اچي مدد ڪن ها.
2. مون پنهنجي زندگيءَ ۾ چڱن ماڻهن جا گهڙا ڀريا آهن، جيڪڏهن هلي ڪنهن وٽ ويندس ته ضرور مانُ ملندم.
3. مرزا قليچ بيگ مرحوم سنڌي ادب جا ڪافي گهڙا ڀريا.

126. لونءِ لونءِ ڪانڊارجڻ يا لڱ ڪانڊارجي وڃڻ.

خوف وچان بت ۾ ڏڪڻي پوڻ، گهڻو ڊپ ٿيڻ.

1. قليلي وٽ بس جو ڪهڙو نه دردناڪ حادثو هو! چوڌاري چچريل انساني لاش ڏسي منهنجا ته لونءِ لونءِ ڪانڊارجي ويا.
2. صبح سان رحمت علي اهڙي ته سنسني خيز ڳالهه ڪئي آهي، جو ٻڌڻ سان هر ڪنهن جا لڱ ڪانڊارجي ٿي ويا!

127. مينهن واءُ ڪري اچڻ يا مينهن واچ ڪري اچڻ.

تيزيءَ سان اچڻ، زور شور سان

1. ڪراچي حيدرآباد جي وچ ۾ ريل

اڃڻ، جلديءَ ۾ اچڻ.

ڪار جهڙي تيز رفتار گاڏي ٻي ڪانهي، ڏسبو ته پريان ٿي مينهن واچ ڪندي پٿي ايندي.
2. سليم خير ته آهي، صبح ساڻ مينهن واءُ ڪندو اچي ڪڙڪيو آهين؟
3. سائينداد ڪي رڳو خبر سا پوي، پوءِ ڪٿي به هوندو ته مينهن واءُ ڪري اچي پهچندو.

128. منهن ٽامڻي هٽڻ يا منهن ٽامڻي ٿي وڃڻ.

غصي ۾ لال ٿيڻ، ڳهٽي ڪاوڙ اچڻ.

1. چور جو هر دفعي انڪار ڏيڻ، صوبيدار جو ڪاوڙ مان منهن ٽامڻي ٿي ويو.
2. ڪلاس ۾ شميم جو اڄ چوٿين ڏينهن به ڪچو سبق ڏيڻ، سائينءَ جو ته منهن ٽامڻي ٿي ويو.

129. نالو ڳائجڻ.

ساراهه ٿيڻ، نالو ناموس هئڻ.

1. جن شخصن پنهنجي حياتيءَ ۾ انسان ذات لاءِ ڀلائيءَ جا ڪم يا ايجادون ڪيون تن جو دنيا ۾ جتي ڪٿي پيو نالو ڳائجي.
2. ميان حسن علي آفندي توڙي نور محمد وڪيل جو نالو سدائين پيو ڳائبو.

130. نڪ ۾ ناڪيلي وجهڻ.

قبضي ۾ آڻڻ.

1. رحموءَ چورين سان چوڏاري رڻ ٻاري ڏنو آهي، جي هاڻي به ڪا نڪ ۾ ناڪيلي نه وڌوس ته پوءِ خبر ناهي ته ڪهڙا خلم ٻاريندو؟
2. مجرمن ۽ ڌوهارين کي جيڪڏهن

نڪ ۾ ناڪيلي نه وجهبي ته هوند ڪنهن کي به سک سان ويهڻ نه ڏين.

3. لالو ڏاڍو حرڪتي ٿي پيو آهي، ٻاڙي جا ماڻهو سندس لڇاين کان تنگ اچي چڪا آهن، مهرباني ڪري ڪا نڪ ۾ ناڪيلي وجهوس!

131. واجهه وجهڻ.

موقعي جي تاڙ ۾ رهڻ، وجهه ڳولڻ، ڪوشش ڪرڻ.

1. صديق منهنجي لاءِ پيو واجهه وجهي ته ڪٿي هٿ اچانس ته بدلو وٺي.
2. انگريز هندو پاڪ جي رياستن تي قبضي ڪرڻ لاءِ سدائين واجهه وجهندا رهندا هئا.
3. اها نوڪري هٿ ڪرڻ لاءِ مون به گهڻائي واجهه وڌا پر قسمت ۾ لکيل ڪانه هئي.

132. هانو تي چنبو پوڻ.

غصو ٿڌو ٿيڻ، ڏک دور ٿيڻ طبيعت کي ڪجهه سڪون يا اطمينان پهچڻ.

1. خونيءَ کي ڦاسيءَ تي چڙهندو ڏسي، انهن مظلومن جي هانوَ تي چنبو پئجي ويو، جن جا ڪونڌر ڪٺا هئائين.
2. منهنجي هانوَ تي تيستائين چنبو نه پوندو، جيستائين آئون الهداد کان پنهنجي ڪيل ظلم جو بدلو نه چڪائيندس.
3. جڏهن پٽ جي پاس ٿيڻ جي خبر پئي اٿم، تڏهن وڃي ڪو مس مس هانوَ تي چنبو پيو آهي.

توڏو هٿي تيرهن، اٺ پوڙهو ٿيو ته ٻه مٿڻ نه سگهيو، اهڙي مارَ مليس جهڙي اٺ پٽڻ تي کائي، پوڙهو اٺ ٻه ڪنواڻ لهي، اٺن تڏهن تي رنو جڏهن پورا ٿئي سبيا، اٺ پنهنجي مت ۾ پاڻ ترڪي، بيوس اٺن بار چڏيا.

سنڌيءَ ۾ پهاڪن جو مطالعو ڪندي معلوم ٿئي ٿو ته ڪي پهاڪا دراصل يا ته شروع ۾ ئي منظوم سٽون يا فقرا هئا يا ته وري بعد ۾ ڪن ڳهيرن ۽ سگهڙن ان ۾ اضافا ڪيا آهن. مثال طور

1. ٻنيءَ منڊ منڊي ۾، اسيءَ ۾ ڪاٺو،
هي جو گنجو ساماٺو ته مڙني ڪٿي ماٺ ڪئي.

2. پٽ ۾ ڪير ته نور ۾ نور،
پٽڙ ۾ بار ته سور ۾ سور.

3. ڏڻ ته ڏٺي نه ته وکڻ ڪٺي،
وار ته ڦٽي نه ته ڪوڙاء ڪٺي.

4. گنجو هليو ميٺ ملائي،
وار نه هجي چاڪي لائي.

5. هيريا نه ڦير متان وڙهني،
ڦيريا مَ هير متان هرنئي.

6. جهڙي چالي تهڙي پني،
جهڙو گهوٽ تهڙي ونی،
هن لاهي هن کي ڏني.

7. نڪ وڍيو، پڳ لٿي،
سائينءَ منهنجي ڍڪ ڍڪي.

8. لڏ ٻه ڏئي لڏائي ٻه ڏئي،
اهو ڪي ڏئي جو توڙ رسائي.

9. ناڻءَ چڙهيو واپاري ڪتيو ڪائي،
ناڻءَ چڙهيو چور ڦاهي چڙهي.

10. سدور پٽ پينگهي ۾ پڌرو،
سمهارينس سنئون ته ٿي ٻوي اونڌو.

عموماً پهاڪو ڪنهن واردات يا موقعي تان مشهور ٿئي ٿو ۽ پوءِ وقت گذرڻ سان عام گفتگوءَ ۾ ان جو مفهوم ۽ معنيٰ مقرر ۽ متعين ٿي وڃي ٿي، تان ته جو اُهو هڪ رائج الوقت سڪي وانگر ٻوليءَ ۾ جاري ٿي وڃي ٿو.

پهاڪا به اصطلاحن يا محاورن وانگر پنهنجي ظاهري لفظن تي مبني معنيٰ، کان سواءِ حقيقي طور ٻي به پوشيده معنيٰ رکن ٿا، جا ئي اصل مدعا هوندي آهي. جيئن ته:

1. انڌو هاٿي لشڪر جو زيان.
2. ڪسيري جي ڪتي ٽڪي جا ڪائي نان.
3. بختاورن جا ڍڳا به ويامن.
4. پولڙي جي پچ ۾ ٻاهم ڏئي تماشو ڪرڻ.

اهڙا ٻيا به ڪيترا مثال اڃي چڪا آهن. اڪثر پهاڪن ۾ صرف فرضي يا مشاهدي ۾ آيل ڳالهه جي پسِ منظر ۾ ئي ڪا 'حقيقت' يا 'نڪتو' ٻڌايل آهي. ليڪن انهن کان علاوه ڪي اهڙا پهاڪا به آهن، جن ۾ سنئين سڌي ڳالهه بيان ڪيل آهي ۽ اُهي ذو معنيٰ نه آهن. مثال طور اُستاد جي مار ٻار جي سنوار، عقل ريءَ عذاب گهڻا پسنديءَ جندري، عادت عضوو آهي، عاقل کي اشارو ڪافي آهي. عقل ۽ سونهن جي ڪنهن کي بک ناهي. اتحاد ۾ طاقت آهي، پنهنجي مدد پاڻ ڪجي، انسان خطا جو گهر آهي، خوشيءَ جهڙي خوراڪ ناهي، ڳڻتيءَ جهڙو مرض ناهي، هڪ تندرستي هزار نعمت.

انهن کي علمي ۽ ادبي طور گفتارون، سخن يا قول چئي سگهجي ٿو. ليڪن هڪ عام پهاڪي توڙي سخن يا قول ٻنهي جي بنيادي مقصد ۾ ڪوبه فرق ناهي. ٻين ٻولين جا ڪيترا سخن يا ڏاهن جا قول، هن وقت تائين اسان جي ٻوليءَ يا رواجي گفتگوءَ ۾ خط ملط ٿي چڪا آهن ۽ انهن کي به مقبول عام چوڻين جهڙو درجو حاصل ٿي چڪو آهي.

تعليمي مدارج لاءِ محاورن توڙي پهاڪن جي وڏي اهميت آهي. شاگردن کي جيڪڏهن انهن جو صحيح فهم حاصل هوندو ته هو پنهنجي تحرير ۽ تقرير کي مائيدار بنائي سگهندا. هتي پهريون ڏفعو درسي طرز ۾ پهاڪن جون سمجهاڻيون لکيون ويون آهن، هن کان اڳ چند ڪتاب پهاڪن بابت ڇپيل آهن، جن کي به علم و ادب جي دنيا ۾ قابل قدر

جنهن مان جيءَ کي جوکي ٿيڻ جو انديشو هجي يا پنهنجي ٻي ڪنهن عزيز مفاد تان هٿ کڻڻو پوي.

10. اٿي تي اٺو نڪو ڪارو نڪو ڪٺو. • هڪ جيتري ۽ هڪ جهڙي شي ڏيڻ وٺڻ ۾ عار يا جهجهڪ نه ٿيندي آهي، خصوصاً سڱابندي متعلق ڇٽبو ۽ بدي جي رسم سان واسطو رکي ٿو.

11. اڻ تارو نه ٻڏي تارو ٻڏي. • حد کان گهڻي خود اعتمادي انسان کي ڪڏهن بي پرواهه ڪري ڇڏيندي آهي ۽ هو اوس ڌوکو کائيندو آهي.

12. انن تڏهن ٿـي رنو جڏهن پورا ٿـي سپيا. • ڪنهن حالت يا ڪم بابت ڪو شخص اڳين روئڻو روئي ته ڪيس اڳ ۾ ئي پسڻ پئجي ويا هئا ته ان جي راس ٿيڻ سان مٿس اوس ان جو برو اثر پوندو ۽ هو مصيبت لوڙيندو يا مصيبت ماريل ايندڙ آزارن کان اڳيئي پيا ڪهڪائيندا آهن.

13. انڌي اڳيان روئڻ اکين جو زيان. • بي درد ۽ نابڪار ماڻهوءَ کي پنهنجي تڪليف ٻڌائڻ مان ڇا حاصل؟

14. اهو وڻ ئـي ڪونهي جنهن کي واءُ نه لوڏيو هجي. • هر شخص ڪنهن ڏک يا تڪليف مان ضرور لنگهيو هوندو.

15. آئي ته روزي ٽري ته بلا. • گهر ويٺي شَي مفت ملي ته سياڻپ ۾ لکيل سمجهي ڪٺي خوشيءَ سان قبول ڪجي، پر جيڪڏهن نه ملي ته به ان جو غم ڪهڙو.

16. اهو ڪهڙو سوار آهي، جيڪو • هر ماهر ڪاريگر ۽ عالم شخص

36. ٻلي ست ڪوئا کائي هلي آهي حج پڙهڻ.
● ڪوبہ بدڪردار ۽ بداعمال ماڻهو نيڪي يا ثواب جون ڳالهيون ڪري.

37. ٻليءَ کي خواب ۾ ڇيڇڙا.
● ڪنهن شخص کي مهل بي مهل پنهنجي مرغوب غذا يا پسنديده شيءِ جو خيال اچڻ يا لالچي انسان هر موقعي تي فقط پنهنجي حرص ۽ ذاتي مطلب بابت سوچي ٿو.

38. ٻيا جن ڇڏي وڃن پر ڪجي جو جن نہ ڇڏي.
● ڪنهن معاملي ۾ اهڙي ڏکئي ماڻهوءَ سان واسطو پوي جو اصل جان نہ ڇڏي يا ڪنهن اهڙي اڙانگهي ڪم ۾ وچڙجي، جو اُهو وبال جان ٿي پوي.

39. ٻري تيل، ڪامي وٽ واہ ڙي واہ ڏيئا.
● خدمت تہ هڪڙي انجام ڏني، ليڪن نيڪ نامي ٻين جي ٿي.

40. ٻت ٻوندي سهڻ ۽ ڪک ٻوندي نہ سهڻ.
● ڪو انسان نهايت دلير ۽ حوصلہ مند ٿئي ٿو ۽ وڏيون وڏيون تڪليفون بہ خنده پيشانيءَ سان برداشت ڪري وڃي ٿو، ليڪن ان وقت اها ڳالهہ عجيب معلوم ٿيندي آهي، جڏهن ساڳيو ماڻهو رواجي حالت ۾ صرف ڪنهن معمولي لرزش کان دانهن ڪري وجهي!

41. ٻتين مٿان ٻت ڪير ٿو اچلي؟
● پنهنجي پڄت ۽ استعداد کان تجاوز ڪري اجائي سخاوت ڪوبہ ڪونہ ٿو ڪري.

42. ٻلان ٻليءَ جو ڇيهہ ڪونهي.
● جيئن علم، عقل ۽ سونهن ڪنهن جي ميراث ناهي، تيئن ڏسبو تہ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ قباحت

57. نونڻ لڳي ساهيڙي ڀڳي. • ڪنهن معمولي ڳالهه تان دوستي ٽوڙڻ زنانو ڀاڪو آهي.

58. پنهنجي هٿان وڍيءَ جو نه ويچ نه طبيب. • ڇاڪي واڻي پنهنجو پاڻ لاءِ آزار پيدا ڪرڻ کان پوءِ ان جو تدارڪ مشڪل ٿي پوندو آهي.

59. پاٽيءَ کان اڳ ڪپڙا لاهڻ نه گهرجن. • ڪو ڪم اڃا تڪميل تي ٿي نه رسيو آهي يا مطلوب شَي جو اڃا وجود ئي ناهي ته پوءِ اڳواٽ ان لاءِ مستعدي ڇو ڏيکارجي؟

60. پرايو پٽ تڪو ڏني ڪارجي. • ڪمينن جي صفت ٿيندي آهي ته پنهنجي هڙان خرچ ڪري به ٻئي کي نقصان ۾ وجهڻ.

61. پوڙهو اُٺ به ڪنوات لهي. • پوڙهو شخص زماني شناس ۽ تجربيڪار ٿئي ٿو. هو دنيا جي گهٽي لاهين چاڙهين مان لنگهيو آهي، جنهنڪري نه رڳو نوجوانن کان سياڻپ ۽ عقل ۾ ججهو آهي بلڪ منجهس هنن کان برداشت جو مادو به گهڻو ٿئي ٿو.

62. پرائين دهلين احمق نچي. • ڪنهن پرائي خوشي يا ڏارين تقريب ۾ حد کان زياده پاڻ موکڻ جي ڪوشش ڪرڻ يا خوامخواهه پيش پيش ٿيڻ يا بنهه خوشي ۽ جوش خروش جو مظاهرو ڪرڻ هڪ خلاف مصلحت ڳالهه آهي، ليڪن جيڪڏهن ڪو شخص ائين ڪندو ته يقيناً اهو بي وقوف ئي هوندو.

63. پاڻ مرندي سيڻ کهڙا. • جو خود مصيبت ۾ مبتلا هوندو،

سو ٻئي جي مدد لاءِ ڪيئن سوچي سگھندو.

64. پلن هوندي ڪي ڪٽل ڪپا ڪانين.
● عمدي شَي آسانيءَ سان دستياب ٿي سگھي ٿي، ته پوءِ هرڪو وسعتمند ماڻهو اهائي طلبيندو، ليڪن جيڪڏهن هوندي سوندي به سادي شَي واپرائيندو رهي ته پوءِ اها سندس بخل جي نشاني آهي.

65. پرائي مال تي تونبي نراڙ تي.
● ڪنهن جي دولت جي عارضي سهاري تي، اجايو رعب ڏيکارڻ صرف ٺرڙائي آهي.

66. پئسي پلو مهانگو، روپئي پلو سستو.
● اڻ هوند ۾ سستي شَي به مهانگي لڳندي آهي، ليڪن جيڪڏهن پئسو ڪافي هوندو آهي، ته مهانگي شَي به سستي لڳندي آهي.

67. ڌوٻيءَ جو ڪتو نه گهر جو نه گهاٽ جو.
● ڪي انسان مستقل مزاج نه هوندا آهن، هو هڪ هنڌ ڪوبه ڪم تندهيءَ سان ڪري نه سگھندا آهن ۽ آواره گرديءَ جي نتيجي ۾ آخرڪار ڪين ڪجھه به حاصل ٿي نه سگھندو.

68. ڏک رحماني ۽ ڏڪ شيطاني.
● وڙهڻ ۽ جهيڙو ڪرڻ يا مارڪٽ هڪ شرارت آميز فعل آهي، ان جو رڳو چرچي يا مذاق ۾ آزمائڻ به نقصان جو باعث بنجي سگھي ٿو.

69. ڏڙ ريڍيو سسي ٻاڪري.
● ٻي جوڙ يا اڍنگو ڪم يا اڻ سهائيندڙ نسبت يا مشابهت.

70. ڏوندي پيڙي پڳه پراڻا.
● پيريءَ جي وقت ۾ سڀ عضوا ڪمزور ٿي ويندا آهن.

71. ڊيڀڪي وڄي تہ ٻاندر نچيو. • ناچو توڙي ٻين ڪن اهل ڪندڙن يا نقالن جو مزاج اهڙو ٿيندو آهي جو هو ڪٿي بہ ڪو اشارو ملڻ سان ئي بي اختيار فن جو مظاهرو ڪرڻ لڳندا آهن. يعني تہ بي مانائتو اظهار يا ڪنهن بہ قدر قيمت کان سواءِ ڪنهن فن جو مظاهرو.

72. دل جي ڪاراڻ کان منهن جي ڪاراڻ ڀلي. • سهڻي شڪل واري مگر بي ايمان ۽ حاسد انسان کان تہ اهو ڪارو ڪوجهو ماڻهو ڀلو چڱبو، جو دل صاف رکي ٿو.

73. دريا جي هڻ پار بيهي گاريون ڏيڻ. • بزدليءَ جو ڪم ڪرڻ.

74. دنيا آهي ڏوڙ، ڏوڙ دنيا جي منهن ۾. • هيءُ جهان تہ آخري مري ڇڏڻو آهي، ان ڪري عارضي حياتيءَ خاطر حد کان وڌيڪ سڪن لاءِ پاڻ پتوڙڻ بي سود آهي.

75. ڍنڍ جو ڍڪي ڪڏهن هن ڪپ تي ڪڏهن هن ڪپ تي. • بي وفا انسان جي ياري رڳو پنهنجي مطلب تائين هوندي آهي.

76. ڍلن پيٽان ڀلا ۽ ڀلن پيٽان ڍلا. • ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي، جو ڪنهن مفلوڪ الحال ۽ سماجي طور بنه پٺ تي پيل والدين کي اهڙو صالح فرزند پيدا ٿيندو آهي جو اهو وڏو ٿي پنهنجي علم و فضل سان ناموري حاصل ڪندو آهي، ليڪن ڪڏهن تہ وري ڪنهن معزز خاندان جو ٻار بہ ڪرڄي والدين جي بدناموسيءَ جو ڪارڻ ٿيندو آهي.

77. ڏڏو ڪير ٽٽين نہ پوي. • ڪنهن خطا ٿيڻ کان پوءِ اجايو

86. جَو ڍيري گڏهه رکپال.
• ڏسي وائسي ڪنهن بدديانت ماڻهوءَ کي امانت سونپجي.

87. جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي.
• هر انسان کي پنهنجي نيڪ يا بد عمل مطابق بدلو ضرور ملي ٿو.

88. جيسين عراق کان ترياق اچي، تيسين نانگ جو کاڌل پلي مري وڃي.
• جيسين سڪيو ماڻهو سنبري تيسين ڏکئي جو ٻيڙو غرق ٿي وڃي.

89. جهڙي سٺ تهڙيون ئي ويهون.
• ٻه هڪجهڙيون شيون يا ڪم جي فوق کان مبرا هجن.

90. جيڪا نهن سان ڇڄي، تنهن ۾ ڪاتي نه وهائجي.
• ننڍڙت ۽ نهٺائي سان جيڪو معاملو طئه ٿي سگهندو هجي، سو خواه مخواه جهڳڙي سان ڇو فيصلو ڪجي؟

91. جهڙا ڪانگ تهڙا ٻچا.
• پٽ به ساڳيو ئي پيءُ وانگر بدافعالو يا بداعمال.

92. جڳ جهان سان راس پاس گل فقير کان ٽاندو.
• ٻين ته سڀني سان سٺا تعلقات هجنس پر ڪنهن هڪ سان هرويرو عداوت هجيس.

93. جتي اٺ ترندو اتي ڇڇ به ترندو.
• جتي گهڻي ساري تڪليف ڪٽڻي پوي ٿي، اتي باقي معمولي ڪم به رهائي نه ڇڏجي.

94. جڏهن جا مينهن تڏهن جون ڇڪون.
• جڏهن مسئلو پيدا ٿيندو، تڏهن ئي ان کي منهن به ڏبو.

95. جيري خاطر ٻڪري ڪُهڻ.
• ٿوري غرض خاطر وڏي نقصان ڪرڻ واري بي قياسيءَ جي هلت.

96. جيسين ڍائو ڪنهي پيٽ، تيسين ٻڪئي وڃي ساهه.
• هڪ فارغ البال ۽ آسوده حال شخص جي ڪنهن فيصلي ۾ سست روي ۽ سهل پسندي هڪ حاجتمند لاءِ تمام تڪليف جو باعث بڻجي ٿي.

97. جهڙي چالي تهڙي پني، هن لاهي هن کي ڏني.
● جهڙو هو بيڪار ۽ نِڪمو تهڙو وري هيءَ ڳالهه مڙيئي ساڳي آهي. خصوصاً زال ۽ مڙس جيڪيّ ٻئي هڪجهڙا غير ذميوار ۽ گهرو پابندين کان لاپرواهه هوندا آهن. تن لاءِ چئبو آهي.

98. جيڪا شَي اڇي اڇي آهي سا سڀ کير ناهي.
● ظاهري صورت تي فريفتہ ۽ نہ ٿيڻ کپي.

99. جيَڪي روئيندا ويندا سي مئن جون خبرون آڻيندا.
● راضپي ۽ شوق سان ڪنهن ڪم پويان وڃبو تہ اهو ضرور ٿيندو ۽ موٽي اچي خوشخبري ٻڌائبي ليڪن بار لاهڻ خاطر ۽ مجبوراً وڃبو تہ يقيناً، اهو ڪم بہ نہ ٿيندو.

100. ڄٽ جي چمار اڍائي ڪٺا.
● بي علم ماڻهو ساري عمر جهالت ۾ گذاري پوري ڪري ٿو ۽ ڪيس سندس معمولي بودو باش علاوه ٻي ڪابہ خبر نہ ٿي پوي.

101. ڄٽ ملوڪ ڳلم جو ڏيان.
● ڪو انسان قيمتي پوشاڪ پهريل هجي، ليڪن مجلسن جا آداب نہ ايندا هوندس تہ پوءِ اها خوش پوشاڪي بہ ڪيس زيب نہ ڏيندي.

102. ڄاڻ تہ ڪاري ڊِڳي جا مالڪ ڀهتا.
● توکي ڪپت جو بدلو هاڻي جلدي چڪائڻو پوندو.

103. چريءَ ڪي چوڙو ڪڏهن ٻانهن ۾ تہ ڪڏهن ٽنگ ۾.
● پنهنجي حال ۾ اهڙو مست ۽ لاپرواهہ آهي، جو ڪيس پنهنجي جيءَ جي بہ سمڪ ڪانہ ٿي رهيس.

104. ڇهہ ڪاسي لاهي ٻارنهن ڪاسي وڃهڻ.
● ٿوري تڪليف کان جند ڇڏائي، وڏي تڪليف ۾ پوڻ.

116. چگائي ڪر چٽ سان تہ ڦيري هٽي ڀَٽ سان. • ڪنهن بيوقوف سان ڀلائي ڪجي. ليڪن هو اٽلندو ان کي اجائي مخالفت سمجهي وڙهڻ شروع ڪري ڏئي.

117. چندو چنديءَ کي سؤ ڪوهن تي ڳولي لهي. • بدچلن يا موالي ماڻهو ٻري کان ئي پاڻ جهڙي بدچلن کي سڃاڻي وٺندو ۽ ان سان ياري ڳنڍيندو.

118. چٽي پٽي چاڪر تي ٻر وتايا تون يا چٽي شهباز جي ٻر وتايا تون. • هڪڙي تي حرج پوي ليڪن ان جو عيوضو ڪنهن ٻهاني سان ٻئي کان ڀرائجي.

119. حلوائيءَ جو حلوو منو حلوائيءَ سان وير. • ڪنهن شي لاءِ انتهائي رغبت ۽ محبت هجڻ ليڪن ان جي مالڪ کان بيجا طور تي نفرت يا رقابت هئڻ.

120. حيلي رزق ٻهاني موت. • جيئن رزق روزي حاصل ڪرڻ لاءِ ضرور محنت ڪرڻي پوندي آهي، تيئن موت اچڻ وقت بہ ڪونہ ڪو عذر يا ٻهانو پيدا ٿي پوندو آهي.

121. حرڪت ۾ برڪت. • ڪوشش ۽ سعي ۾ ڀلائي آهي.

122. رت دانگيءَ تي بہ وزندو آهي. • پنهنجي مائٽ کي نيٺ بہ قياس ايندو.

123. رب رسي منت ڪسي هٽي ڪو نہ هٽيار. • جڏهن الله تعاليٰ جو ڪڏهن ڪنهن بشر تي ناراضپو ٿئي ٿو تہ ان وقت بظاهر ڪا بہ آفت سماوي مٿانس نہ ڪڙڪندي، ليڪن هو جيڪو بہ اسباب يا فعل فائديمند سمجهي ڪندو، سوئي ڪيس نقصان ۾ وجهندو.

124. رت ڪٽورو ڏبو تڏهن وڃي پت ڪٽورو ملندو. • جڏهن سخت محنت ۽ مشقت ڪجي ٿي، تڏهن وڃي ڪو ان جو ڦلدائڪ اُجورو ملي ٿو.

169. ڪوڙ جو مثل ڪوڙو.
• ڪوڙ شروع ۾ ڪيترو به دلڪش هجي پر ان جي پڇاڙي نيٺ خراب ٿيندي.

170. ڪتي چٽيو دريا پليت ڪونہ ٿيندو.
• ڪنهن پاڪباز انسان جي گلا سان هو ناپاڪ ڪونہ ٿي پوندو يا سندس رشد ۽ هدايت بي پايان فيض ۾ ڪمي ڪانہ ايندي.

171. ڪوٺلي جي واپار ۾ هٿ بہ ڪارو تہ منهن بہ ڪارو.
• ٻڇڙن ڪمن جو نتيجو ٻڇڙو ٿيندو.

172. ڪڏهن ڇٽ پٽن تي ڪڏهن پٽ ڇٽن تي.
• هن دنيا جو انقلاب اهڙو آهي، جو ڪڏهن شاهہ مان گدا تہ ڪڏهن وري فقير مان ماڻهو امير ٿيو وڃي.

173. ڪتو ڇا ڄاڻي ڪٽڪ جي مانيءَ مان؟
• قدر ناشناس انسان وٽ ڀلا ڪنهن قيمتي شَي جو ڪهڙو قدر ٿيندو؟

174. ڪانگ جي ڪتڪي مکڙ تي.
• طاقتور جي مار هميشه ڪمزور تي هوندي آهي.

175. ٻلي ۽ ٻار لڏپلاڻ ۾ خوش.
• ڪي ماڻهو مسافريءَ ۾ گهڻو لطف اندوز ٿين ٿا. چاهيندا آهن تہ بار بار کين سفر جا موقعا ملن.

176. ڪنن جي ڳالهين مير بجر مارايو.
• سس پس ۽ رازداري هڪ بري عادت آهي، جنهن مان رڳو سازش جو انديشو آهي.

177. ڪنين جي ڪاڻ ڳاٻا چاريم ڳامر جا.
• صرف ڪنهن عزيز تر مقصد يا رشتي ڀويان ٿي مون اها خدمت يا خاڪستري قبول ڪئي هئي.

178. ڪڪڙ ڪوريءَ جي ناڻ وڏيري جو.
• قرباني تہ هڪڙي غريب انسان ڪئي، ليڪن سرخرو ٿي ۽ ناموري وچان ٿي ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي ٿي.

179. ڪانگ کي لڙ ۾ مزو.
• شورش پسند ماڻهوءَ کي سدائين

ٽڪو. (52) لڄ ڀولڙي کي ٻه ڀياري هوندي آهي. (53) مدعي سست گواهہ چست. (54) موت نہ ماري مهڻو ماري. (55) مٺو سهسائي ڏنو نہ سهسائي. (56) مهانگو روئي هڪ وار سستو روئي بار بار. (57) هيٺي هنڌان واڙ ڀڄي. (58) هٿ ۾ قرآن ڪڇ ۾ ڇري.

باب نائون

# شعر ۽ شاعري

هڪ پڙهيل ڪڙهيل انسان کي اها ڳالهہ زيب ڏئي ٿي، تہ هو هر وقت وٽندڙ، مهذبانہ ۽ اثر انگيز گفتگو اختيار ڪندو رهي. دوستانہ محفل يا ادبي ڪچهريءَ ۾ تہ شيرين گفتگو پنهنجي جادوءَ جو اثر ڏيکاري ٿي، مگر روزمره جي ٻين معمولات ۾ پڻ شائستہ ٻولي انسان جي نہ رڳو شخصيت وڌائي ٿي، بلڪ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ڪم اڪلائڻ ۾ سندس مددگار بنجي ٿي. شاگردن کي محاورا، پهاڪا توڙي ٻيو لفظي سرمايو ڪافي هوندو تہ هو ضرور پنهنجي مدعا کي نهايت رواني سان بنا ڪنهن هٻڪ جي ادا ڪري سگهندا. ليڪن خيالات جي ادائگي واسطي صرف عام ٻوليءَ تي عبور حاصل هئڻ ڪافي ناهي، جيڪڏهن ڪن ڏاهن جا قول اقوال يا وري شعر شاعريءَ مان نهڪندڙ اشعار پنهنجي بيان ۾ شامل ڪيا تہ اهو اڃا بہ زياده بامقصد ۽ پرڪشش بنبو.

عام گفتگوءَ جي قطع نظر، خانگي تحرير ۾ يا وري مضمون نگاريءَ ۾ شاعرانہ ڪلام کي ساڳي اهميت حاصل آهي، جنهن جي ذريعي اسان نهايت وٽندڙ ۽ موزون انداز ۾ پنهنجي خيالن کي پيش ڪري سگهون ٿا. ان ڪري هن باب ۾ شاگردن جي ذهني سطح کي نظر ۾ رکندي، سنڌيءَ جي آڳاٽن شاعرن جي ڪلام مان ڪجهہ مثالي بيت هتي ڏنا ويا آهن، جيڪي سيئي زندگيءَ جي عام مسئلن سان واسطو رکن ٿا.

هنن بيتن کي ياد رکڻ سان نہ رڳو شاگرد عام تحرير ۽ مضمون نگاريءَ ۾ پڙ تي سگهن ٿا، بلڪ نشت برخاست ۾ اثرائتي گفتگو ڪان بہ وانجهيل ڪونہ رهندا، ازانسواءِ منجهن اهڙن مثالن گڏ ڪرڻ جو خود بہ شوق پيدا ٿيندو ۽ هو ٻين شاعرن جي ڪلام مان بہ اهڙا اشعار ڳولي ياد ڪندا.

استادن کي شعر يا بيت جو مفهوم ۽ معنيٰ زندگيءَ جي ڪنهن عام

مثال کي مدِنظر رکي بيان ڪرڻ ۽ شاگردن کي ذهن نشين ڪرڻ گهرجي، جيئن منجهن سخن فهمي پيدا ٿئي ۽ هو پنهنجي سر ڪنهن موزون خيال جي ادائگيءَ واسطي خود بخود ڪو بيت استعمال ڪري سگهن. استادن کي لازمي طور ان سلسلي ۾ شاگردن جي رهبري ڪرڻي پوندي. هتي مثال طور صرف ٽن بيتن جي مفهوم کي موزون ترين خيال ۾ بيان ڪيو ويو آهي ۽ باقي هرهڪ بيت جو صرف عنوان قائم ڪيو ويو آهي، جيئن استادن کي تشريح ڪرڻ ۾ آساني ٿئي ۽ هو شاگردن کي ٻڌائي سگهن ته ڪهڙو مضمون يا خيال بيان ڪندي اهي استعمال ڪري سگهن ٿا. مثال طور:

(1)

ستا اٿي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نہ ملي.

تشريح:

اي انسان تون سستي ۽ ڪاهلي ڇڏي، چاهہ ۽ چستيءَ کان ڪم وٺ، ورنہ مقصد حيات يا منزل مقصود تائين پهچي نہ سگهندين.

(2)

جان جيئين تان جل، ڪانهي جاءِ جلڻ ريءَ،
ٿڌي ڪوسيءَ هل، ڪانهي ويل ويهڻ جي.

تشريح:

هيءَ دنيا جدوجهد ۽ ڪشمڪش جو مقام آهي. اي انسان تون رزم گاهہ کي بزم گاهہ سمجهي سست ٿيجي نہ ويهہ، نہ وري راحت جو طالبو ٿي. ڪهڙين بہ تڪليفن ۽ مصيبتن ۾ پنهنجي اٽل ارادي سان اڳتي قدم وڌائيندو رهہ.

(3)

آهي امر ٻنهي ۾ سياڳو وفاق،
نڪر نحس نذيل نياڳو نفاق.

تشريح:

چوڻي آهي تہ ٻہ تہ ٻارهن. اها هڪ تسليم شده حقيقت آهي تہ ٻڌيءَ کي وڏي طاقت آهي. اهي قومون يا فرد جيڪي پاڻ ۾ گڏجي اتحاد سان گذارين ٿا، سي جاڪوڙ ۾ سدائي ڪامياب ٿين ٿا. ڇاڪاڻ تہ وفاق يا

ٻڌي سيني ڳالهين ۾ مبارڪ آهي؛ پر ان جي برعڪس نفاق يا بي اتفاقي نياڳ جي نشاني آهي، جنهن مان هر وقت انسان کي نقصان پهچڻ جو انديشو رهي ٿو.

## لطيف

### 1. مجاهدانہ زندگي

گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهہ ڪوٽن، ڪڏهن واهي رڻ جا.

### 2. صحبت غمگسار

ويلي جنين وٽ، ڏکندو ڏور ٿئي،
تون تنين سين اڏ، اوڏا اڏي پکڙا.

### 3. خوش خلقي ناپيد آهي

ماڻهو سڀ نہ ماڻهو، پکي سڀ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، اچي بوءِ بهار جي.

### 4. ظالم يا سرڪش نفس

متوءِ آهين مڇ، ٿلها ٿو ٿونها هڻين،
تو جا پاڻي اڇ، تنهين پاڻيءَ پنا ڏينهڙا.

### 5. مقصد لاءِ قرباني

عشق ناهي راند، جيئن ڪيڏن ڳيرو،
سسي نيزي پاند، اُڇل تہ اڏ ٿئي.

### 6. درد باعث وصل

ڏيکاريائون ڏکن، ڳوندر ڳس پرين،
سونهائي سورن، ڪئي ميڪاندي هوت سين.

### 7. سراپا غم

سرجي تان سور، ساماڻي تان سک ويا،
اهي ٻئي پور، نماڻيءَ نصيب ٿيا.

### 8. بهترين عبادت

روزا ۽ نمازون اي پڻ چڱو ڪم،
او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسڻ پرينءَ جو.

### 9. سڪ وصل کان بهتر

ڏوريان ڏوريان م لهان شال م ملان هوت،
من اندر جا لوچ، مچڻ ملڻ سان مانُي ٿئي.

### 10. محبت جي تقاضا

نهائين کان نينهن، سک منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري.

### 11. چڱي انجام لاءِ بهتر آغاز

تانگهي ۾ تائي، ٻڌ پنهنجو ترهو،
اونهي ۾ آئي، ڪونه ڏيندءِ ڪو ٻيو.

### 12. راز کي راز ۾ رک

مٺ ٻيڙيائي ٻلي، آپتي ته واءُ،
جي ٻڌر پئي ڳالهڙي، ته ڇڏي ويندي ساءُ.

### 13. تڪبر باعث خواري

چائت پائي چت ۾ سنهو ڪتيو جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اُکهايو.

### 14. تواضع باعث سرفرازي

محبت پائي من ۾ رنڍا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اکهايو.

### 15. آزمائش ۾ ثابت قدمي

سوريءَ سڏ ٿيو، ڪا هلندي جيڏيون،
وڃڻ تنت ٿيو، نالو نينهن ڳنهن جي.

### 16. سچارن جي ڪوٽ

ويا مور مري، هنجهه نه رهيو هيڪڙو،
وطن ٿيو وري، ڪوڙن ڪانئيرن جو.

### 17. سلام ۽ ڪلام

مٺايان منو گهڻو، ڪڙو ناهه ڪلام،
سڪوت ٿي سلام پريان سندي پار جو.

### 18. مٺ محبت ۾ رهڻ جو درس

وڪر ڪيو وتن، پرت نه ڇڻ پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهنئان ميٺ گهڻو.

### 19. آزاري نيزاري ڪندو رهه

ليلائي نه لهين، ته پڻ ليلائيج،
آسر ۾ لاهيج، سڄڻ پاڃهيندڙ گهڻو.

### 20. اسرار جو راز

ڪو جو ٿهر ڪلاچ ۾، جو گهڙي سو نٿي،
خبر ڪونه ڏٿي، ته رڄ ڪڃاڙي رنديا.

### 21. درد ۽ فرياد

ٻڌي وينا رون، ڏکي ۽ ڏونگر پاڻ ۾،
ڪنهن کي ڪين ڇون، منجهن جو پريڻو.

### 22. لذت صلح

نمي ڪمي نهار تون، ڏمر وڏو ڏک،
صلح ۾ سڀ سک، جي سنواريا سمجهين.

### 23. جهد مسلسل.

ٿتيءَ تڏيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
مٿان ٿٺي اوندهه، پير نه لهين پريءَ جو.

### 24. فاني زندگي

جر ۾ ڦوٽو جيئن، لهرن لڳي اڌ تٽي،
تون پڻ آهين تيئن، دنيا ۾ ڪو ڏينهڙو.

### 25. راهه حق ۾ سرگردان

جني سڪ ناهي ڪو، چارڻ سي چٽجن،
وڃون راهه پڇن، مٽي ڪلهن ڪينرا.

### 26. دل وسيع ڪائنات

دل ۾ ڪتيون تارا ڪلن، سج چنڊ ات ابرن لهن،
سج چنڊ ڪان روشن صفا، جيڪي چوان سو آه دل.
(گل)

### 27. محبت قيمتي متاع آهي

ڏسي ڀليءَ ڀت برهه جي بازار ۾،
مثل محبت مور ناهي ڪو متاع.
(قاسم)

### 28. شيرين سخنور

سخن ۾ جنهين رمز رس سان رسائي،
تنهن طبع پنهنجي عجب آزمائي.

### 29. فضائل سخن

فضيلت سندو فن سخن آهي سوڏو،
جڙي جنهن منجهان روح کي روشنائي.
(قاسم)

### 30. اخلاق جي عدم موجودگي

اڄ مروت ۽ وفا منجهه آدمين آهي الپ،
پڻ صداقت ۽ صفا منجهه آدمين آهي الپ.
(قاسم)

### 31. قلم جي طاقت

ترڪ سنان نوڪ قلم آهي تيز تر،
سنگين ڪان بہ آهي سا سنگين نوڪدار.
(سانگي)

### 32. رنگين دنيا

هر روز نوان رنگ نوان ڍنگ ڏسان ٿو،
هي عالم اسباب آهي قابل ديدار.
(سانگي)

### 33. بي نيازي

تنهنجي اچڻ ڪان منهنجو منور ٿيو مڪان،
هاڻي نہ مون کي آهي ذرو انتظار.
(سانگي)

### 34. صدا بصحرا

اتي تنهنجي نصيحت ڇؤ تہ ٻڌندو ڪير اي زاهد،
نقارا نينهن جا وڄي، جتي عاشق وڄائيندا.
(سانگي)

### 35. دلِ راھ راھ بہ دل است

چوندا آهن تہ آهي دلين کي دلين ڏي راھ،
پرواني ڏي ڪونہ ڏٺوسون پيار شمع!
(سانگي)

### 36. گردش دوران

هڪ حال تي نہ هرگز زماني جو زور،
دريا جا آهن آر ڪڏهن ڪٺ تہ ڪڏهن ڪٺ.
(سانگي)

### 37. خودداري

لانڍي هجي لوڙهي ۾ رهڻ لاءِ ککن جي،
ڏيڪارجي دشمن کي مگر لوڏ لکن جي.
(سانگي)

### 38. عشق بتان

آءٌ ڪيئن نہ پرستش ڪريان، تن جي آهيان پروس،
الله محبت منهنجي دل ۾ ڪي بتن جي.
(سانگي)

### 39. خود مطلبي

فصل جي خواهش ۾ وسري اصل ويو،
سنگ چونڊيندي نہ ڪانا ياد پيا.
(سانگي)

### 40. سرگردان ۽ پريشان

واچوڙي وانگي ڦرندو وتان آءٌ روز شب،
آهيان ڪڏهن زمين تي، ڪڏهن آسمان تي.
(سانگي)

### 41. قسمت جي نارسائي

آهي اهڙو اڃي آخر ۾ قسمت ڪي خزان ورتو،
چمن جو سير ڪيوسون تئي تہ مرغان چمن بگڙيا.
(سانگي)

### 42. ڪورانہ تقليد

زماني رمز ورتي جا، سا راهہ حاڪم جي،
ڏسو رسمن ڪان پنهنجي يڪ قلم مرد و زن بگڙيا.
(سانگي)

### 43. شيرين مقال لڏي ويا

لڏي ويا اڏي ويا، سخن جي عمارت،
وضعدار شيرين زبان ڪهڙا ڪهڙا.
(سانگي)

### 44. اجائي ڪج روي

ڪين هلندو لگام تي پورو، هاڻ زماني جو اشهب ابلق،
باز ايندو نہ بي حيائيءَ ڪان، جو ادا هوندو اصل ڪان احمق.
(سانگي)

### 45 دل جي حسرت

آرزو ڪهڙي ڪريون دل آهي هٿن ڪان وئي،
پنهنجي دل لئہ سدا پاڻ سڪون ٿا يارو.
(سانگي)

### 46. جاودان زندگي

مثل دل ڪي همت آيو آب حيات،
فلڪ ڪان ٿئي پوءِ ڇا سرانجام.
(مسافر)

### 47. سچائيءَ جي بي قدري

اڄ تہ پاليسيءَ ڪي دانائي ٿا ڄاڻن ماڻهو،
صافگوئيءَ جي ڪٿي قيمت پائي دنيا.
(مسافر)

### 48. رياڪاري

گدڙ گمرهہ ڏسي، جي شير سمجهن پاڻ کي شومي،
ٻڌي گجگوڙ پنهنجو پوڙن ۾ لڪائين ٿا.
(مسافر)

### 49. ڪتاب دوست

دوست دنيا ۾ ڏلوسون نہ طمع ڪان خالي،
بي طمع دوست ڏٺو دل جو مون آڌار ڪتاب.
(مسافر)

### 50. فرض شناسي

صبح جو سج ڪان سبق، شب ۾ چنڊ تارن ڪان،
سڪج تون فرض ادائيءَ جي ڪار شام صبح.

### 51. ڏکن پٺيان سک

آهہ سيڪنهن رڻ جي حد، وڻندڙ وسيءَ جا بجا،
پوءِ مسافر ڪهڙي ڳڻتي ڪا ذرو ٻي دل نہ لوڙ.
(مسافر)

### 52. بي آواز صدا

نہ آواز آهہ مکڙيءَ جي ڦٽڻ جو،
اڙي بلبل تون هيءَ بانگ درا سمجهہ.

(واصف)

### 53. سرڪشي

سرڪشي ڪر نہ ڪڏهن شعلءِ آتش جي مثال،
خاڪ مان آهہ خداوند ڪيو انسان پيدا.

(واصف)

### 54. محويت

ياد اهڙو تون رهيو آهين بيگانہ رو،
آشنا جيڪي هوا جملہ فراموش ٿيا.

(واصف)

### 55. غمگساري

اهو آهي غم جو، ڪائي رهي دوست ۾ نہ اميد،
ٿئي آسرو ها ڪنهن جي، جي هو غمگسار ٿئي ها.

(واصف)

### 56. واعده بي وفا

چاڪاڻ ٿيون اي منهنجيون اکيون نند ڪريو،
پورو خوبان جو ڪڏهن ٿيندو وچن آهي ڇا؟

(واصف)

### 57. چشم اشڪ بار

ڳوڙهن جي رهي تار ڳچيءَ ۾ ٿي انسان جي،
موتين جو عزيزو وري ٻيو هار ڪبو ڇا؟

(واصف)

### 58. شب فراق

هاڻي ڪندو اچي ڇا عزيزو اجل جو صبح،
آهن شب فراق ۾ عاشق مري چڪا.

(واصف)

### 59. سونپيل ڪم

جنهن جو ڪم آهي، جو سوئي ڪري ٻي جو ڇا آهي،
چشم ڪان ڪم نہ ٿئي، لب جي ڪو گويائي جو.

(واصف)

### 60. خاڪساري

خاڪسارن سان نہ رک دل ۾ ڪدورت باغبان،
بوئي گل سان ٿو اڏامي اداس غبار عندليب.

(واصف)

### 61. انسانيت جو شيوو

ڪوئي هڪ آهہ جهين شيوءِ انسانيت،
شڪل هستي ۾ تہ ظاهر ٿا ڏسون انسان سڀ.

(واصف)

### 62. عارضي خوشي

ٿي نہ مغرور بهاريءَ تي اي نادان بلبل،
باغ ۾ گل آهي هڪ ڏينهن اٿئي مهمان.

(واصف)

### 63. رونق محفل

محفل - جنت ۾ ٻڻ يارب هجي مون سان صنم،
ورنہ سودا خيز سارو آهہ سامان بهشت.

(واصف)

### 64. بيرون خانہ

ٿئي ٿو قدر گهر ڪان يار نڪتي،
ٿي قيمت موتي جي، سپ جي ڇڏڻ بعد.

(واصف)

### 65. پريشان خيالي

ناتوان اهڙو مان وحشت زده روز اول،
ٿو اڏامان سدائين گرد بيابان وانگر.

(واصف)

### 66. درد جي دوا

نامعلوم ته ڪنهن کان بگڙيو آ مزاج،
جو موافق نہ ٿي، تشخيص حبيبان هرگز.

### 67. ديرينہ ملاقات

آهي چگو جي منهن تو ڏيکارين ڪڏهن،
چند ڪي رکي انهيءَ ڪري، سارو جهان عزيز.

### 68. بي مسرور زندگي

هر طفل گريہ سان ٿو چمي هن سبب ڪري،
عالم مي ڪجهہ مڪان نہ آهي سرور جو.

### 69. اظهار راز

جنهن درد ڏنو حال بہ ان ساڻ ڪنداسين،
بيگانن سان ڪو راز جو اظهار ڪبو ڇا؟

### 70. دست تاسف

ڳوڙها ڪڏهن اگهيان مليان افسوس کان ڪڏهن،
من لاءِ پيدا ڪيا هي ڇا، پروردگار هٿ.

(واصف)

### 71. ديدار خدا

نظر بازي، بتن جي مان اي زاهد،
ٿئي حاصل ٿو ديدار - خدا نيٺ.

(واصف)

### 72. فاني زندگي

ڇڏيندو لوڪ سارو نيٺ دنيا،
ٿئي ان سنگ کان ٿو جدا نيٺ.

(واصف)

### 73. دغا باز دنيا

داڻي جي لاءِ دام ۾ ايندي اڙي بلبل،
صياد جي هميشه تون رکجانءِ دغا جو ڊپ.

(واصف)

### 74. ستمر ظريفي

ايذي دليري آهه دل آزاري تي سندس،
ظالم کي ٿئي نه ڪنهن جي ٿو بددعا جو ڊپ.

(واصف)

### 75. دنيا جي حرص و هوا

خانو خراب ٿيندو ملڪ سندو دل،
جنهن تي ٿيو واصفا حرص و هوا جو راڄ.

(واصف)

باب ڏهون

# مضمون نگاري

مضمون اها نثري تحرير آهي، جنهن ۾ مضمون نگار ڪنهن به موضوع جي خارجي پهلوءَ تي آسان ۽ سرسري انداز سان نظر وجهي ٿو ۽ موضوع تي صرف انهيءَ حد تائين بحث ڪري ٿو، جيستائين سندس شخصيت ان موضوع کان متاثر ٿيل هوندي آهي. هيءَ نه رڳو هلڪي ڦلڪي ۽ عام فهم ادبي صنف آهي، بلڪ رنگين ۽ دلچسپ به ايترو ئي آهي، انڪري هرڪو ئي پڙهي ان مان لطف اندوز ٿئي ٿو. ازانسواءِ ٻوليءَ جي صحت ۽ نزاڪت جي مشق به هن صنف مان ٿيندي آهي.

مضمون لکڻ کي آسان ان ڪري به سمجهيو وڃي ٿو، جو ان ۾ باقاعده ربط نه هوندو آهي. مضمون نگار ڪٿي ڪو واقعو بيان ڪندو آهي ته ڪٿي ڪو لطيفو پيش ڪندو آهي ۽ ڪٿي جذبات جي وهڪري ۾ لڙهي ويندو آهي. هو ڪڏهن تخيلات ۽ منظر نگاريءَ جي واديءَ ۾ گم ٿيندو ته ڪڏهن اخلاقي سبق پڙهائيندو ۽ ڪڏهن طنز مزاح ڪندي وڃي متي چڙهندو. اهڙيءَ طرح هڪ ڳالهه مان ٻي ڳالهه ڳاهيندو. هڪ نڪتي تان ٻئي نڪتي تي ايندو تان ته موضوع کي وڃي توڙ تائين پهچائيندو. ليڪن اهو سڀڪجهه اهڙي لطيف پيرايي ۾ هوندو آهي، جو پڙهندڙ ان کي پڙهندي ذهني سرور محسوس ڪندو آهي. مضمون جي صنف ساڳيءَ وقت آسان ڪان آسان به آهي ته وري ڏکئي ڪان ڏکي به آهي. اسڪول ۽ ڪاليج جي شاگردن ڪان وٺي هڪ عالم فاضل تائين هرڪ ان تي بلڪل آزاديءَ سان طبع آزمائي ڪري ٿو ۽ پنهنجي پسنديده موضوع تي ڪونه ڪو مضمون لکڻ شروع ڪريو ڏئي. ليڪن اها حقيقت آهي ته هن لطيف فن کي صرف اهو ماهر فنڪار ئي ڪاميابيءَ سان نڀائي سگهندو، جنهن کي وسيع مشاهدو ۽ معلومات هوندي ۽ پنهنجي خيالن کي ميڻاج واري زبان ۾ بيان ڪرڻ جو هنر ايندو هوس، ورنه اهو مضمون، ادبي مضمون نه رهندو. مضمون جو ميدان

تمام گهڻو وسيع آهي، سموري ڪائنات مان ڪنهن شَي کي موضوع بڻائي ان تي مضمون لکي سگهجي ٿو.

ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته مضمون نگاريءَ ۾ رڳو اجايا ۽ سڪٺا خيال هوندا آهن. پر ائين اصل ڪونهي بلڪ انهن ۾ ڪانه ڪا صداقت ضرور هوندي آهي. ٻئي ڪنهن به لطيف فن ۾ ظاهر ظهور يا سڌو سنئون صداقت جو بيان ڪونه هوندو آهي، ليڪن مضمون نگار هر ڪا ڳالهه سچائيءَ سان بيان ڪندو آهي.

اسان جي عملي زندگيءَ ۾ ڪي اهڙيون به ڳالهيون ۽ حقيقتون ٿين ٿيون، جن کي سچائيءَ سان بي نقاب ڪرڻ ۽ معلومات رسائڻ انسان جي ذهني غذا لاءِ تمام ضروري آهي. مضمون نگار پنهنجي وقت جون صداقتون ۽ مشاهدا اهڙيءَ طرح بيان ڪندو آهي، جو نه رڳو پڙهندڙن کي واقفيت ملي ٿي بلڪ ان مان لطف اندوز به ٿين ٿا.

ڪنهن وقت انسان مصروفيتن ۽ روزمره جي پريشانين کان تمام گهڻو ورچي ۽ مايوس ٿي پوندو آهي. جڏهن اهڙي وقت ۾ ڪيس صاف سٿري ٻوليءَ ۾ لکيل ڪو ڪتاب هٿ لڳي وڃي ٿو ته هو هڪدم پڙهڻ ۾ مشغول ٿي وڃي ٿو ۽ پنهنجا سڀ ئي رنج والم فل الوقت وساري ڇڏي ٿو. ڪتاب پڙهندي هو پنهنجي منهن زيرلب مسڪرائي ٿو ته ڪڏهن ته وري بي ساخته ٽهڪ ڏئي ٿو يا بعضي وري ڪنهن واقعي جي دردناڪ ڪيفيت ڪان ٿڌو شوڪارو به ڀري ٿو. بهرحال دنيا جي تلخ حقيقتن ۽ مٺڙين ڳالهين کان آشنا ٿي پنهنجو غم وساري ويهي ٿو ۽ ڪجهه دير لاءِ سندس هنئين تان بار هلڪو ٿي وڃي ٿو.

مضمون نگاريءَ جو فن هڪ قسم جي دماغي ورزش آهي، جيڪو ان جي مشق ڪندو رهندو سو ضرور ڪامياب انشاپرداز بڻجي سگهندو. ليڪن اسان ماڻهن جي ذهن تي اها ڳالهه ويهي رهي آهي ته اها ڪا رڳو قدرتي ڏات ٿي سگهي ٿي. بيشڪ ڪن ماڻهن ۾ پيدائشي طور ڪي فطري صلاحيتون هونديون آهن، ليڪن باقاعده سکيا ۽ مشق ڪان سواءِ ڪوبه انسان اديب يا مضمون نگار بڻجي نٿو سگهي. پنهنجي قدرتي صلاحيت کي جلا بخشڻ ۽ ان ۾ واڌارو آڻڻ لاءِ فن جي سکيا ۽ ان جي لڳاتار مشق ڪرڻ ضروري آهي، جنهن ڪان سواءِ ڪوبه ماڻهو هڪ سٺو لکندڙ هرگز بڻجي نٿو سگهي.

مضمون نگاري هڪ لطيف فن آهي، جنهن ۾ رڳو آهي ماڻهو ڪامياب

ٿين ٿا، جيڪي خيالات ۽ تاثرات کي سهڻن ۽ موزون لفظن ۾ ادا ڪرڻ جي لڳاتار ڪوشش جاري رکن ٿا. جيڪڏهن هڪ سٺي اديب کي تحرير لکندي ڏسبو تہ خبر پوندي تہ ڪيئن نہ هو هر لفظ جي ونڊ جوڙ تي توجهہ ڏئي ٿو ۽ جا جدا گفتن تي چند چاڻ تي ڪيتري نہ عرق ريزي ڪرڻ پويس ٿي، جيئن سندس تحرير ۾ موزونيت ۽ اثر پيدا ٿئي. ڪن گفتن ۾ وري زور پيدا ڪرڻ لاءِ لفظن کي اڳيان پٺيان ڪري بيهاري ٿو، جيئن سندس اسلوب ۾ دلنشيني پيدا ٿئي. مطلب تہ نور نچوئڻ ڪان پوءِ مس مس وڃي ڪو اهڙو مضمون لکجي تيار ٿئي ٿو، جنهن کي قبوليت جي سند ملي ٿي.

استاد صاحبن کي گهرجي تہ مضمون نويسيءَ ۾ شاگردن جي صحيح صحيح رهنمائي ڪن ۽ سندن ذوق جي تربيت اهڙي نموني سان ڪن، جو منجهن لکڻ جي فن جو ملڪو پيدا ٿي سگهي. جيڪو استاد پاڻ "ادب" ڪان بي بهره هوندو، سو شاگردن ۾ بہ علم جو شوق جاڳائي ڪونہ سگهندو. اگر ڪن شاگردن ۾ ادبي ذوق پيدا ٿيندو ۽ تحرير لکڻ ۾ چاهہ وٺندا تہ بہ اهڙا استاد سندن شوق کي فنا ڪري ڇڏيندا. ان ڪري ڪيترا هوشيار ۽ ذهني شاگرد، جيڪي هوئن جيڪر مستقبل ۾ سٺا لکندڙ ثابت ٿين، سي رڳو استادن جي عدم دلچسپيءَ باعث ڪور ذوق بنجي پون ٿا. ان ڪري استادن کي گهرجي تہ شاگردن کي نہ رڳو لکڻ جي ترغيب ڏين بلڪ مطالعي لاءِ سٺن سٺن ڪتابن جي بہ نشاندهي ڪن ۽ شاگردن ۾ نصابي ڪمن ڪان سواءِ ٻين ادبي ڪتابن پڙهڻ جو بہ شوق پيدا ڪن.

## مضمون نگاريءَ جا ڪي رهنما اصول

### مضمون نگاريءَ جي شروعاتي مشق:

ابتدائي ۽ ثانوي تعليم دوران شاگردن کي امتحان ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ مضمون لکڻ جي ضرورت پيش اچي ٿي. هرڪو شاگرد اهڙي وقت پنهنجي منهن مٿا ڪٿ ڪندو آهي ۽ مضمون لکڻ جي ڪانہ ڪا مشق ضرور ڪندو آهي. شاگردن کي مضمون نگاريءَ ۾ گهڻي دقت اچي ٿي. ڪي شاگرد، اڳ پاس ٿيل شاگردن يا سندن هم جماعت شاگردن جي نوٽبڪن تان مضمون اُتاريندا آهن يا وري ڪو استاد صاحب پنهنجي قابليت سارو جهڙو تهڙو مضمون لکائي مڙئي پورائو ڪري ڇڏيندو آهي. ڪي هوشيار شاگرد وري گهڻو ڪري ڪتابن مان مضمون رٽي ڇڏيندا آهن. بهرحال امتحان دوران

جنهن ۾ موضوع تي غور ڪري ان ۾ تسلسل ۽ باقاعدگي قائم رکي سگهي. سنڌس نتيجي ۽ استدلال جو طريقو صحيح هجي. ليڪن اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته دماغ ۾ نوان خيال ۽ انهن ۾ تسلسل تڏهن پيدا ٿي سگهندو، جڏهن مطالعي جي باقاعدي عادت هوندي. مطالعو گهٽ هوندو ته مضمون نگار جا خيالات پست ٿيندا ۽ سندس تاثرات به عاميانه صورت وٺي بيهندا. مضمون اهڙو هجي جو عام واقفيت ۾ اضافو ڪري ۽ منجهيل مسئلا سلجهائي ۽ ان مان روحاني لذت حاصل ٿئي. ليڪن نڪته سنجي ۽ بالغ نظريءَ جون وصفون وسيع مطالعي کان سواءِ پيدا ٿيڻ ناممڪن آهن. جيڪڏهن شاگردن ۾ تعليم حاصل ڪندي مطالعي جو شوق پيدا ٿيو ته پوءِ هو اڳتي هلي سٺا قلمڪار ثابت ٿي سگهندا.

مضمون نگار کي صاف نقطه نظر هئڻ گهرجي. اڪثر سيڪڙات مضمون نگار ائين سمجهندا آهن ته مضمون ڪو رڳو لفظن جي شعبده بازيءَ جو فن آهي. هڪڙي ننڍڙيءَ ٿورڙيءَ ڳالهه کي وڌائي اضافو ڪري پيش ڪرڻ کي هو وڏو ڪمال ڪري ڀانئين ٿا. بيشڪ مضمون نگاري هڪ دلچسپ فن آهي ۽ ان ۾ اهڙين اٽڪلن کان ڪم ورتو ويجي ٿو، جن مان پڙهندڙ حظ حاصل ڪن. ليڪن محض لفاظيءَ وارو مضمون اسان جي عملي زندگي يا حقائق سان ڪوبه واسطو نٿو رکي. اهڙو مضمون وقت گذارڻ لاءِ ته ڪم ڏئي ويجي ٿو، پر ان مان ڪوبه شخص حقيقي فائدو حاصل ڪري ڪونه سگهندو. مضمون فقط اهوئي سٺو چئي سگهجي ٿو، جنهن کي پڙهي ان مان مفيد مطلب يا ڪا نئين ڳالهه حاصل ڪئي ويجي ٿي. ازانسواءِ ان ۾ ادبي رنگ به جيئن جو تيئن قائم هجي، مضمون لکڻ وقت لکندڙ کي ڪونه ڪو واضح نقطه نظر پنهنجي ذهن ۾ قائم ڪرڻ گهرجي، جيئن سندس تحرير هر لحاظ کان افادي بنجي سگهي، جيڪي مضامين وسيع مطالعي ۽ گهري تحقيقات سان لکيا وڃن ٿا، انهن ۾ سدائين دلچسپي قائم رهي ٿي.

## ترتيب ۽ ڏيان جوڳا نڪتا

جڏهن به مضمون نگار مضمون لکڻ ويهندو آهي، ته هو خالي الذهن نه هوندو آهي. ڪابه سٽ لکڻ کان اڳ ۾ هن جي دل ۽ دماغ تي ڪيترا خيال ڇانيل هوندا آهن. شروع شروع ۾ پنهنجي خيالن بابت ڪي مختصر حوالا ۽ عنوان لکي سامهون رکندو آهي ۽ ڪي ته وري احتياط طور انهن

نڪتن جي ترتيب ۾ ڏني ڇڏيندا آهن. ترتيب جو مشڪل مرحلو طئہ ڪرڻ کان پوءِ هو هرهڪ نڪتي کي پنهنجي مخصوص ٻوليءَ ۽ خاص انداز بيان ۾ ڪاغذ تي اتاريندو آهي. جيڪڏهن مضمون نگاريءَ لاءِ سيکڙاٽ لکندڙ بہ ساڳيو ئي طريقو اپنائيندا تہ کين لکڻ ۾ گهڻي آساني حاصل ٿيندي. پنهنجي شروعاتي مشق ۾ اهڙي تدبير تي عمل پيرا رهڻ تمام ضروري آهي ۽ پوءِ جڏهن مشق ۾ ڪجهہ پختگي پيدا ٿيندي تہ مشڪلاتون خود بخود رفع دفع ٿي وينديون. هڪ مشاق لکندڙ جڏهن دماغ تي ٿورو زور ڏيندو آهي تہ خيالات جو هجوم سندس سامهون بيهي ويندو آهي ۽ بغير ڪنهن ڪوشش سان آهي پاڻهين قلمبند ٿيندا ويندا آهن. ليڪن نئين ۽ سيکڙاٽ لکندڙ کي تڪڙ ڪرڻ نہ تي جڳائي. هن کي گهرجي تہ هو مختلف رُوَ ۾ وهندڙ خيالات کي سڃاڻي پنهنجي موضوع مطابق انهن جي چونڊ ڪري ۽ پوءِ انهن کي منظم طور ڪنهن ترتيب سان پيش ڪري، جيئن مضمون ۾ ڪابہ گڙٻڙ نہ ٿئي. انهيءَ لاءِ ضروري آهي تہ مضمون لکڻ وقت سمورو نقشو اڳواٽ پنهنجي ذهن ۾ محفوظ رکي ۽ پوءِ نهايت سڪون ۽ قلب سان لکڻ شروع ڪري، ورنہ خيالات جي گهڻائيءَ مان انتشار پيدا ٿي پوندو ۽ صحيح ترتيب نہ رکڻ سان زبان ۾ صفائي نہ ايندي ۽ مضمون مرڪز موضوع کان هٽي ويندو.

## جز ليک ۽ عنوان

سلسلي ۽ ترتيب کان پوءِ لازم آهي تہ هر ڪنهن بحث ۽ خيال کي الڳ الڳ پئراگراف يا جزليک ۾ لکيو وڃي، جيئن زير موضوع جا مختلف پهلو هڪ ٻئي کان عليحده عليحده ٿي بيهن. جيڪڏهن انهيءَ تي عمل نہ ڪيو ويندو، تہ پوءِ سڄو مضمون هڪ لاڳيتي تحرير بنجي پوندو ۽ پڙهندڙ ان مان ٿڪجي ۽ وڙجي پوندو. پئراگراف ٺاهڻ سان هڪ طرف مضمون جا جدا جدا پهلو نمايان طور نظر اچن ٿا ۽ ٻيو تہ جزليڪن جو سلسلو پڙهندڙن جي خيالن کي ريڙهيندو ڏکيندو مضمون نگار جي اصل مقصد ڏانهن وٺي وڃي ٿو ۽ جزليک قائم ڪرڻ سان موضوع جي خشڪي ۽ بدمزگي دور ٿي وڃي ٿي ۽ آخرڪار پڙهندڙ بہ ساڳي منزل تي پهچي دم پٽي ٿو، جتي مضمون نگار کيس پهچائڻ گهري ٿو.

جڏهن هرهڪ پئراگراف جو ڪو دلچسپ ۽ جاذب عنوان بہ قائم

ڪيو وڃي ته مضمون جي دلچسپيءَ ۾ اڃا به زياده اضافو ٿيندو ۽ عنوانات جو طريقو خشڪ ۽ طويل مضمونن ۾ ته ڪافي حد تائين دلچسپي پيدا ڪري ٿو. ليڪن عنوان قائم ڪرڻ به هڪ مشڪل ڪم آهي، جنهن لاءِ پرک ۽ سوجهه ٻوجهه جي ضرورت پوي ٿي. ڪامياب عنوان اهو آهي، جيڪو مقصد کي به ظاهر ڪري ٿو ته ساڳيءَ وقت پُرڪشش به ٿئي ٿو. ايتريقدر جو پڙهندڙ جي نظر پوڻ سان ڪيس ان جي اهميت جو احساس ٿي وڃي ٿو ۽ هو مضمون کي آخر تائين پڙهندو رهي ٿو. امتحاني مضمونن ۾ پنهنجي مضمون کي جزليڪ ۾ ورهڻ ۽ هرهڪ تي الڳ عنوان قائم ڪرڻ مان ڪيترا فائدا آهن. هڪ قابل ممتحن انهن مان شاگرد جي قابليت جو اندازو لڳائي وٺي ٿو.

## تمهيد ۽ اختتام

ڪنهن مضمون جي آغاز ۽ اختتام ۾ وڏو فرق هوندو آهي يعني ته جيڪو جزليڪ ڪنهن مضمون جي شروع ۾ تمهيدي طور ڪم اچي ٿو، سو آخري ۽ اختتامي پئراگراف جو مطلب هرگز ادا ڪري نه سگهندو. ساڳي طرح آخري جزليڪ به تمهيدي جزليڪ جو بدل بڻجي نٿو سگهي. عام طرح تمهيد ۾ مضمون جي عمومي ڪيفيت سان بحث ڪيو وڃي ٿو، وچ جي حصن ۾ ان جي مختلف پهلوئن تي سير حاصل بحث ڪيو ويندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح رفته رفته مضمون کي انجامي صورت وٺائي وڃي ٿي ۽ آخرڪار نصيحت آميز ۽ پر زور فقرن تي ان کي ختم ڪيو ويندو آهي. ڪن مضمونن جي آخري جزليڪ ۾ وري به ذڪر ٿيل نڪتن جو دوباره مختصر ۽ جامع ذڪر ڪيو ويندو آهي. اهو طريقو به گهڻو مؤثر آهي ۽ عام طور گهڻو پسند ڪيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ جو ائين مضمون ختم ڪرڻ سان مضمون جو سارو خاڪو دوباره ذهن ۾ ڦرڻ لڳي ٿو ۽ ان جو خاطر خواه اثر باقي رهي ٿو.

## مضمون جي طوالت

اها ڳالهه هميشه ياد رکڻ گهرجي ته هڪ سنو ۽ مطلب خيز مضمون، ڪٿي ڪيترو به ننڍو هجي، ته به هڪڙي اجائي ڀتهڙ واري طويل ۽ بي معني مضمون کان يقيناً بهتر ٿئي ٿو. بيشڪ هڪ طويل مضمون لکڻ به قابليت جو ٿي ڪيل آهي، ليڪن اهو تڏهن جڏهن لکندڙ ان ۾ هرهنڌ هڪ جهڙي

دلچسپي ۽ زور بيان قائم رکي سگهي. جيڪڏهن ائين نہ ٿيو تہ پوءِ بيجا طوالت مضمون کي بدمزي ۽ ڦڪو بنائي ڇڏيندي. مضمون نگار جي خوبي اها آهي تہ سندس طرز بيان ۽ انداز بحث ڪنهن خشڪ موضوع کي بہ نهايت دلچسپ بنائي ڇڏي. ليڪن اهو اهڙيءَ طرح جو ڪائنس صداقت ۽ حقيقت نگاريءَ جي دامن هٿان ڇڏائجي نہ وڃي. اڪثر شاگرد طويل مضمون لکڻ جي شوق ۾ اجائي اينگهہ ڪندا آهن ۽ بي مطلب ڳالهيون لکندا آهن، جن مان مضمون جي مقصد کي اٽلندو نقصان پهچندو آهي. امتحان ۾ شاگردن کان مضمون لکائڻ جو مقصد هوندو آهي تہ هو مقرر وقت ۾ پنهنجي خيالن جو بيان دلنشين انداز ۾ ڏري سگهي ٿو يا نہ؟ پيو تہ سندس مطالعي جي وسعت ۽ عام معلومات ڪيتري آهي. ازانسواءِ ٻوليءَ جي وهڪري ۽ لفظي ذخيري تي ڪيترو ضابطو اٿس. جيڪڏهن ڪنهن اميدوار جو مضمون انهيءَ معيار تي نٿو پهچي تہ ائين سمجهيو ويندو تہ هو مضمون نگاريءَ جي فن کان اڻ ڄاڻ آهي. اڪثر شاگرد پنهنجون اوڻايون طوالت جي پردي ۾ ڍڪڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، ليڪن مضمون جيتريقدر ڦهلايو ويندو اوتريقدر نقصان ٿيڻ جو امڪان وڌيڪ رهندو.

## زبانداني

جهڙيءَ طرح مختلف سماجي طبقن جي ماڻهن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ وقت، سندن قابليت کي مدِنظر رکي ساڻن گفتگو ڪبي آهي. اهڙيءَ طرح مضمون نگاريءَ جو بہ اهو اعجاز آهي تہ ان ۾ موضوع مطابق ٻولي استعمال ڪئي وڃي. اسلوب يا انداز بيان کي زوردار بنائڻ لاءِ ڪٿي پر شوڪت لفظن جي ضرورت پوي ٿي تہ ڪٿي وري نهايت نرم ۽ نازڪ الفاظ استعمال ڪري مقصد حاصل ڪيو وڃي ٿو. ليڪن جيڪڏهن هر قسم جي موضوع واسطي صرف هڪڙي نهج جي ٻوليءَ مان ڪم ورتو ويندو تہ خاطر خواه اثر نہ ٿيندو.

ڪن لکندڙن جي اها بہ عادت هوندي آهي تہ هو قابليت ڏيکارڻ لاءِ ڳولي ڳولي ڏکيا الفاظ پنهنجي تحرير ۾ ڪم آڻيندا آهن، غير مانوس الفاظ عربي فارسيءَ جا هجن يا وري هندي ۽ سنسڪرت جا هجن، ليڪن اهڙي روش مان مضمون جي ادبي حيثيت کي يقيناً زڪ پهچي ٿو. پڙهندڙ ائين محسوس ڪن ٿا، ڄڻ تہ ڪا سخت ۽ ناگوار شَي سندن حلق ۾ اٽڪندي

هجي ۽ اهڙي تحرير هرهر منجهن بدمزگي پيدا ڪريو ڇڏي. هڪ سٺو ۽ قابل مضمون نگار مشڪل کان مشڪل مضمون کي به سليس ۽ صاف زبان ۾ ادا ڪري ٿو. جنهن مان پڙهندڙ بجا طور تي ائين سمجهي ٿو ته هو جيڪي ڪجهه پڙهي رهيو آهي، سو ٺي دل جو آواز آهي. دلنشين اسلوب بيان پيدا ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته مضمون نگار کي ٻوليءَ تي پورو ڪڙو حاصل هئڻ گهرجي. ان ڪري اسڪول ۽ ڪاليج جي تعليم دوران شاگردن جي لفظي ذخيري وڌائڻ تي زور رکجي ۽ مضمون نگاريءَ واسطي منجهن اهڙي قابليت پيدا ڪرڻ ضروري آهي، جيئن هو برجسته اصطلاحن ۽ محاورن ڪانسواءِ بر محل پهاڪا ۽ گفتا بلا تڪلف روانيءَ سان استعمال ڪري سگهن. پيو ته ٻوليءَ جي جڙاوتن کان به بهرور هجن. ازانسواءِ جيڪڏهن مثالي اشعار پنهنجي يادداشت ۾ محفوظ رکندا ته انهيءَ مان به خاطر خواه نتيجو نڪرندو.

## نظرثاني ۽ اصلاح

مضمون لکڻ کان پوءِ ٻيو دفعو ان کي ڏسڻ نهايت ضروري آهي. نظرثانيءَ جو سڀ کان وڏو فائدو اهو آهي جو اگر مضمون ۾ ڪا غلطي يا سقم باقي رهجي ويجي ٿو، اهو نظرثاني ڪرڻ سان دور ٿي ويجي ٿو. اڪثر لکڻ مهل ڪي غير ضروري ڳالهيون اچي وينديون آهن ته ڪي اهم نڪتا وري به رهجي ويندا آهن. بعض ائين به ٿيندو آهي جو، ڪو وات چڙهيل فقرو يا مخصوص محاورو بار بار استعمال ٿي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح ڪن خيالن ۾ تڪرار به ٿي پوندو آهي ۽ ڪي ڳالهيون وري ور ور ڪري دهرائجي وينديون آهن. نظرثانيءَ سان مضمون جي تصحيح ٿئي ٿي. اگر مضمون نگار ٻيو ڀيرو لکڻ جي زحمت گوارا ڪري ته مضمون اڃا به صاف ۽ سٺرو ٿي سگهندو. شاگرديءَ جي زماني ۾ جيڪڏهن ڪو سٺو رهبر ملي نه سگهي ته پنهنجي مضمون جي پاڻ اصلاح ڪرڻ جو اهوئي طريقو آهي. هڪ دفعو مضمون لکي ڇڏي ڏجي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جڏهن اهو مضمون دماغ مان بلڪل لهي وڃي ته ان تي نظرثاني ڪئي وڃي. ائين ڪرڻ سان مضمون ٻاٺمرادو اوهان سان ڳالهائيندو ۽ ان جون اوڻايون ۽ خوبيون خود بخود نظر اچڻ لڳنديون. جنهن کان پوءِ اوهان انهن خامين جي اصلاح پاڻ ڪري سگهندا. بعض وڏا وڏا مضمون نگار پنهنجن مضمون جي بار بار اصلاح ڪندا آهن.

## موضوع جو انتخاب

مضمون نگاري لکڻ ۽ ان تي مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته شاگرد پنهنجي مشاهدي ۽ خيال مطابق سادي سودي "موضوع" تي پاڻ مرادو لکڻ جي مشق ڪندا رهن. اهڙي مشق جاري رکڻ سان هرڪو فرد هڪ سٺو مضمون نگار بنجي سگهي ٿو. ليڪن سوال ٿو پيدا ٿئي ته لکڻ لاءِ ڪهڙي موضوع جو انتخاب صحيح ٿيندو؟

ڪيترا سيڪڙا لکندڙ ان باري ۾ گهڻو ويچاري خواه مخواه پنهنجو قيمتي وقت ضايع ڪندا آهن. هڪ فلسفي گڏهه جي چوڌرد قسمين قسمين گاهه جا ٻوٽا ٻيڙل هئا. ليڪن اهو آخر تائين اهو فيصلو ڪري نه سگهيو ته بهرين ڪهڙو گاهه کائڻ کپي ۽ نتيجو اهو ٿيو، جو نيٺ ويچارو بک وگهي مري ويو. ائين خواه مخواه "موضوع" تي حد کان وڌيڪ نه سوچجي ته مبادا اهو شوق ئي نه مري وڃي. اسڪول يا ڪاليج ۾ جيڪي شاگرد خود بخود ڪنهن موضوع تي لکڻ گهرندا آهن، سي به اجايو پيا منجهندا آهن ۽ دل من پيا هٽندا آهن ته هو ڪاميابيءَ سان لکڻ واسطي ڪهڙي موضوع جو انتخاب ڪن. هڪڙي موضوع تي به سٺون لکي ان کي ڇڏي ڏيڻ ۽ وري نئين وشيه تي لکڻ. اهڙي روش اختيار ڪرڻ سان خيالات هرگز مجتمع ٿي نه سگهندا. انڪري مضمون لاءِ ڪنهن هڪڙي موضوع جو فيصلو ڪري ان تي مستقل مزاجيءَ سان قائم رهجي ۽ جيستائين ان کي پورو نه ڪجي تيستائين ٻئي موضوع متعلق هرگز نه سوچجي. ان سلسلي ۾ وري استاد شاگردن جي رهنمائي ڪري سگهن ٿا. هنن کي خبر آهي ته جيئن پيا سوين ماڻهو گهماگهميءَ ۾ هوندا آهن تيئن شاگرد به ساڳيءَ طرح مصروف زندگي گذارين ٿا. سندن روزانه مشغوليون ٻين ماڻهن کان الڳ نه هونديون آهن. استادن کي اها به خبر هوندي آهي ته هڪ عام ماڻهوءَ کي ڪهڙيون ڳالهيون مجبور بنائين ٿيون ۽ شاگردن جي فڪرات، محرومين، اميدن ۽ ڪامياين جي به ڪين آگاهي حاصل هوندي آهي. هوئنن به ڪاليج جا شاگرد 'خلا' ۾ ڪونه ٿا رهن، جو هنن کي موضوع جي چونڊڻ ۾ دقت اچي. روزمره جي اکيچار واقعن مان ڪنهن به 'موضوع' جو انتخاب ڪري سگهجي ٿو يا وري اڳ ۾ لکيل موضوعن تي دوباره لکي سگهجي ٿو، ليڪن شرط اهو آهي ته اهو سڀڪجهه ازسر نؤ يا نئين نقطه نظر سان لکيو

**اميدون ۽ خواهشون**

وڏو ٿي آءٌ ڇا ٿيندس، هن دور ۾ هر مرد ۽ عورت ڇا ٿو گهري؟ اهو واقعو جنهن منهنجي سڀ کان وڏي خواهش کي بدلائي ڇڏيو، منهنجي حياتيءَ ۾ سڀ کان وڏيڪ خوشيءَ جو ڏينهن.

**ابتدائي مثالي مضمون**

(1) قومي شاهراه تي حادثو (2) فوٽ بال مئچ جو اکين ڏٺو احوال (3) منهنجي حياتيءَ ۾ سڀ کان خوشيءَ جو ڏينهن (4) منهنجو بهترين دوست (5) جڏهن آءٌ ننڍڙو ٻار هوس (6) ريل جو سفر (7) وقت جو قدر (8) سنڌي ثقافت (9) آءٌ هڪ ماچيس آهيان (10) ٽُر جو سفر.

## 1. قومي شاهراه تي حادثو

ڪالهه شام جو پنجين وڳي هڪ افسوسناڪ حادثو ٿيو. رئيس قائم الدين پنهنجي ڪار ۾ هالن کان موٽي حيدرآباد وڃي رهيو هو، جو چنڊڻ جي موريءَ کان اڌ ميل مٽياريءَ طرف اهو حادثو ٿيو. رئيس هالن ۾ ڪنهن دوست جي شاديءَ ۾ شرڪت ڪرڻ ويو هو. هن سان گڏ سندس زال ۽ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ به هئي. هو ڪار پاڻ هلائي رهيو هو ۽ پرسان وري سندس وڏو پٽ ويٺل هو. اسان جو ڳوٺ به ساڳي رستي تي ٻه فرلانگ اندر ڪچي ۾ آهي.

اهڙي جانڪاه حادثي جو ٻڌي مان ۽ ٻيا به گهڻائي ڳوٺاڻا هڪدم قومي رستي ڏانهن ڀڄڻ لڳاسون. اڃا سڏ پنڌ پري هئاسون، جو ڏٺوسون ته ماڻهن جا هشام اڳيئي گڏ ٿي ويا هئا. آهي به اسان وانگر حادثي جو ٻڌي، ڀر پاسي جي ڳوٺن مان اچي سهڙيا هئا.

اهڙو دردناڪ منظر مون سڄي زندگيءَ ۾ ڪونه ڏٺو. ڏسون ته موٽر ڪار سڄي چڪناچور ٿي پئي هئي. اڳين ٻنهي وارو پاسو ته سڄو اندر پيهجي ويو هو. پر هڪڙي در کي به اهڙي چوٽ رسي هئي، جو گاڏيءَ کان جدا ٿي هيٺ ڪِريو پيو هو. رئيس قائم الدين جو لاش رت ۾ لت پت ٿيو پيو هو ۽ ڪار جو اسٽيئرنگ سيني سان وڃي ڪتو هوس. اڳيان ڇوڪري کي به شايد مغز واري ضرب رسي هئي، اهو به بيهوش هو. پٺين سيٽ تي وري رئيسياڻي ۽ سندس ننڍڙو پٽ پيل هئا، جن کي هاڻي ٿورو ٿورو هوش اچي

ڏيان سان هلايون نٿيون وڃن. ٽريفڪ پوليس جي پوري چيڪنگ ۽ ڪنٽرول ناهي. ٻيو ته ڪن نوجوان گاڏي هلائيندڙن کي اڃا پوري ڊرائيونگ ۽ اصولن جي خبر به نه هوندي آهي پر هو خبر ناهي ته ڪيئن اثر رسوخ سان ڊرائيونگ ليسن حاصل ڪندا آهن. اها غير ذميوارانه روش به حادثن ٿيڻ جي ذميوار آهي. سڀ کان گهڻا حادثا ٽرڪ ڊرائيورن جي لاغرضائيءَ سببان به ٿين ٿا. هو راولپنڊيءَ کان به پريان گاڏيون آڻيندا آهن. هو اڪثر نشي ۾ چُور هوندا آهن يا ته وري تمام ٿڪل هوندا آهن. ٻيو ته حادثا رونما ٿيڻ کان پوءِ هو گم ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ٿا ۽ جيڪڏهن گرفتار به ٿين ٿا ته رشوت ڏيو آسانيءَ سان پاڻ ڇڏايو وڃن. جيڪڏهن سرڪار اهي خرابيون دور ڪري ۽ سماج جي فردن کي خود ذميواريءَ جو احساس ٿئي ته پوءِ يقيناً اهڙن حادثن ۾ گهٽي گهٽتائي اچي ويندي ۽ اسان جون جانيون ائين ضايع ٿيڻ کان بچي پونديون.

## 2. فوٽ بال ميچ جو اکين ڏٺو احوال

آچر جو ڏينهن هو، مون جلدي جلدي نيرن ڪئي ۽ گهر جو جيڪو به ڪم ڪار هو سو جلدي خلاص ڪيم. ڪپڙا مٽائي سنبري تيار ٿي اچا در کان ٻاهر نڪتس ئي مس ته سهيل ۽ جان محمد به پهچي ويا. اسين سڀ ڄڻا هاسٽل ڏانهن روانا ٿياسون. اڄ هاسٽل گرائونڊ تي ٻن ٽيمن جو فيصلو ٿيڻو هو. اسان کي مهيني کان اڳ ان جو انتظار هو. اسان جي نور محمد هاءِ اسڪول جي ٽيم جو گورنمينٽ هاءِ اسڪول جي ٽيم سان مقابلو هو. اسين دوست مقرر وقت کان ڪجهه دير اڳ ۾ گرائونڊ تي پهچي وياسون. ميچ ڏسڻ ۽ نعرا هڻڻ لاءِ ٻنهي اسڪولن جا شاگرد اچي مڙيا هئا، ٻيا به ڪيترا تماشبين جوق در جوق پئي آيا.

ٺيڪ ٽائين ٻجي ريفري سيٽي هنئين، جنهن جي آواز ٻڌڻ سان ٻنهي ٽيمن جا رانديگر ٽپندا اڇلون ڏيندا ميدان ۾ لهي آيا. تماشبين انهيءَ موقعي تي تاڙيون وڄائي وڄائي آسمان مٿي تي کڻي ڏنو. ٻنهي ٽيمن جي ڪپتانن هٿ ملايو ۽ پوءِ ٽاس ڪيو.

نور محمد هاءِ اسڪول جيتي ويو. ٻنهي ٽيمن جا رانديگر پنهنجي پنهنجي جاءِ تي وڃي بيٺا. نور محمد اسڪول جي ڪپتان فوٽ بال کي ڪِڪ هنئي ۽ ميچ شروع ٿي وئي.

ٻئي ٽيمون مضبوط ۽ هڪ ٻئي سان مقابلي جهڙيون هيون. نور محمد هاءِ اسڪول جو رائيٽ آئوٽ تمام چست ۽ ڦڙتيلو هو. هن ڪيترا ڀيرا بال مخالف ٽيم جي بلڪل ويجهو آندو، مگر بدقسمتيءَ سان گول ڪري نه سگهيو. هوڏانهن وري گورنمينٽ هاءِ اسڪول جو سينٽر هاف ڏاڍو تکو رانديگر هو. هن گول تي ڪيترا حملا ڪيا پر گول ڪرڻ ۾ ناڪام ويو. اڃا وقفي ۾ پنج منٽ باقي هئا، جو نور محمد اسڪول کي هڪ هٿنڊ بال جو جهٽ ملي ويو. اتان فل بيڪ تي بيٺل رانديگر هٽ هڻي ۽ بال رائيٽ آئوٽ ڏانهن پهچي ويو، جنهن ڦڙتي ڪري بال سينٽر فارورڊ ڏانهن موڪلي ڇڏيو. هن وري ڊي ۾ وڃي اهڙي ته هڪ شاندار ڪِڪ هنئي جو گول ڪيپر منهن تڪيندو رهجي ويو. اهڙيءَ طرح نور محمد هاءِ اسڪول گورنمينٽ هاءِ اسڪول تي گول ڪري ورتو.

گورنمينٽ هاءِ اسڪول جا رانديگر هاڻي تمام جوش سان راند ڪرڻ لڳا ۽ گول لاهڻ جي سر توڙ ڪوشش ڪندا رهيا پر نور محمد هاءِ اسڪول جي فل بيڪ سندن هڪ به هلڻ نه ڏني. نور محمد اسڪول جا رانديگر هاڻي بال کي مخالف گول ڏانهن اماڻڻ بجاءِ رڳو وقت ضايع ڪري رهيا هئا. اهڙيءَ طرح راند مان مزو بلڪل نڪري ويو ۽ تماشبين رانديگرن تي آواز ڪشيندا رهيا. ايتري ۾ ريفري وقفي جي سيٽي وڄائي. نور محمد اسڪول جا شاگرد خوشيءَ مان نعره هڻڻ لڳا ۽ پنهنجي ٽيم جي حوصلا افزائي ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر باقي ڪانه ڇڏي. پندرهن منٽن کان پوءِ وقفو ختم ٿيو ۽ ٻنهي ٽيمن جا رانديگر ميدان ۾ واپس آيا. راند شروع ٿيڻ سان ئي گورنمينٽ هاءِ اسڪول جي ٽيم گول لاهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي ۽ نور محمد هاءِ اسڪول جي گول تي زور دار حملا ڪيا پر هن جو گول ڪيپر ڪو نافتي هو. بال کي گول وٽان لنگهڻ ئي نه ٿي ڏنائين.

انهيءَ دير ۾ نور محمد هاءِ اسڪول جي رائيٽ، ڊي جي اندر فوٽ بال کي هٿ لائي ڇڏيو. ريفري مخالف ٽيم کي پينلٽي ڪِڪ لڳائڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. گورنمينٽ هاءِ اسڪول جي سينٽر هاف جيئن ڀرپور ڪِڪ لڳائي گول ڪيو، ته سندس اسڪول جي شاگردن تاڙين سان آسمان ڪني ڏنو. هاڻي ٻئي ٽيمون برابر هيون. هر ڪا ٽيم پئي ٽيم کي هارائڻ تي ڄمي بيٺي هئي.

هاڻي ڇڻ ته راند ۾ ساهه پئجي ويو هو. تماشبين رانديگرن کي

همٿائڻ لاءِ زور زور سان نعره هڻڻ لڳا. ايتري ۾ بال اوچتو ئي اوچتو گورنمينٽ هاءِ اسڪول جي رائيٽ آئوٽ وٽ پهچي ويو. پر هو تمام ڦڙتي باز نڪتو. سيني رانديگرن بلڪ فل بيڪ کان به بال نڪري ڊي ۾ پهچي ويو. هاڻي هو اڪيلو هو ۽ سامهون رڳو گول ڪيپر بيٺو هو. تماشبين کي يقين هو ته هن ڀيري گول ضرور ٿي ويندو. هن جو سام رڪجي ويو ۽ گول گول جو آواز ٻڌڻ لاءِ سيني جا ڪن ڪڙا ٿي ويا. مگر گول ڪيپر به وڏو ڪو نافتي ڪيڏاري نڪتو. جيئن ئي رانديگر ڪڪ هڻڻ لاءِ پير ڪنيو تيئن گول ڪيپر زور سان اچلجي ڏو بال متان ڪِري پيو. هن بال کي هٿ ۾ ڪنيو ۽ زور سان اڇليو. اهڙيءَ طرح گول ڪيپر جي جرئت ۽ مهارت سان گول ٿيڻ کان بچي ويو. تماشبين ۽ خاص ڪري نور محمد هاءِ اسڪول جي شاگردن هن کي گهڻو داد ڏنو ۽ چوڌاري گهڻو گوڙ شور ٻڌڻ ۾ آيو.

ان کان جلدي پوءِ نور محمد هاءِ اسڪول کي هڪ شارٽ ڪارنر ملي ويو. ان جي فل بيڪ اهڙي ته ڪڪ هنئي، جو سيني رانديگرن کي پار ڪري وئي. ليفٽ آئوٽ بال وري سينٽر فارورڊ کي پاس ڪري ڇڏيو. جنهن رائيٽ آئوٽ تائين پهچايو. رائيٽ آئوٽ شاندار ڪڪ لڳائي، مگر گول ڪيپر ڦڙتي ڪري اُن بال کي مٿي سان ضرب هنئي ۽ بال کي گول کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.

هاڻي راند ختم ٿيڻ ۾ باقي پنج منٽ وڃي رهيا هئا. راند ۾ ڏاڍي گرمجوشي هئي. نور محمد هاءِ اسڪول جي هڪ رانديگر ڊي ۾ پهچي هڪ متائين ڪڪ هنئي ۽ مخالف ٽيم جي هڪ رانديگر ان کي پريس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر بال اڇلجي سندس هٿن سان ٽڪرائجي پيو. ان ڪري ريفريءَ نور محمد هاءِ اسڪول کي هڪ آزادانه ڪڪ هڻڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. ٽيم جي ڪپتان ڪڪ هنئي ۽ بال گول ڪيپر جي هٿن کي ڇهندو گول کان ٻاهر نڪري ويو.

نور محمد هاءِ اسڪول جي شاگردن گول گول جو گوڙ مچائي ڏنو. راند پوري ٿيڻ ۾ رڳو هڪ منٽ وڃي رهيو هو ۽ اهو به منٽ به اک ڇنڀ ۾ گذري ويو. ريفريءَ راند ختم ٿيڻ جو اعلان ڪيو. نور محمد هاءِ اسڪول جي ٽيم هڪ گول تان ڪٽي وئي هئي. شاگردن رانديگرن کي ڪلهن تي کنيو ۽ نعره هڻندا شهر ڏانهن روانا ٿي ويا. اسين به انهيءَ منظر مان لطف اندوز ٿيندا گهرن ڏانهن واپس موٽياسون.

## 3. منهنجو بهترين دوست

منهنجو بهترين دوست منهنجو پاڙيسري محمود آهي. هو منهنجو هم ڪلاسي به ٿئي. اسين هڪڙي ئي ڪلاس ۾ ساڳي بئنچ تي ويهندا آهيون.

محمود جو پيءُ واپاري آهي. هو پيءُ جو سڪيلڌو پٽ آهي. هن کي رڳو هڪڙي ڀيڻ آهي. ننڍي هوندي اسين پاڙي جا ٻار گهٽيءَ ۾ رانديون روندي يون ڪندا هئاسون ۽ خوب ڊوڙون ڊڪون پائيندا هئاسون.

ليڪن محمود کي پٽس ٻاهر گهٽيءَ ۾ راند ڪيڏڻ نه ڏيندو هو. ان ڪري محمود ويچارو سڄو وقت اندر ئي گهر ۾ رهندو هو. منهنجي ته ڇا پر پاڙي جي ڪنهن به ڇوڪري جي ساڻس گهرائپ ڪانه هوندي هئي.

محمود ننڍڙي هوندي کان تمام هوشيار شاگرد هو. مادري زبان، رياضي، تاريخ ۽ سائنس هر ڪم ۾ پڙ هوندو هو. هر ڪنهن استاد کي پورا ۽ صحيح جواب ڏيندو هو، ان ڪري هو ڪلاس جو مانيٽر به ٿيندو هو. آئون شروع ۾ رياضيءَ ۾ ڪمزور هوندو هوس. ان ڪري ڪلاس ۾ استاد مون کي ڏاڍو ڇيڀيندو هو. هڪ ڀيري حساب غلط ڪرڻ تي هن مونکي اڻاري بيهاري ڇڏيو ۽ منهنجي رسيس بند ڪري ڇڏي هئائين. ٻيا ٻار ته رسيس مهل ڊوڙون پائيندا ڪلاس کان ٻاهر نڪري ويا. آئون بيٺو رهيس. منهنجي اکين ۾ پاڻي تري آيو. مون کي پنهنجي بيعزتيءَ جو احساس ٿيو ۽ ندامت کان ڪنڌ جهڪي ويم. محمود رسيس مهل ٻاهر ڪونه نڪتو پر هن سارو لقاءُ پئي ڏٺو. هو مون ڏانهن وڌي آيو ۽ نهايت همدرديءَ سان ڳالهائڻ لڳو ۽ مون کي ڪجهه اٽپور جا حساب به سيکاريائين. مون کي ان ڏينهن خبر پئي ته محمود رڳو هوشيار شاگرد ناهي پر هن ۾ انساني همدرديءَ جو گڻ به آهي. ان کان پوءِ هن جو معمول ٿي ويو ته هو روزانه مون کي حساب سيکاريندو هو ۽ آئون هڪڙي مهيني ۾ اهڙو ته هوشيار ٿي ويس جو پاڻ مرادو حساب حل ڪرڻ لڳس ۽ استاد جي نظرن ۾ وري مون کي ساڳي عزت حاصل ٿي.

هاڻي اسان جي دوستي به پاڻ ۾ گهاٽي ٿي وئي. محمود کي راندين جو ڏاڍو شوق هو. پر جيئن ته اڳي ڪڏهن به هن راندين ۾ ڀرپور حصو ڪونه ورتو هو، تنهنڪري البت سندس همت ڪانه ٿيندي هئي ته هو ميدان تي ٻين رانديگرن سان ڪلهوڪلهي ۾ ملائي کيڏي سگهي. آخرڪار مون

سندس حجاب ڀڳو. هڪ ڏينهن اسان سان ميدان تي فوٽ بال کيڏڻ ۾ حصو ورتائين. آئون ڪيس هر دفعي همتائيندو هوس ۽ راند جي هينائين متائين ڪان واقف ڪندو هوس. نتيجو اهو نڪتو جو محمود ٿن مهينن ۾ ڏاڍو هوشيار ۽ ڦڙت رانديگر ٿي ويو ۽ هاڻي فائينل ميچن ۾، باقاعدي حصو وٺڻ لڳو ۽ اسان ٻنهي جي پاڻ ۾ ڏينهون ڏينهن محبت وڌندي رهي.

هڪ دفعي منهنجي والده سخت بيمار ٿي پئي. هن کي تمام تيز بخار ايندو هو. جيتوڻيڪ هڪ ٻن ڊاڪٽرن جو علاج ڪيوسون پئي، پر فائدو ڪونه ٿيو. آئون پاڻ ٽن ڏينهن کان گهر کان ٻاهر ڪونه نڪتو هوس، نه اسڪول ۾ ويس ۽ نه وري شام جو محمود سان مليس. محمود منهنجي نه اچڻ ڪري ڏاڍو پريشان ٿيو ۽ ان ڏينهن شام جو منهنجو گهر آيو. احوال معلوم ٿيس ته مون تي ڏاڍو ناراض ٿيو ته مون ڪيس پنهنجي والده جي بيماريءَ جي خبر ڇو نه ڏني. هو هڪدم ويو ۽ پاڻ سان گڏ هڪ ماهر ڊاڪٽر کي وٺي آيو، جنهن امان کي تپاسيو ۽ دوا جو نسخو لکي ڏنو. اهڙيءَ طرح منهنجي ماءُ ڊاڪٽر جي توجهه ۽ محمود جي ديک ڀال سببان جلدي چڱي ڀلي ٿي پئي. مون کي سندس قرب ۽ همدرديءَ جون اهي ڀلايون ڪڏهن به ڪونه وسرنديون.

جيئن هو مون سان هر ڳالهه ۾ قرب ۽ اخلاص سان پيش ايندو، تيئن منهنجي به ساڻس ڏاڍي محبت آهي ۽ هن جي تڪليف کي آئون پنهنجي تڪليف ۽ هن جي خوشيءَ کي پنهنجي ڪري ڀائيندو آهيان. هو هر ڳالهه ۾ مون سان صلاح مشورو ڪندو آهي ۽ مان سيني ڳالهين ۾ هن تي اعتماد ڪندو آهيان. اسان ٻنهي جي ساڳيءَ طرح پاڻ ۾ دوستي قائم آهي ۽ ٻين سيني هڪجيڏن لاءِ قابل رشڪ بنيل آهي.

## 4. منهنجي حياتيءَ ۾ سڀ کان وڏيڪ خوشيءَ جو ڏينهن

آئون هڪڙي ننڍڙي شهر جي هاءِ اسڪول ۾ اٺون ڪلاس پڙهندو هوس. منهنجو بابا عريضي نويس هو ۽ تعلقي آفيس جي ٻاهران عرضدارن جون درخواستون لکندو هو. بابا کي رڳو اهوئي هڪ آمدنيءَ جو ذريعو هو، جنهن مان سڄي خاندان جي ڪفالت ٿيندي هئي، اسين پاڻ ڇهه ڀڄا ڀائر ۽ ڀينرون هئاسون، جن مان چار ڄڻا ته اسڪولن ۾ زيرِ تعليم هئاسون. باقي

گهڙيال ۾ چمڪندڙ واچون ڏسي، منهنجون اکيون خيره خيره ٿي ويون، منهنجا قدم رڪجي ويا. دل نه چاهيندي به زبان مان بي اختيار نڪري ويو، "بابا ترسو هيءَ واچ ڏسندا هلون." بابا منهنجي دل رکڻ لاءِ دڪان تي چڙهيو. دڪاندار ڪيترين ئي واچون اسان جي اڳيان پيل شوڪيس مان ڪڍي ڏيکاريون. ڪا ستيزن هئي، ڪا ڪيمي پئي چيائين ۽ ڪنهن جو نالو وري ريڪو ٻڌايائين. سستي ۾ سستي واچ به سؤ روپئي کان گهٽ ڪانه هئي. ڪنهن جي ڪهڙي خوبي پئي ٻڌايائين ته ڪنهن جي ڪهڙي. هڪڙي واچ لاءِ ٻڌايائين ته ان جا موتي رات جو جهرڪندا آهن ۽ رات جو اوندهه ۾ به وقت ڏسي سگهبو آهي. مون واچ هٿ ۾ ڪٺي ٻڪ بند ڪيو، جيئن روشني اندر نه وڃي. پوءِ اک رکي ڏٺم ته برابر چمڪي رهي هئي. دڪاندار ٻڌايو ته ان واچ ۾ ريڊيم پيل آهي. هڪڙي واچ واٽر پروف به هئي ۽ وري آٽوميٽڪ به هئي ان جي قيمت صرف ڏيڍ سؤ روپيه هئي. ايتري خوبين هوندي ڏيڍ سؤ روپين ۾. ڪا واچ هروڀرو مهانگي ڪانه هئي. پر هاءِ ڙي غريبي! بابا چيو ته چالهين روپئي واچ ملي ته توکي وٺي ڏيان. پر مون پنهنجي خواهش جو گلو دٻائي ڇڏيو هو. ڪجهه به ان باري ۾ ڪونه ڪڇيم ۽ خاموشيءَ سان دڪان تان هيٺ لهي آيس.

اسان گهمي ڦري ڳوٺ پهتاسون. پر واچ منهنجي دل ۾ هلچل مچائي ڏني هئي، اسڪول جي ڪيترن شاگردن کي واچون پيل هونديون هيون. پر خبر ناهي اڳ مون کي اهڙي سڪ ڇو نه ٿي؟ رستي تان لنگهندو هوس ته منهنجي نظر هر خوش پوشاڪ ماڻهوءَ جي ڪرائيءَ تي ضرور پوندي هئي. رات جو ننڊ ۾ خواب ڏسندو هوس ته مون کي ڪرائيءَ ۾ هڪ سهڻي ۽ چمڪندڙ واچ ٻڌي پئي آهي. ڪو شاگرد دوست مون کان وقت پڇي ٿو ته مان تمام خنڪيءَ مان واچ ڏسي، وقت ٻڌايانس ٿو. پر ڇا! صبح جو ننڊ مان اٿان ته وري ڪاريءَ وارا ڪک! اهائي اداسي ۽ تڏا شوڪارا!

پر مون واچ خريد ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري ڇڏيو ۽ سوچيم ته بابا کي به تڪليف ڪونه ڏيندس. وئڪيشن شروع ٿي وئي هئي، گهر ۾ بابا پراڻن ڪتابن تي گردپوش چاڙهيندو هو. ان ڪري سائنس گڏ ڪم ڪندي آئون به جلد چاڙهڻ سکي ويو هوس. اسان جي شهر ۾ جلد بند جو دڪان هو. روزانو ڏينهن جو هڪ کان ڇهين بجي تائين اتي ڪم ڪندو هوس. هو مون کي روزانو ٽي روپيه ڏيندو هو. بازار ۾ سيٺ سليمان جي

جو ڇهڇٽو ۽ رونق نظرن کان دور ٿيندي وئي ته وري ڪوٽڙي پل وٽان درياءَ جو نظارو نظر آيو. اجا اهو مس ختم ٿيو ته مل ايريا شروع ٿي ۽ پرپٽ جيڏن ڪارخانن، جي دکهين چمنين مان ڪاري دونهين جا بادل نڪرندا نظر آيا. ان کان پوءِ ريل جي رفتار ۾ تيزي اچي وئي ۽ چوڏاري پرپٽ جا وڏا ميدان نظر آيا. وچ ۾ ڪٿي ڪٿي جهنگلي ٻوٽا نظر آيا ٿي ۽ رڍون ۽ ٻڪريون جهنگ ۾ چرنديون نظر آيون ٿي. ريل مان نظارو ڏسڻ ڏاڍو عجيب لڳي ٿو. ائين ٿو ڀانئجي ته ڄڻ ڌرتي هڪ وڏي گولي جي صورت ۾ چوڌاري ڦري رهي آهي. مون سائنس جي ڪتاب ۾ به اها ڳالهه پڙهي هئي ته ڌرتي گول آهي. ان سچ جي پروڙ به ريل جي سفر مان پئي. دريءَ مان جيئن ته ڌوڙ اچي رهي هئي ۽ تپش به گهٽي هئي، تنهنڪري اسان دري بند ڪري ڇڏي.

مون ڏٺو ته سڀئي مسافر پنهنجين پنهنجين ڳالهين ۾ مشغول هئا. ڪي ڪتاب ۽ اخبارون به پڙهي رهيا هئا. هڪڙي ڳالهه مون کي ڏاڍو عجيب محسوس ٿي ته ريل ۾ وينل مسافر جيتوڻيڪ اڳواٽ هڪ ٻئي جا واقفڪار ڪونه هئا، تڏهن به هو مسافريءَ مهل کهلي ملي هڪ ٻئي جا دوست بنجي ويا.

پرينءَ ڪنڊ تي وينل مسافر وري پاڻ ۾ تاس راند ڪيڏي رهيا هئا. هي مسافر ڪنهن ڳالهه تان کلي پاڻ ۾ ٺهڪ ڏئي رهيا هئا. ائين ٿئي سمجهه ۾ آيو ته اسان هڪ ئي گهر جا ڀاتي آهيون. اوچتو گاڏي بيٺي ۽ اسان دريءَ جو شٽر کڻي ٻاهر نهاريو ته ڏٺوسون ته گاڏي ڪراچي ڪينٽ اسٽيشن تي پهتي آهي. پر اسان کي اڃا سٽي اسٽيشن تي پهچڻو هو. ڪيترائي مسافر گاڏيءَ مان لهي ويا ۽ ٻاهر اسٽيشن تي اهوئي ڇهڇٽو ۽ رونق ۽ ماڻهن جي اچ وڃ هئي، جنهنجو اڳ ئي ذڪر ڪري آيو آهيان. پنڌرهن منٽن کان پوءِ گاڏي ڪينٽ اسٽيشن کان رواني ٿي، وچ ۾ سڄو رستو ڪراچيءَ جا ڪشادا رستا ۽ بلند عمارتون نظر اچي رهيون هيون. ايتري ۾ ڪراچي سٽي اسٽيشن به اچي وئي ۽ اسان به لٿاسون. اسٽيشن جي ٻاهران ساڳيو ئي هل هنگامو ۽ زندگيءَ جي ڇهل پهل هئي.

## 7. وقت جو قدر

ننڍڙي هوندي پرائمري ڪلاس ۾ هڪڙو نظم پڙهندا هئاسون. "وقت جئي آئون بادشاهه" اهو نظم ڏاڍو پيارو لڳندو هو. جيتوڻيڪ ان وقت

سمجهه ۾ گهٽ ايندو هو. استاد ٻڌايو هوم ته ان نظم ۾ شاعر اسان کي وقت جي اهميت جتائي آهي. سچ پچ ته هينئر وڏي هوندي به جڏهن ان جا بند پڙهندو آهيان، ته نه رڳو اهو نهايت وڻندو اٿم بلڪ ان کي آئون انسان لاءِ هڪ اهم چتاءُ به ڪري سمجهندو آهيان.

هنڌين ماڳين منهنجو ڦري ٿو فرمان،
ڏاڍو مون کان ڪونه ڪو آهي ڪو انسان،
تابع مون اصل کان سارو هيءُ جهان،
ڇا پوڙهو، ڇا جوان، پاڻهين پوندا پيش مون.

واقعي وقت 'شاهه زمان' ۽ ساري دنيا جو 'غائبانه بادشاهه' آهي، جنهن جي حقيقي طور تي بادشاهي قائم آهي. هرڪو انسان، هر فيصلي، حرڪت ۽ هر قدم لاءِ صرف وقت ۽ وقت جو محتاج آهي. سنڌيءَ ۾ وقت جي اهميت جتائڻ لاءِ ڪيترائي سهڻا پهاڪا آهن. مثلاً 'ڏڌو ڪير ٿڻين نه پوي'، 'ڇٽو تير ڪمان ۾ نه موٽي' وغيره.

پنهنجي چوڌاري هن ڪائنات ۾ قدرت جي تخليق تي نظر ڦيرائيندا سون ته اسان کي هڪ اڻ لکو احساس ٿيندو ته برابر هيءَ سموري سرشتي ڪنهن نيم جي انوسار پٺي هلي، جنهنجو پل پل مقرر ٿيل آهي. ڀلا ڏسو ته، هر روز سج جي اُڀرڻ ۽ لهڻ ۾ يا صبح مان رات ٿيڻ ۾ ڪڏهن ڪو هڪ لحظي جو به فرق ٿيو آهي؟ مندون ته ڏسو، ته ڪيئن نه هرڪا مقرر وقت تي اچو ڄاڻنجو وڃي! اجا گرمي لڪون ۽ جهولا انساني چمڙيءَ کي پيا ساڙيندا ته وري ساوڻ به اچي وقت سر ظاهر ٿيندو ۽ ماڻهن جي هنيئين تي ڇنڊو وجهندو ۽ چوڌاري گل گلزاري ۽ آسمان ۾ رم جهم بادلن کي ڏسي ماڻهن جون اکيون پيون ٺرنديون آهن. هرڪو وري ساوڻ جي مُوج مستيءَ ۾ هوندو ته وري سياري جون تيز و تند هوائون ماڻهن جا ڦڦڙ ڏڪائڻ شروع ڪنديون. جنهن کان پوءِ بهار جي مند پنهنجي محبوب وانگر درشن ڪرائيندي اچي پر گهٽ ٿيندي ۽ هرڪو انسان سک جو ساهه پٽيندو. مطلب ته هرڪا مند پنهنجي ويل تي ظاهر ٿيندي آهي ۽ قدرت جي ساري جوڙجڪ ۽ ڦيرگهير وقت پٺاندر آهي.

هرڪو ساهوارو به قدرت جي چرخي کي سمجهي، ان جي نيمن سارو هلي ٿو ۽ هرڪو عمل وقت مطابق ڪري ٿو. اوهان ڏٺو هوندو ته پنهنجي ڪي

مهل پکي پکڻ مٿيون لاٿيون لنوندا رهن ٿا ۽ سج اڃا ڪٿي مس ڪڍي ٿو تہ ان جي تکي سوجهري ۾ چوڳ يا ڪٿي داڻي لاءِ سرگردان ڦرن ٿا. وري سج جا پاڇا مَسَ لڙندا تہ نما شام مهل پنهنجي آکيري ڏانهن ويندا. اهڙيءَ طرح جانور بہ پنهنجي پنهنجي چَرن، ڌَرن ۽ ڀرن ۾ وچي آرامي ٿيندا. جانور پکين ڪان سواءِ سرندڙ جيتن جي بہ هرڪا مهل ۽ اوقات مقرر آهي. گويا قدرت جو سمورو نظام ۽ ساهوارن جي چُرپُر انسان کي وقت جي اهميت ۽ قدر جو ڇتاءُ ڏئي رهي آهي.

انسان ۽ سندس سماج تي نگاهہ وجهبي تہ ڏسبو تہ اهو بہ وقت جي ورچ ۾ ڳنڍيو پيو آهي، سندس هر قدم مقرر مهل تي کڄي ٿو. صبح ٿيڻ سان ئي رستن ۽ بازارن ۾ چهل پهل شروع ٿي ويندي آهي. هر بستي، چؤنڪ ۽ گهٽي ڳليءَ ۾ ماڻهن جي هل هلان شروع ٿيندي. ننڍڙا گلن جهڙا ٻارڙا ٿيلها ڪلهن ۾ لڙڪايو يا ڪتاب هٿن ۾ کنيو اسڪول ڏانهن پيا ويندا، جيئن دير نہ ٿيئن، سرڪاري ملازم بہ بس، گاڏين ۽ رڪشائن لاءِ پيا ڊوڙندا، جيئن دفترن ۾ وقت سر پهچي سگهن. واپاري تجارت خاطر پنهنجي پنهنجي ڪرت ڏانهن اُسهندا. پر هرڪنهن کي ڳڻتي اهائي وقت جي هوندي آهي! ڇاڪاڻ تہ بي وقتو پهچڻ مان اوس ڇيهو رسندو.

ڏٺو وڃي تہ انسان جي سڄيءَ عمر عزيز ۾ وقت هڪڙي قيمتي وٿ آهي، چوندا آهن ”اڄ جو ڪم سڀاڻي تي نہ رکجي.“ شروع کان ئي جيڪڏهن ٻار کي وقت سر ڪم ڪرڻ جي سٽي پيل هوندي تہ پوءِ زندگيءَ جي هر دور ۾ ڪيس ڪڏهن بہ ڪا مشڪلات اوڏو نہ ايندي. هو پنهنجي حياتي خوشحالي ۽ ڪامران گذاريندو. وقت جي پابنديءَ وارو شخص نہ رڳو پاڻ خوشيءَ سان زندگي بسر ڪري ٿو پر قوم ۽ ملت لاءِ بہ سندس وجود ڪارگر رهي ٿو. ڪاهل شخص جنهن کي وقت جو قدر ناهي، سو پنهنجي لاءِ وبال جان، گهرَ لاءِ ڇَٽي ۽ ملڪ واسطي پڻ مصيبت ثابت ٿئي ٿو. بيوقتائتو ڪم هميشہ بي ترتيب ۽ اڻنگائيءَ جو شڪار رهي ٿو ۽ تاخير سببان ڪنهن کي بہ ان مان فائدو نہ ٿو رسي.

ڪيترن ڏاهن انسانن تہ وقت جو قدر ڪندي، پنهنجي مختصر زندگيءَ جي هڪ هڪ پل جو خيال ڪيو. هنن قيمتي وقت کي اجاين ڪمن ۾ ضايع ڪرڻ بدران دماغي جستجو ۽ تحقيقات ۾ صرف ڪري دنيا ۾ علم جي روشني ڦهلائي.

جيڪا قوم وقت جو قدر ڪري ٿي، سا ڪنهن بہ ناگهاني مصيبت کي منهن ڏئي سگهندي ۽ ان جي استقلال کي ڪوبہ لوڏو نہ رسندو. ڇاڪاڻ تہ وقت جي پابند قوم سدائين منظم رهي ٿي ۽ ان جا ادارا ۽ ڪاروبار بہ بلڪل سليقي مطابق ۽ وقت سارو هلندا رهن ٿا. ان جي برعڪس جنهن قوم جي فردن ۾ وقت جي پابنديءَ جي عادت ڪانہ هوندي، تنهن جا قدم مصيبت مهل لرزجي ويندا. ڇاڪاڻ جو منجهن نظم و نسق جو فقدان هوندو آهي.

اسان جي قوم ۾ اڄا وقت جي اهميت جو پورو احساس ڪونہ جاڳيو آهي. ڪيترن ماڻهن ۾ ٽائيم کان لاپرواهي اختيار ڪرڻ جي روش عام طور ڏلي وڃي ٿي. اهوئي سبب آهي، جو اسان وٽ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ بي ترتيبي ۽ نظم ۽ نسق درهم برهم ٿيل نظر ايندو. دفتر جي ملازمن جو ڊيوٽيءَ دير سان پهچڻ جي شڪايت عام آهي. محڪمن ۾ ڪم جو اڪلاءَ وقت سر ڪونہ ٿو ٿئي، ان ڪري شخصي طرح هڪ طرف ڪوفت ڪڻي پوي ٿي تہ ٻئي طرف وري پوريءَ قوم کي ان جو خميازو ڀوڳڻو پوي ٿو.

"پاڪستاني ٽائيم اڃا نہ ٿيو آهي." هر ڪاڄ يا فنڪشن ۾ شرڪت ڪبي تہ اهڙو محاورو بہ ضرور ڪن پوندو، اهو محاورو اسان جي ڪاهليءَ ۽ وقت کان بي پرواهيءَ واري هلت تي چڙ تہ چٺلي هٺي رهيو آهي. اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ، جيڪڏهن شاديءَ جي تقريب راس هوندي تہ نڪاح خوان غائب هوندو؛ ۽ نڪاح خوان وقت سر هوندو تہ وري گهوٽيتا خير سان نہ پهتا هوندا. ادبي رهاڻ هوندي تہ صدر محفل يقيناً مقرر وقت کان ڏيڍ ڪلاڪ دير سان پهچندو؛ اها چڙ تہ هاڻي هڪ روايت بڻجي وئي آهي، ان ڪري هرڪو پيو پڇندو آهي تہ: "اڃا پاڪستاني ٽائيم نہ ٿيو آهي ڇا؟" مهمان ۽ دعوتي بہ اڪثر محفلن ۾ ڄاڻايل ٽائيم کان هڪ ڪلاڪ دير سان پهچن ٿا، ڇاڪاڻ تہ هر ڪنهن جي مغز ۾ اٽ ويٺو آهي، تہ پاڪستاني وقت مقرر وقت کان ڪم از ڪم هڪ ڪلاڪ دير سان شروع ٿئي ٿو.

ننڍپڻ کان ئي ٻار کي وقت سان ڪم ڪرڻ سيکارجي، جيئن هو وڏو ٿي؛ وقت جي پابنديءَ کي پنهنجو شعار بڻائي، ائين هو ملڪ ۽ قوم جو هڪ ذميوار شهري بڻجي سگهندو ۽ خود پنهنجي زندگي بہ نهايت آسان ۽ خوش گذاري سگهندو، نہ تہ سندس سموري ڄمار اهنجي ۽ مشڪل گذار بڻجي پوندي.

# 8. سنڌي ثقافت

ثقافت کي انگريزيءَ ۾ ڪلچر چئبو آهي. ڪنهن قوم جون اهي ڪار گذاريون ۽ ڪاوشون، جيڪي هُن زندگيءَ کي بهتر کان بهتر بنائڻ بابت اختيار ڪيون آهن، تن سڀني کي گڏي "ثقافت" چئجي ٿو. ساڳي عمل کي سنڌيءَ ۾ وري واهپ ۽ سَواهپ چئي سگهون ٿا. انسان پهرين پهرين غارن ۽ چرن منجهان نڪري سماجي زندگي گهارڻ شروع ڪئي هئي. تڏهن کان وٺي انساني ثقافت جو آغاز ٿيو. انسان سڀ کان پهرين پورهئي کان پوءِ واندڪائيءَ جي وقت ۾ پنهنجي زندگيءَ کي پُرلطف ۽ خوبصورت بنائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون.

ثقافت جا عام طرح ٻه پهلو آهن. هڪ جسماني زندگيءَ جي بقا، آرائش ۽ آسائش سان تعلق رکي ٿي، جنهن ۾ جڳهيون، لباس، گهرو سينگار ۽ سامان، زيور، کاڌا، سواريون ۽ رانديون روندون اچي وڃن ٿيون. ثقافت جو ٻيو پهلو وري ذهني آراستگيءَ سان واسطو رکي ٿو. جنهن ۾ قديم روايتون، رسمون رواج، ذهني لاڙا، قصا ۽ ڪهاڻيون، علم و ادب، ناچ، موسيقي، مصوري، ۽ ٻيا لطيف فن. ماڻهن سان ميل ميلاپ جو ڍنگ، سماجي ناتن جا طور طريقا اچي وڃن ٿا.

سنڌي ثقافت دنيا جي جهوني ثقافت آهي. موهن جي دڙي، ڪاهوءَ جي دڙي، جهڪ ۽ آمري جي آثارن مان ثابت ٿئي ٿو ته سنڌي ماڻهن قديم زماني کان زندگيءَ کي سهڻو بنائڻ شروع ڪيو. سنڌي ماڻهو رلڻا ملڻا، ڪلمک، خوش اخلاق ۽ مهمان نواز ٿيندا آهن. خوش طبعي ۽ مذاق چڻ ته سنڌيءَ جي فطرت ۾ سمايل آهن. سنڌي ماڻهو ڪليل ۽ وبڪرا گهر پسند ڪندا آهن. هو گهرن کي خوب سينگاريندا آهن. هڪ وچولي طبقي واري خاندان ۾ گلم، نواهر سان مڙهيل جنڊيءَ جون ڪٽون ۽ پينگهو ضرور ڏسبو آهي. سنڌي ماڻهو کاڌي جو به ملوڪ هوندو آهي. سڪين آسودن ماڻهن وٽ ٻلي ۽ مڇيءَ مان خاص قسم جا عمدا طعام تيار ڪيا ويندا آهن. عام ماڻهو ڪڪڙ کان سواءِ چانورن ۽ ٻاجهريءَ جي ماني به وڏي شوق سان کائيندا آهن. رات جي کاڌي ۾ گهڻا ماڻهو، چاهي اهي غريب هجن يا شاهوڪار کير پٽ کائڻ پسند ڪندا آهن.

سنڌي ماڻهوءَ جي جسماني بيهڪ ڊولائتي هوندي آهي. هو شڪل

شبيهه جو وٽندڙ ۽ بدن جو جاڻنو هوندو آهي. سنڌي مائرون ٻارن تي ڄائي ڄمر کان ئي نيپاج ۽ پالنا ۾ ڌيان ڏينديون آهن ۽ ٻارن جي تندرستيءَ توڙي سونهن لاءِ خاص اُپاءُ وٺنديون آهن، جيڪي شايد ئي دنيا جي ٻي ڪنهن قوم ۾ رائج هجن. سنڌي مائرون ٻار ڄمڻ کان پوءِ ان کي اُڏڻ مکڻ، مٿو ويهارڻ ۽ ٻين ڳالهين تي خاص توجهه ڪنديون آهن، جيئن ٻار جي جسماني ساخت سونهن جي معيار مطابق ٻيهي سگهي.

سنڌي قوم پيدائشي طور هاري آهي. اڄ به 80 سيڪڙو عوام جو گذران هارپ تي آهي. جنهن هاريءَ کي پنج اٺ ايڪڙ زمين جا، ٻلن ڍڳن جو جوڙو، هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ تائين مسافريءَ ڪرڻ لاءِ ڍڳي گاڏي ميسر هوندي اٿس، سو سکيو ستابو سمجهيو ويندو آهي. تعليم جي ڦهلاءَ سببان، هاڻي ڪيترائي سنڌي پروفيسر، ڊاڪٽر، انجنيئر، اديب ۽ ٻين علمن جا ماهر بڻيا آهن، جيڪي عوام جي خدمت ۽ ملڪ جي ترقيءَ لاءِ تن ڏهيءَ سان ڪم ڪري رهيا آهن.

سنڌيءَ جا مشهور هنر، سوسيون، گربيون، جنڊي ۽ ڪاشي وغيره ماضيءَ ۾ سنڌيءَ جي هڪ ڪاريگر ۽ هنرمند هجڻ جا شاهد آهن. ويهين صديءَ جي شروع ٿيڻ کان اڳ جنڊي ۽ ڪاشيءَ جي مارڪيٽ دنيا جي متعدد ملڪن ۾ قائم هئي، جنهن مان سنڌ ۾ ڪافي آمدني ٿيندي هئي. ليڪن انگريزي راڄ ۾ ڌيساورن ۾ انهن جو ڪاپو يڪسر بند ٿي ويو. پر هاڻي وري ديس اندر هنرن جي قدرداني ٿيڻ لڳي آهي ۽ پرڏيهي ملڪن ۾ به جنڊيءَ جي نين نين شين جي ڪشش ڏينهون ڏينهن وڌندي وڃي، جنهن ڪري ان هنر کي وري به اوڄ رسندو پيو وڃي.

سنڌين جون ملهه، ونجهوٽي، ٻلهاڙو ۽ ڪوڏي ڪوڏي مشهور رانديون آهن، جن مان ڪسرت توڙي وندر ٻئي مرادون برصواب ٿين ٿيون. افسوس ديس اندر انهن راندين جو شوق ڏينهون ڏينهن گهٽبو وڃي. حڪومت ديسي راندين کي همٿائڻ بدران ڌارين گيمن جي سرپرستي ڪري رهي آهي. جيڪڏهن سنڌي راندين جي پذيرائي ۽ انهن جي مظاهري لاءِ ٻيرون ملڪن ۾ ڪو خاطر خواه انتظام ٿئي ته جيڪر اهي رانديون هر لحاظ کان بهترين رانديون ثابت ٿين. سنڌي ماڻهو تمام بهادر ۽ غيرتمند ٿيندا آهن. هو چوندا آهن ته، "ٻني ۽ وني مڙسن کان نه وينديون آهي." اهو پهاڪو سنڌي تهذيب ۽ تمدن جي ڀرپور عڪاسي ڪري ٿو.

هاڻي سنڌي ثقافت جيڪا ذهني آراستگيءَ سان تعلق رکي ٿي، ان جو ذڪر ڪريون ٿا. دنيا جي ٻين قومن وانگر سنڌين ۾ ڪيترائي لوڪ گيت ڳايا ويندا آهن، جي سنڌ جا ڳنوار، ٻڪرار، هاري ناري، ڇوڪر ۽ نوجوان ڪن تي هٿ رکي الو ميان ڪري وڏي آواز سان جهرجهنگ ۾ ڳائيندا وتندا آهن. انهن مان ٻيلاڻ، محرم لولي، مورو، مانجهيڙو ۽ لوڙائو وغيره گهڻو مقبول آهن. ڪي لوڪ گيت وري رڳو عورتون ڳائينديون آهن، جيئن لولي، ڪوڏائا ۽ سهرا وغيره.

سنڌي ماڻهو راڳ جا بہ شوقين آهن. ڪوهياري، راڻو، سورٺ، ڪارايل، اسان جائي راڳ ۽ راڳڻيون آهن، جيڪي موسيقيءَ جي وڏي ڪان وڏي معيار تي ٻيهي سگهن ٿيون. سنڌ ۾ جنهن انداز سان "مولود" پڙهيا ويندا آهن، سو انداز ايراني نعت خواني ۽ عربي راڳ سان ملندڙ جلندڙ آهن. يڪتارو، ٻين، الغرزو، دلو، دهل، مرلي ۽ بوٽينڊو وغيره عوامي موسيقيءَ جا مکيہ اوزار آهن. هتي جي لوڪ ناچن ۾ جمالو، جهمر، ڏانڊيو، همرچو وغيره قابل ديد ناچ آهن، جي عوام جي جذبات جي عڪاسي ڪن ٿا. موسيقي ۽ راڳ ناچ کان علاوه ٻين لطيف فنن مصوري، سنگتراشي ۽ نقاشي وغيره جو گذريل زماني کان گهڻو رواج آهي، جنهن ۾ فنڪارن ڪمال حاصل ڪيو آهي.

دنيا جي ٻين قومن وانگر سنڌين جي قصن ۽ ڪهاڻين سان خاص الفت ۽ چاهہ رهيو آهي. سنڌ جي سرزمين "رومان جي وادي" آهي. هتي عشق محبت، سونهن ۽ حسن جا ڪيترائي داستان اُڀريا. جي سنڌين جي ذوق جي تڪميل بڻيا. سسئي پنهون، سهڻي ميهار، عمر مارئي، ليلا چنيسر، نوري ڄام تماچي، مومل راڻو ۽ ٻيا ڪيترائي روماني قصا سنڌ جي عوام ۾ مقبول آهن. سنڌي قوم 'ادب' ۾ بہ شاهوڪار آهي، جنهن کي دنيا جي ٻين ٻولين جي ادب سان برمبچي سگهجي ٿو. سنڌي جي ڪلاسيڪي ادب جو عروج ڪلهوڙن جي زماني ٿيو ۽ ميرن جي دور جي آخر ۾ اختتام تي رسيو. سنڌي زبان جو وڏي ۾ وڏو شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سچل، سامي ۽ ٻيا ڪيترائي ڪلاسيڪي شاعر آهن، جن جو شعر عوام ۾ مقبول رهيو آهي. ان دور جون عام شاعرانہ صنفون دوها، بيت، وايون ۽ ڪافيون آهن. جي هن وقت بہ سڀئي مروج آهن. عروضي شعر لکڻ جو گهڻو رواج آهي. ان کان علاوه ٻيون بہ ڪي نيون صنفون تخليق ڪيون ويون آهن. جديد ادب جو اڏيندڙ مرزا قليچ بيگ آهي، ڇاڪاڻ جو نثر ۾ نين نين صنفن، جهڙو ناول، ڊراما ۽ مضمون نگاريءَ وغيره کي هن سنڌيءَ ۾ رواج ڏنو.

سنڌي عوام ۾ صوفين جي وحدانيت وارو فڪر مقبول عام رهيو آهي، جو شروع کان ئي هن جي دل و دماغ تي ڇانيل رهيو آهي. اهو فڪر عام زندگيءَ تي گهڻي قدر اثر انداز رهندو اچي. ڪلاسيڪي شاعرن به پنهنجي ڪلام وسيلي ان کي گهڻو مقبول بنايو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو سنڌي ماڻهو عمل ۽ جدوجهد کان وڌيڪ توڪل تي ڀاڙڻ لڳو ۽ عام طرح سان خلوت نشينيءَ جو شايق بنجي ويو. ليڪن ان هوندي به ويدانت ۽ تصوف مان سنڌي قوم کي اهو فائدو ضرور ٿيو، جو منجهس انسانيت سان پيار ڪرڻ جو انمول گڻ پيدا ٿيو، جنهن ڪري هو هر قسم جي تعصبات کان آجو رهيو. سنڌي ماڻهو اڄ به فرقيوارانه بغض، رنگ نسل جي ڀيد ڀاءُ، مذهبي تفرقي ۽ ڇوت ڇات کان آجو آهي ۽ اهوئي هن فڪر جو ڪمال آهي. ذهني طرح سان سنڌي سدائين انسان دوست رهيو آهي.

## 9. آءٌ هڪ ماچيس آهيان

منهنجي ڪهاڻي ڏاڍي عجيب آهي. تمام آڳاٽي زماني ۾ هڪبئي سان پهڻ گسائي انسان باهه پيدا ڪندو هو. پٿرن کي پاڻ ۾ رڳڙيندو ۽ لوهه ۽ ٻين شين سان گسائيندو نيٺ هو منهنجي تخليق تائين پهچي ويو. اهي انسان جون ڪوششون ئي آهن، جن جي نتيجي ۾ آئون ڏکين ۽ مشڪل مرحلن مان نڪري سنڌس واسطي هڪ حقيقي ڪارآمد شي بنجي وڃان ٿو.

هاڻي پنهنجي سرگذشت ٻڌايانو ٿو ته ڪيئن مان تيار ٿي اوهان جي هٿن تائين پهتو آهيان. آئون به ننڍڙي وهيءَ ۾ هڪ ڪچڙو زمين ۾ ڪتل ٻوٽو ئي هوس ۽ پنهنجن ٻين ساٿين سان مٽي، پاڻي ۽ هوا مان منهنجي واڌ ويجهه ٿي. هڪڙي ننڍڙي ۽ ٻي سٽ ٻوٽي مان وڌندو نيٺ وڃي سگهارو وڻ ٿيس. آئون ته ايڏو ته قداور ۽ ڪمائتو هوس جو منهنجو پاڙون زمين جي ڪاڏ کي روڪي بيهنديون هيون ۽ جهڪن ۽ واڻن ۾ مضبوط آڏ بنيو بيٺو هوندو هوس پر ايڏي قيمتي شي هوندي به مالڪ منهنجي قدرداني ڪانه ڪئي ۽ تمام ٿورڙي اگهه ڪوڏين ملهه ۾ مون کي وڪڻي ڇڏيائين.

ٺيڪيدار تمام بي درديءَ سان وڍائي ٽرڪ تي لڏائي مون کي ٽمبر مارڪيٽ پهچايو جتي ماچيس فئڪٽريءَ وارن منهنجي ملائم ۽ نرم ڪاٺي کي پرکيو ۽ اتان خريد ڪري پنهنجي ڪارخاني ۾ ڍوئي آندائون.

فئڪٽريءَ ۾ مون کي ڪيترن مرحلن مان لنگهڻو پيو. مون کي تمام ننڍڙن ننڍڙن ڪاٺ جي ٽڪرن ۾ وڌيو ويو. ايستائين جو سهڻائي ۽ سليقي سان سنهڙيون سنهڙيون تيليون تيار ڪيون ويون. پوءِ منهنجي هڪ چيڙيءَ تي مسالو هنيو ويو، جنهن کان پوءِ خبرداريءَ سان نفيس ۽ سهڻين ننڍيل دٻلين ۾ مون کي بند ڪيو ويو.

ايترين آزمائش مان لنگهڻ کان پوءِ آئون ماچيس سڏجان ٿو ۽ پوءِ مون کي دٻن ۾ بند ڪري ڊزنن ۽ گروسن جي حساب سان شهرن ۽ ڳوٺن ۾ موڪليو وڃي ٿو. ماڻهو مون کي شوق سان خريد ڪندا آهن ۽ پنهنجي ضرورت مطابق استعمال ڪندا رهن ٿا. آئون اونده ۾ روشنيءَ جو ڪم ڏيان ٿو. منهنجي اهميت جو اندازو ان وقت ٿيندو آهي، جڏهن آءٌ ضرورت وقت موجود نه هوندو آهيان. ماڻهو مون کي ساڙي پنهنجي اڪيچار ضرورتون پوريون ڪن ۽ خوشيون ماڻين. پر افسوس جو ڪين منهنجو قدر ڪڏهن به ڪونه ٿيو آهي. بس مون کي جلائي وسائي پنهنجو ڪم ڪڍي هڪدم ڪٿي پٽ تي اڇليندا يا پير هيٺان چٿي ڇڏيندا آهن. پوءِ منهنجا ٽڪرا تيلين جي صورت ۾ گند ڪچري ۾ پيا رلندا آهن ۽ آئون پنهنجن عضون کان وڪري دايان ڦايان ٿي ويندو آهيان.

پنهنجي ضرورتمندن کان هڪ سوال پڇڻ گهران ٿو ته ڪڏهن هن ان ڳالهه تي به ويچاريو آهي ته آئون ماني پچائڻ لاءِ باهه دکائڻ کان سواءِ ٻيا به ڪيترا ماڻهن جي ڀلي جا ڪم ڪريان ٿو. ٻيلي ڪاٽي وارن منهنجي ٻوٽي کي ٻاهرين ملڪن مان گهرايو ۽ پوءِ ان تي ڪيترا تجربا ڪيا، جيئن منهنجون پاڙون هن ڌرتيءَ ۾ کپي وڃن ۽ هتي آسري سگهان. نيٺ آئون هن ملڪ جي ٻنين ۽ ٻيلن جي رونق بڻيس.

شايد اهو ڪڏهن به ڪنهن ڪونه سوچيو آهي، ته جن ٻوٽن مان آئون جنم وٺان ٿو، تن جي باعث ڪيترن گهڻن انسانن کي نه روزگار ملي ٿو؟ مثلاً منهنجي پرورش ۽ سنڀال لاءِ ماڻهو مقرر ٿين ٿا. پوءِ وڍائي ڪٽائي ٿئي ۽ ان کان پوءِ منڊي ۽ ڪاروبار ۾ هلڻ ۽ آخرڪار فئڪٽريءَ ۾ بيشمار ماڻهن کي روزگار ميسر اچي ٿو. توهان کي اها به خبر هجي ته چاليهه ڪلوگرام ڪاٺيءَ مان ويهه گروس ماچيس تيار ٿين ٿا، جن جي قيمت چار روپيه في سيڪڙو آهي. اهڙيءَ طرح ملڪ جو قيمتي زرمبادلو بچائڻ ۾ منهنجو هٿ آهي. آخرڪار منهنجي ڪهاڻي اهڙي طرح ختم ٿي جو زمين مان

ڇايس ۽ وري زمين ۾ ملي ويس. خدا ڄاڻي ته اهو سلسلو ڪيستائين هلندو رهي، شايد جيستائين دنيا آباد آهي. بهرحال منهنجي اهميت ساڳيءَ ريت قائم رهندي ۽ آئون ماڻهن کي روشني ڏيندو ڪين ضرورت مهل ڪم ايندو رهندس.

## 10. ٿر جو سفر

نوان نوان ملڪ گهمڻ ۽ انهن جا انوکا فيشن ۽ ديدور مهانڊا ڏسڻ جو شوق، هر انسان جي دل ۾ هوندو ئي هوندو آهي! دنيا ۾ جڏهن اڄا پورا وسيلا وسائل نه هئا، تڏهن به ماڻهو توڪل جي ترهي تي سوار ٿي ڪيئين اٿانگها سفر ڪري پرڏيهه وڃي پسندا هئا. اڄ به اسان جي ملڪ جو هر نوجوان ڏسو ته آمريڪا، يورپ، جپان ۽ هانگ ڪانگ ڏسڻ جي آس لڳايو ۽ تاڙ تاڙيو ويٺو آهي ته من ڪٿان کو گهمڻار جو وجهه لڳي!

پرڏيهه جي ياترا ڀلي ڪجي! ڇو جو "هر ملڪ مولا جو آهي، ڪنهن بادشاهه جو ناهي!" پر سچ پڇو ته پري کان وڄندڙ دهل هر ڪنهن کي هونئن ئي سهانا لڳندا آهن، نه ته سونهن ۽ سرهاڻ سان ته قدرت ڌرتيءَ جي هر ٽڪر کي واسي ڇڏيو آهي، رڳو اُها جوت گهرجي، جنهن سان اکيون جلوو پسي سگهن!

پري ڇو وڃون! اسان جي سنڌ ڌرتيءَ ۾ ئي هڪ اهڙو نرالو خطو آهي، جنهن جو روپ سروپ بس ڇا چئجي! ان جي هرڪا ڳالهه عجب جهڙي آهي. گل جي واس جي ڪيئن سڌ پوي جيسين ان کي سونگهي نه ڏسجي! جيسين ڌرتيءَ جي فضا ۾ نه لهبو تيسين اُن جي مهڪار ڪٿان رسندي. اسان جي ادب ۽ شاعريءَ ۾ ٿر جي سونهاري نالي کي گهڻو ڳايو ويو آهي. مگر ٿر جو نت نراليون ڳالهيون ٻڌي، اسان مان گهڻا اوڏانهن سفر ساهڻ کان ڪيٻائيندا آهن!

اتي نه آهي بجلي، نه رستا ۽ نه وري دريائي وسيلا. جن کان سواءِ اڄ جي "تهذيب" بابت سوچي به نٿو سگهجي. لق دق بيابان، اٿانگهيون واٽون ۽ اوليون هيٺ مٿاهيون، جن تي سارو وقت واري جا واڪا پون، پوءِ ڀلا اهڙيءَ رڃ ۾ ڪنهن کي سياحت جو شوق ٿيندو؟

ظاهري رونقن کان عاري هوندي به ٿر کي پنهنجي سونهن آهي ٿر واسين جي سادگيءَ ۾ خاص چمڪ دمڪ آهي. اتي جا نظارا پنهنجي لطافت

جڏهن مريخ جي سرزمين تي قدم رکيو ته گردوپيش کي ڏسي سندس حالت غير ٿجي وئي. منهنجي ٻت ۾ ٻه ساڳيءَ طرح ڪپڪپي جي لهر ڊوڙڻ لڳي. يا خدا اسين ڪائنات جي ڪهڙي ڪنڊ ۾ وڃي پهتا آهيون. ائين ڀيو ڀانيان جڻ ته ڪنهن گرهه تي اچي پهتو هجان! اعتبار ئي نٿي آيو ته ڌرتيءَ جي ڪنهن ٽڪر تي موجود آهيان. انهيءَ اڻ تڻ ۾ ڪٽ ڪٽ اهڙا دلفريب نظرا نظر چڙهيا ٿئي، جو اکيون حيرت کان ڦاٽي ٿي ويون!! ڏڙن مٿان گاڏي چڙهندي چڙهندي وري هيٺ گسڪڻ لڳي ٿي ۽ ڊرائيور کي بار بار گيئر مٽائي گاڏيءَ کي اڪارٿو ٿئي پيو. ڏڙن تي ٻريان ٻريان ڪٿي ڪکن.جا جهُنرا ۽ گول گهرڙا نهيل نظر ٿئي آيا، ايڏي اتاهينءَ تي اڌ اگهاڙا ٻارڙا اگوندرا پنهنجي موج مستيءَ ۾ ڪيڏي رهيا هئا. ڪن چوٽين تان انن جا قافلا روان دوان ويندا نظر پئي آيا. ڏڙن جي وچ ۾ زمين جي ٽڪرن ۾ ڦرڦڙ وسندي ڪن هارين هر پئي ڏنا! ليڪن ڊِگن جي جاءِ تي گڏهه جوٽيل هئا ۽ ڪٿي ڪٿي ته ڪنهن وهٽ بدران ماڻهو پاڻ هر ڇڪي رهيو هو!!

ڳچ مفاصلو طئه ڪرڻ کان پوءِ، هڪڙو اسٽاپ آيو، ان مقام جو نالو "ويڙهي جهپ" هو، جنهن جو ذڪر "شاهه جي رسالي" جي سر سارنگ ۾ ٻه ڀيل آهي. اتي هڪ ڪڪائين لانديءَ ۾ هوٽل چالو هئي. سڀني مسافرن لهي چانهه نوش ڪئي ۽ مزا وٺي وٺي گرم ڍڪ ڀريا. اوچتو ٽرانسسٽر مان آواز بلند ٿيو ۽ عبدالله ٻنهور جي ڪافي گونجڻ لڳي.

جيڪس هيس ڏاري الا الا،
هو مارن تڏهن وساري!!

ڳائڻي جو سُر ٻُرڻ سان منهنجا لونءَ لونءَ ڪانڊارجي ويا. عجب مان وشال ڪائنات تي نظر ڪيم. سنهي سنهي بوند وسي رهي هئي. تمام ٻريان انن جو قافلو هڪڙي چوٽيءَ تان لهي پئي چوٽيءَ تي چڙهي رهيو هو! ساز ۽ آواز جو فطرت سان حقيقي سينڌ پهريون ڀيرو محسوس ڪيو هوم. ڪافيءَ جي پرسوز آلاپ خوشگوار ماحول ۾ تبديلي آڻي، ان کي رومان خيز بڻائي ڇڏيو هو. ائين پئي محسوس ٿيو ته جڻ ته عمر اجهو هينئر هينئر مارئيءَ کي کوهه تان کڻي وڃي رهيو آهي! ائين قدرتي نظارن کي پسندي وقت گذرڻ جو پتو ئي نه رهيو ۽ ڪنهن مهل ٻڌوسون ته اسان واري ويگن منزل وٽ ڏيپلي شهر ۾ بيٺي آهي.

**باب يارهون**

# سنڌي ڳالهائڻ جا مختلف نمونا ۽ لفظن جا جدا جدا اُچار

سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جا جدا جدا اُچار ڪرڻ عام آهي نہ رڳو ايترو بلڪ جملن جي ترڪيب بہ ڪٿي ڪٿي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ڦريل ڪئي وڃي ٿي. اهو ننڍ ٻولين ۾ فرق سببان آهي. سنڌي ٻوليءَ جون خاص ننڍ ٻوليون Dialects سرَيلي - لاڙي - ساهتي - وچولي - ٿري - ڍاٽڪي - ڪڇي ۽ لاسي آهن. جيڪي مکيہ يا معياري سنڌي زبان ۾ ٻراءُ ڪري ان جي وجود کي استحڪام بخشين ٿيون. هر ننڍ ٻولي اُچار ۽ نَحو ۾ ٻي ٻوليءَ کان ڪي قدر مختلف هوندي آهي. هڪڙي ڳالهہ تہ صاف ظاهر آهي تہ جيئن ڪا ٻولي وسيع هوندي ۽ ان جا ڳالهائيندڙ گهڻا ۽ پري پري علائقن ۾ وسندا هوندا، تيئن ئي اتي جي مڪاني ٻولين ۾ فرق اچڻ لازمي امر ٿيندو آهي. سنڌي ماڻهو ايامن کان سنڌ جي مختلف ڀاڱن جهڙوڪ: ساحلي، جابلو، دريائي، ميداني، بياباني ۽ گجگاهہ ٻيلن وارن علائقن ۾ رهندا اچن پيا. جتي هنن کي نرالي جاگرافيائي ماحول ۽ معاشي حالتن ۾ گذارڻو پوي ٿو. اهوئي سبب آهي جو هر علائقي جي ننڍ ٻولي ڳالهائڻ ۾ ڪجهہ علحده خاصيتن جي حامل بنجي پئي آهي. ننڍ ٻولين مان وري مختلف ننڍڙا محاورا ڦٽي نڪتا آهن، جن کي ننڍڪ ٻوليون Sub-dialect چئي سگهجي ٿو.

جيئن سرَيلي ننڍ ٻوليءَ جون شڪارپوري ۽ لاڙڪاڻائي ننڍڪ ٻوليون شمار ٿين ٿيون. هيڪاري سنڌ جي سرحدي علائقن ويجهو ڳالهائجندڙ سنڌيءَ ۾ هڪ کان گهڻا محاورا پيدا ٿي ويل آهن، جنهن ڪري انهن هنڌن جون ننڍڪ ٻوليون پنهنجي مکيہ ٻوليءَ جي قدر ۽ معيار کان گهڻو هٽيل ۽ مختلف لڳن ٿيون. هيٺ ننڍ ٻولين ۽ معياري ٻوليءَ جي وچ ۾ هم معنيٰ ۽ متناسب جملا گڏ گڏ رکيا ويا آهن.

هڪڙي ڪنهن نِنڍ ٻولي يا محاوري جي سڌريل ۽ اُسريل صورت هوندي آهي، ٻولي جيڪا اسين ڳالهايون ۽ لکون ٿا سو جيتوڻيڪ ظاهر ۾ هڪ سادو سودو معاملو ڀانيون وڃي ٿو پر حقيقت ۾ اهو هڪ مرتب يا ڳنڍيل معاملو آهي. ٻولي ڪهڙي صورت اختيار ڪري ٿي ان جو دارومدار هڪ ڪان گهڻين ڳالهين تي رهي ٿو. جيئن ته اسين ڪهڙي علائقي يا مخصوص مقام تي موجود آهيون. ڪنهن سان اسين مخاطب ٿيون ٿا. ڪهڙي صورت حال مان گذري رهيا آهيون. اسين هن ڪي ڪهڙو سمجهاءِ رَسُ ڏيڻ چاهيون ٿا؟ وغيره جيڪڏهن توهان ڪنهن دوست سان ڳالهائيندا ته ساڳئي انهيءَ انداز ۾ نه ڳالهائيندا، جهڙي طريقي توهان ڪنهن معتبر يا استاد سان ڳالهه ڪندا. جيڪب آباد ۾ چانور ۽ وڏو ٿيل شخص حيدرآباد جي رهاڪوءَ سان هڪ ڪلام ٿيڻ وقت پنهنجي مخصوص ٻوليءَ ۾ ڳالهائي ٿو ته اها ڪا خلاف توقع ڳالهه ڪانه چئبي. توهان هاسٽل ۾ رهندي پنهنجي والدين ڪي جيڪو خط لکندا سو ان جي نسبت ۾ مختلف هوندو جيڪو هاسٽل جي واردن ڪي لکندا. پنهنجي علائقي ۾ راندين جي اڻ پورين سهوليتن هجڻ بابت مقامي اخبار ڪي شڪايت جو خط لکندا ته ان جو انداز بيان ذاتي خطن کان مختلف هوندو.

معياري ٻولي عام طرح سان ان ٻوليءَ ڪي چيو وڃي ٿو، جيڪا گهڻي قدر جديد ميڊيا يا وري سڌريل وسيلن ۾ استعمال ۾ اچي ٿي، جهڙوڪ: تعليم، ادبي علمي ڪتاب، سرڪاري لکپڙهه، خط و ڪتابت، ريڊيو، ٽيليويزن، رسالا ۽ اخبارون وغيره. معياري ٻوليءَ جو فهم ان جي استعمالي لياقت تي منحصر آهي ته ٻوليءَ ڪي متعدد سماجي لاڳاپن ۾ ڪهڙيءَ طرح مؤثر انداز ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

معياري سنڌي، سنڌي ٻوليءَ جي هڪ تسليم ٿيل ڪلياتي صورت آهي. هيءَ ڪا نِنڍ ٻوليءَ وانگر مقرر يا ڄميل بيٺل نه آهي بلڪ ان جو دائرو ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آهي. ان جي لفظن ۾ بي شمار اضافو ٿيندو رهي ٿو. معياري ٻوليءَ جي وساطت سان سنڌي ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ تبديليءَ ڪي هر جاءِ قبول ڪيو وڃي ٿو. معياري سنڌي جو استعمال سنڌ جي مختلف ۽ دور دراز خطن جي ماڻهن ڪي هڪ ٻئي سان تبادلہ خيال جي لائق بڻائي ٿو.

اگر ڪو شخص فقط پنهنجي تَر جي مخصوص اظهارپ Expression ۾ ٿي هر ماڳ ۽ اداري جي ماڻهوءَ سان پنهنجو مطلب ادا ڪري ٿو يعني

10. آجايو = آ معنيٰ نہ، جاءِ معنيٰ مقرر ڪيل جاءِ يعني وجهہ يا سبب يعني بي سبب.

11. سَجايو = س معنيٰ چڱو، جاءِ معنيٰ جڳهہ، ريت يا ڍنگ معنيٰ چڱي ريت وارو - ريتائتو، چڱي استعمال ۾ اچڻ جوڳو.

12. آسونهون = آ = بنان، سونهون، ڄاڻو، واقف، اڻ واقف، واقفيت نہ رکندڙ

13. اجنبي = آ معنيٰ نہ، جنب، جانب مان نڪتل آهي معنيٰ پاسو يا طرف = اهو شخص جنهنءَ جي پار يا طرف جي خبر نہ هجي.

14. اٿاهہ = آ معنيٰ نہ، ٿاهہ = انت = جنهن جو انت نہ هجي

15. آجهاڳ = آ معنيٰ نہ، جهاڳ = تار پاڻي
جهاڳڻ = پاڻيءَ مان تري وڃڻ = معنيٰ اهڙو پاڻي جنهن کي جهاڳڻ ممڪن نہ هجي.

16. اَمر = آ معنيٰ نہ = مَرَ مرڻ مان نڪتو آهي.
جيڪو مري نہ سگهي، دائما زنده

17. آموٽ = آ معنيٰ نہ = موٽ، موٽڻ مان نڪتو آهي.
اهڙو شخص جيڪو مقصد حاصل ڪرڻ بنان نہ موٽي. سنڌيءَ ۾ ان کي اڻ موٽ بہ چئبو آهي. يعني باهمت بلند حوصلي وارو.

18. آکٽ = آ معنيٰ نہ = کَٽَ کٽڻ مان نڪتل آهي. معنيٰ ختم ٿيڻ = اها شَي جيڪا کٽي نہ سگهي، ڪيترو بہ خرچ ڪجي تہ ختم نہ ٿئي.

19. اَمَٽ = آ معنيٰ نہ = مٽ = برابر، جنهن جي برابر يا جنهن جو ثاني ڪوبہ نہ هجي.

20. آجهل = آ معنيٰ نہ = جَهل (جهلڻ) مان نڪتو آهي.
جيڪو جهلجي پلجي نہ سگهي، روڪي نہ سگهجي.

21. آملهہ = آ معنيٰ نہ = ملهہ = قيمت، يعني جنهن جو ملهہ يا قيمت ڪٿي بہ نہ ملي سگهي. جنهن جي قيمت ادا ٿي نہ سگهي.

22. آٻوجهہ = آ معنيٰ نہ = ٻوجهہ = سمجهہ - سَڌَ = جيڪو بي سڌ يا بي سمجهہ هجي، عقل جو سادڙو.

23. آجهور = آ معنيٰ نہ = جهورَ معنيٰ نند = جنهن مان نہ جاڳي.

24. الک = اَ معنيٰ نہ = لَک (لکا = لکائڻ) مان نڪتل آهي، يعني جنهن جي لَکا يا سَڌَ نہ پوي. (الله تعاليٰ لاءِ چئبو آهي).
25. آلهَہ = اَ معنيٰ نہ = لَهَہ = پتو يا پارُ = جنهن جو پتو يا پار نہ پوي.
26. اَپار = اَ معنيٰ نہ = پارَ يعني ڪنارو = بنان ڪناري، بي حد.
27. اَتوٽَ = اَ معنيٰ نہ = ٽوٽ (ٽٽڻ) = ڀڄڻ کان ڏاڍو، پڪو، سخت.
28. اَلوٽ = اَ معنيٰ نہ = لوٽ، گهيرٽ ننڊ = نہ جاڳڻ واري ننڊ، غلطان.
29. اگهور = اَ معنيٰ نہ = گهور (گهيرٽ، ننڊ) = نہ ڦٽڻ واري ننڊ.
30. اَلڙ = (الهڙ) = = اَ معنيٰ نہ = لَڙ = سلسلو يا ڄاڻ
جنهن کي ڪابہ ڄاڻ نہ هجي، ڪنهن بہ سلسلي سان ڳنڍيل نہ هجي.
31. اَڪارٿ = اَ معنيٰ نہ = ڪارٿ = ڪارج = بيڪار.
32. اَٻلا = اَ معنيٰ نہ = ٻلا (ٻَل) = طاقت = ڪمزور، ضعيف، ڪمزور يا ضعيف، بي سهارا عورت.
33. اجوڳ = اَ معنيٰ نہ = جوڳ (جوڳو) = جهڙو = نہ ٺهڪندڙ - نہ سونهندڙ
34. اويل = اَ معنيٰ نہ = ويل = وقت = ڪم واسطي وقت گذري وڃڻ - پوري مهل جو نہ هجڻ، نامناسب وقت
35. اَڇوتو = اَ معنيٰ نہ = ڇوتو (ڇهڻ) = اڻ ڇهيل
36. اَچُڪَ = اَ معنيٰ نہ = چُڪَ = (غلطي ڪندڙ) = غلطي نہ ڪندڙ
37. اَچيت = اَ معنيٰ نہ = چيت = سمجهہ = ناسمجهہ
38. اَجوڙ = اَ معنيٰ نہ = جوڙ = اڻ ٺهڪندڙ - اڻ برابر

2. سُ

1. سُمَت = سُ + مت = چڱي مت
2. سگهڙ = سُ + گهڙ = چڱو گهڙيندڙ ٺاهيندڙ - گهرداري ڄاڻيندڙ عورت، فن يا هنر جو ڄاڻو، آداب جو پاسدار، سماجي روايات کان واقف، تهذيب وارو - ضد اگهڙ
3. سُلڇڻو = (سُ - لڇڻو) چڱن لڇڻن وارو - بااخلاق
4. سُڌارو = سُ + ڌارو = ڌاريان (هہ) = بهتري
5. سُپَتيو = سُ + پَتِ = چڱي ڪار پت وارو - اعتبار جوڳو - ضد (ڪُپيتو)

12. اڻ ڪٽ = اڻ + ڪٽ = جيڪو ڪٽي نہ سگهي
13. اڻ هوند = اڻ + هوند = جنهن وٽ دولت نہ هجي = جنهن جو مشڪلُ سان گذارو ٿئي
14. اڻ ڄاڻ = اڻ + ڄاڻ = جنهن کي ڪابہ ڄاڻ يا خبر نہ هجي، بي خبر
15. اڻ مٽ = اڻ + مٽ = جنهن جو مٽ يا ثاني نہ هجي
16. اڻ مَتِ = اڻ + مت = جو سمجهي نہ سگهي
17. اڻ آريو = اڻ + آريہ = اڻ سڌريل = غير مهذب
18. اڻ سڌريل = اڻ + سڌريل = جيڪو بگڙيل هجي
19. اڻ پڙهيل = اڻ + پڙهيل = جو پڙهيل نہ هجي، اڻ پڙهيو بہ چئبو آهي
20. اڻ روڪ = اڻ + روڪ = جو روڪي نہ سگهجي
21. اڻ آزمودگار = اڻ + آزموديگار = جنهن کي آزمودو نہ هجن، ناتجربيڪار
22. اڻ ڳسَ = اڻ + ڳسَ = جو ڪنهن تانءِ بہ نہ ڳسي، اٽل

5. ڏ

1. ڏجَرَ = ڏ + جَرَ = گهٽ ڪائيندڙ = ضد سُجَر
2. ڏُٻرو = ڏ + ٻَرَ = گهٽ طاقت وارو ـ ڪمزور = ضد سٻرو
3. ڏُتَڙ = ڏ + تڙ = ڏکيو تڙ = ضد سُتَڙ
4. ڏُڪار = ڏ + ڪار = خراب يا گهٽ ڪاروبار معنيٰ قحط = ضد سڪار
5. ڏُرت ڏ + رَتَ = خراب رت يا موسم معنيٰ ڏڪار
6. ڏُڦير = ڏ + ڦيرَ = خراب هلت = فساد
7. ڏُهاڳڻ = جيڪا عورت مڙس مري وڃڻ ڪري اڪيلي ڏکياري زندگي گهاريندي هجي، ضد سهاڳڻ
8. ڏُهلو = ڏکيو، مشڪلات ۾ گهاريندڙ، ڏکن ۾ گذاريندڙ، ضد سَهلو

6. سَنَ

1. سنبنڌ = چڱو رشتو ـ سٺا تعلقات
2. سنمک = مٺي يا سٺي زبان وارو، سٺي منهن سان پيش اچڻ وارو
3. سنتوش = تحمل ـ ماٺ ۽ صبر
4. سنسار = سٺي يا حسين دنيا
5. سنسان = گهري خاموشي ماٺ

### نا

نادان / نادانيِ- نالائق / نالائقي- ناچاق / ناچاقائي- ناهموار / ناهمواري- ناخوشگوار / ناخوشگواري - ناسمجهه / ناسمجهي - نامعقول / نامعقوليت - نامراد / نامرادي - ناجائز / ناجائزيت - ناروا / ناروائي - ناڪاره / ناڪاريت - ناپاڪ / ناپاڪائي - ناحق / ناحقون / ناحقي نانهن Nothingness .

### ذي

ذي نفس - ذي حس - ذي عزت - ذي شان - ذي جاهه - ذي روح - ذي حيات

### ماورا

ماورا حقيقت - ماورا عدالت - ماورا ماده

### دَر

دراصل - درحقيقت - درپرده - درڪار - درميان

### خوش

خوش خط - خوش مزاج - خوش الحال - خوش فهم - خوش نويس - خوش شڪل - خوش اخلاق - خوش پوشاڪ - خوش الحان - خوش ذون - خوش رَو - خوش فڪر

### ڪڄ

ڪج رفتار - ڪج رفتاري، ڪج خلق - ڪج خلقي، ڪج رو - ڪج روئي، ڪج ڪلام - ڪج ڪلامي، ڪج طبع - ڪج طبعي، ڪج بحث - ڪج بحثي، ڪج خرام - ڪج خرامي

### بد

بدڪار - بدشڪل - بداطوار - بداخلاق - بد بنياد - بدزيب - بدعادتيو

## سنڌي پڇاڙيون

### گَر

پورگر - زرگر - آهنگر - بيداد گر - نوح گر - جلوه گر

### يات

نفسيات - اسلاميات - فقهيات - سماجيات - دينيات - مذهبيات - محرڪات - آيات - لطيفيات - ادبيات - سياسيات - معاشيات - جينيات - تجليات - جماليات - تحريڪات - شهريات - درسيات - اصوليات - هدايات - ماحوليات - طبعيات - ميڪانيات - ناٿيات

### وار

تينوار - پتيوار - ٻاگيوار - تهوار - وهنوار - شهسوار - سلسليوار - سزاوار - ڏينهوار

### هاب

ڪلڻ هاب - ڪتن هاب - مهٽي هاب - ڪانون هاب - ٻاٺي هاب - نڱن هاب

### هار

ڪٽهار - هلٺهار - لڪٺهار - اپاٺهار - پتڪٺهار - هوڻٺهار - مڱٺهار - ڪلاهار - سرجٹهار

### نِس

نس ڦل - نس مادو (Anti matter) - نس ڪار

### دان

رياضيدان - قدردان - حسابدان - اقتداردان - ڌَردان - اقتصادياتدان - طبعياتدان - سائنسدان

### چي - چو - چين

طاقچي - طاقچائون - چلمچي - طبلچي - صندوقچي - توبچي - خزانچي - قرمچي - ڊنڊورچي - افسانچو - مدارچ - Orbital ڪتابچو - نڪتچين - گلچين - کهوڙيچو

### آرو

ٻوچارو - لاهيارو - ڪوهيارو - مٺيارو - موچارو - اڄارو - تاسارو - لهوارو - اوپارو - ڪسارو - ڪاٺيارو - وٺجارو

## واد / وادي

رومان واد - سماج واد - رومان وادي - سماج وادي - ويچار وادي Think tank

## وان

ڄڙوان - ڇٿيوان - گاڏيوان - بنديوان - سنتياوان - ڌنوان - مٿياوان - پهلوان - ٻلوان

## راهه

رس راهه - بدراهه - گذرراهه - شاهراهه - روش راهه - وٿراهه

## آر

لوهار - ريڊار - ميهار - ڌنار - ڪنوار - ٻڪرار - ڦهار - ديار - ڪاتيار - وڻيار

## وندُ / وَندي

ساڃاهوندُ - ساڃاهوَندي

## مند

بهرمند - فڪرمند - دردمند - ضرورتمند - احسانمند - صحتمند - آرزومند

## لو

اڪيلو - ٽانگيلو - ڌميلو - زهريلو - ٽويلو - گاديلو - ڪهيلو - اڳلو - ڍيلو - چمڪيلو - پيلو - آڏيلو - ڇانگهڙيلو - ڪانگيلو - ڪهيلو - جهميلو - البيلو

## ئو

جهالائو - تاڪائو - طمعائو - کهائو - ڪمائو - جَلائو - ڌرمائو - ڄامائو - تڙڪائو - ٻچائو

## گي

شڪستگي - درماندگي - تابندگي - شرمندگي - بندگي - ديوانگي

## بند / بندي

جلدبند - قلم بند - ڪاربند - دلبند - چمن بندي Horticulture - نظربند

### رو
ٻقيرو (جنهن جي مٿي ۾ ٻقا پيل هجن) - سنيرو - سڪيرو - سويرو - اويرو - گهٽيرو - ڏکيرو - وڏيرو - ننڍيرو - تِکيرو - چڱيرو

### سٽيل
ٻوڏ سٽيل - ڏڪار سٽيل - طوفان سٽيل - مصيبت سٽيل - مهانگائي سٽيل

### ماريل
ٻوڏ ماريل - بکن ماريل - مصيبت ماريل - ڏڪار ماريل - مرضن ماريل - مهانگائي ماريل - لڏپلاڻ ماريل - تعصب ماريل - حسد ماريل - حالتن ماريل - محبت ماريل - پيار ماريل - پٽن ماريل - دغا ماريل - قضا ماريل - مهربانين ماريل

### مار
ڪوئامار - اٽامار - انگمار - جيوڙامار - موتمار - گدلاڻ مار - تيس مار - جوَن مار - چڙي مار - خشڪي مار (چمڙي يا مٿي جي خشڪي مارينڙ دوا) - تپ مار (دوا)

### وَرُ
سخنور - دانشور - قداور - تناور - بختاور - مانور - جانور - ناموَر

### دو
مانجهادو - هيڪاندو - ڪاراندو - ڪشادو - درماندو - شهزادو - رضامندو - اگهامندو

### گذار
خدمتگذار - درخواستگذار - شڪرگذار

### ساز
زمانہ ساز - حيلہ ساز - ڪارساز - گهڙي ساز

### بار / باري
ڪاروبار - اشڪبار - مشڪ بار - ڪِرڻباري (Radiation)

## مائٽيون يا رشتا

| مذکر | مونث | مذکر | مونث | مذکر | مونث |
|---|---|---|---|---|---|
| ابو | امان | مامو | مامي | چاٽو | چاٽي |
| بابا | امان | چاچو | چاچي | ڏاڏو | ڏاڏي ڏاڏي پوٽو |
| پيءُ | ماءُ | ڏير | ڏيرياڻي - | نانو | ناني |
| والد | والده | . | ڏيروٽ | ڇوڪر | ڇوڪري |
| پٽ | ڌيءُ | سهرو | سس | نينگر | نينگر - نينگري |
| ڀاءُ | ڀيڻ | ڀاءُ | ڀاڄائي يا ڀايي | ڇورو | ڇوري |
| ادو | ادي | گهوٽ | ڪنوار | ڏهٽو | ڏهٽي - ڏهٽاڻ |
| سوٽُ | سوٽِ | مڙس | زال | پوٽو | پوٽي - پوٽاڻ |
| ماسات | ماساتِ | سالو | سالي | ڀيڻويو | ڀيڻ |
| ماروٽُ | ماروٽِ | نياڻو | نياڻي | ڏير | ننان |
| ڀڻاٽُ | ڀڻاٽِ | ناني | ننهن | مرد | عورت |
| ڀائٽيو | ڀائيٽي | ڀڦڙ | ڀڦي | ماسي | ماسڙ |
| ڀائيجو | ڀائيجي | | | | |

## ٻن ساڳين پدن وارا بامعنيٰ سنڌي لفظ

1. ترِترِ = ذري ذري ڳالهه ڪرڻ.
2. چرِچرِ = جهرڪين جو آواز.
3. ڪرِڪرِ = وات ۾ مٽي لڳڻ.
4. گهٽر گهٽر = ڪبوترن جي ٻولڻ جو آواز.
5. سِرَسِرَ = سرڻ جو آواز.
6. ڦرِ ڦرِ = وري وري اچڻ.
7. ڦڙ ڦڙ = ڪاڪوس جو آواز.
8. ڦڙ ڦڙ = ڦڙين وسڻ جو آواز.
9. هَرَ هَرَ = ذري ذري بار بار.
10. ٻَل ٻَل = ٻلي ٻلي.
11. ڀَل ڀَل = واهه واهه.
12. ڏَر ڏَرَ = هڪ هنڌان ٻئي هنڌ.

41. ٽنِ ٽنِ = گهنڊ جو آواز.
42. ٽِين ٽِين يا ٽڻِ ٽڻِ = اجايو ڳالهائڻ - بڪواس ڪرڻ.
43. مڻِ مڻِ = چپن ۾ ڳالهائڻ.
44. سڻ سڻ = نڪ مان سٽڪڻ جو آواز ڪڍڻ.
45. هَلَ هَلَ / چَلَ چَلَ = هل هلان - هلندو رهڻ.
46. ٽَر ٽَر = ٽرڪڻ جو آواز.
47. خَرَ خَرَ يا کَرکَر = کونگهرن جو آواز.
48. خِر خِر = نڙيءَ جو خرڪو ٿيڻ جنهن کان کنگهه ٿئي.
49. لَڙ لَڙ = اجايو وات هڻڻ.
50. بڙ بڙ/ ٻڙ ٻڙ = اجائي بڪوات يا بڪواس.
51. ٽڙ ٽڙ = دروازي جو آواز.
52. سَٽ سَٽ = ڏڪن هڻڻ جو آواز.
53. ٻَر ٻَر = خوشي - ڏڪوڻي - ٽڙڪڻ - ڏڪڻ.
54. ڪڏَ ڪڏَ = خوشيءَ ۾ ٽپا ڏيڻ.
55. ٽَم ٽَم = تارن جو ٽمڪڻ.
56. جَهڪ جَهڪ = مينهن جي ڦڙين جو متواتر پوندو رهڻ.
57. دَم دَم = وقت بوقت.

**باب ٻارهون**

# سنڌي معياري (ڪُري) ٻولي ڳالهائڻ ۽ لکڻ جا ڪي اصول

سنڌي ٻولي سنڌ کان علاوه بلوچستان، بهاولپور ۽ هندستان جي ڪَڇَ ٻَجَ واري علائقي تائين، هڪ وسيع ايراضيءَ ۾ مادري زبان طور ڳالهائي ۽ سمجهي ويجي ٿي. البت حيدرآباد ۽ سنڌ جي وچولي واري ڀاڱي جي سنڌي ٻوليءَ کي معياري ٻولي تسليم ڪيو ويجي ٿو ۽ ڳالهائڻ ۽ لکڻ ۾ ان کي فوقيت حاصل آهي. ان جا اصول هڪ واضح لساني معيار طور مستند سمجهيا وڃن ٿا. دنيا جي ڪابه ٻولي اهڙي ناهي، جيڪا پنهنجي دائره عمل ۾ هر هنڌ هڪجهڙي ڳالهائي ويندي هجي، پر اها ٻولي جيڪا طبقاتي طور گروهن ۽ سماجي طور ذاتين ۽ قبيلن ۾ وَرهائجي ويل هجي ۽ جنهن سرزمين جون روايتون همگير انساني سَواهپ ۽ مشترڪ تهذيبي قدرن ٻنجڻ ۾ بدستور آڏو رهنديون ايندڙيون هجن، اُتي ٻوليءَ جا فرق ڪجهه وڌيڪ چٽا ٿي بيهڻ هڪ قدرتي ڳالهه آهي. سؤ سوا ميلن تي سنڌي ٻولي ڳالهائڻ ۾ فرق محسوس ڪيو ويو آهي. ڳالهائڻ يا لفظ اُچارڻ ۾ فرق ته ضرور ٿيندو آهي، مگر هاڻي لکڻ ۾ به غلط اُچار لکڻ جي روايت زور وٺندي وڃي. افسوس ان ڳالهه جو آهي جو اسان جا ماهر لسان، تعليم دان، اديب ۽ عالم ان طرف اُجا ٻورو ڌيان ڇڪائڻ ۾ ڪامياب نه ويا آهن. اخبارن ۽ رسالن ۾ ته غلط ٻوليءَ جو واهپو عام ٿيندو وڃي. پر درسي ڪتابن ۾ به ساڳي ڳالهه سرايت ڪري رهي آهي.

مثال:

1. هئا، هيا ۽ هُوا، ٽن طريقن سان هڪڙي ئي لفظ کي لکيو وڃي ٿو، جا تمام مضحڪه خيز صورتحال آهي. اڳي ڪتابن ۾ صرف 'هو' ۽ ان جو جمع 'هُوا' لکيو ويندو هو. برٽش دؤر وارن ڇپيل ڪتابن ۾ به صرف 'هو' ۽ ان جو جمع 'هوا' عموماً ڇپيل نظر اچي ٿو. مرزا قليچ بيگ ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ٻين نامور اديبن جي ڪتابن ۾ 'هوا' لکيل آهي ۽ نه

’هئا‘! دراصل درست صورت ٻـ اهائي لکيل ڄڻائي ٿي، اهو بگاڙ تڏهن شروع ٿيو جڏهن ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جي نصاب نويسن ’هو‘ جو جمع ’هوا‘ درسي ڪتابن مان ڪيئي ان جي جاءِ تي ’هئا‘ درج ڪرائي ڇڏيو. جيئن تہ ’هو‘ جو مصدر ’هئڻ‘ ٿئي ٿو، انڪري اسان جي نصاب نويسن کي اهو خيال ويئو تہ ’هوا‘ مان ’و‘ ڪڍي ڇڏڻ کپي ۽ همزه سان ’هئا‘ ڪري لکڻ کپي. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو ’هو‘ کي ٻـ ’هئو‘ جي صورت ۾ لکڻ جو آهستي آهستي دستور پئجي ويو آهي، جيئن عام تحريرن مان نظر اچي ٿو. منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن هئڻ فعل کي ٻـ ’هوڻ‘ ڪري لکيو وڃي تہ تحرير جي اها بهتر صورت شمار ٿيندي، ڇو تہ تحريري صورت ۾ نيم سُر همزه بجاءِ واوَ جي سالم آواز جو استعمال مستند ۽ زياده فصيح لڳي ٿو. اردوءَ ۾ ٻـ ’هوا‘ ۾ واوَ وڌو ويندوُ آهي ۽ همزه ڪونہ لکيو ويندو آهي.

2. اتر سنڌ ۽ وچولي جي ڪن ڀاڱن ۾ هڪ ترڪيب عام طرح سان ڳالهائي ويندي آهي، جيڪا بنه نرالي لڳي ٿي. چيو ويندو آهي تہ:

1. مون کي پنهنجا روپيا مس مس ڏنن بمعنيٰ ڏنائون.
2. پاڻ ۾ حال احوال ويهي ڏنن ورتن بمعنيٰ ڏنائون ورتائون.

مصدر ’ڏيڻ‘ ۽ گردان آهي.

ڏنم ــــ ڏنوسون
ڏني ــــ ڏيو
ڏنائين ــــ ڏنائون

مگر اها غير معياري ترڪيب هاڻي اڪثر مضمونن ۾ ٻـ بنان روڪ ٽوڪ استعمال ٿيندي نظر ايندي رهي ٿي. مثال طور: هيٺيان اقتباس ٻن مختلف مضمونن مان ورتا ويا آهن، جيڪي مقامي اخبارن ۾ شايع ٿيا هئا.

1. پنجاب ۾ حادثي جي سڙيل ماڻهن لاءِ ٻـ اعليٰ سنجيدگي اختيار ڪئي وئي ۽ انهن کي بروقت معاوضا ڏنن. (اخبارن تان ورتل)
2. جتي هيٺا ڏنائون انهن تي حملو ڪيائون. جتي مضبوط ڏٺن انهن کي سلام ڪين. بهتر سگار، چانهہ ۽ شراب حاضر ڪين. (هڪ ڇپيل مضمون تان ورتل)

انهيءَ طرح لفظن کي سُسائي ڳالهائڻ جي عادت بيشتر هندن جي ماڻهن ۾ هوندي آهي. اهڙيون ترڪيبون ڪن علائقن جي ٻوليءَ ۾ تہ بلڪل نمايان آهن. مثلاً

۱. توهان پنج سؤ ڏنانوَ.

معياري ٻوليءَ ۾ ان جملي هن طرح ادا ڪبو.

توهان پنج سؤ روپيه ڏنا هوا.

اڇجانءِ، ڳالهائجاءِ، وڃجاءِ، موٽجانءِ جھڙيون ترڪيبون عام طور ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون، جيڪي ڳالهائڻ جي حد تائين ته درست چئي سگھجن ٿيون پر تحرير وقت معياري ٻوليءَ جا اصول نه ڇڏجن. تحرير ۾ ٻوليءَ جا مستند اصول ڌيان ۾ رکڻ کپن ۽ غير معياري ۽ انوکين ترڪيبن کان پاسو ڪرڻ ئي اسان جي ٻوليءَ جي حق ۾ بهتر ٿيندو.

3. ڳالهائڻ جي هڪ عام صورت 'ڪيان' به آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'ڪريان' مصدر 'ڪرڻ' آهي ۽ گردان ٽن ضميرن ۾ هيٺينءَ ريت ٿيندو.

۱. ڪَريان ڪَرِيون
2. ڪَرِ ڪَرِيو
3. ڪري ڪَرِيو

اتي ڏسڻ ۾ ايندو ته 'ر' اکر ڪٿي به حذف نه ٿيو آهي. مصدر 'ڪيڻ' هجي ته ٻوءِ ٻي ڳالهه آهي. مگر مصدر ڪرڻ آهي، ان حالت ۾ 'ر' کي ڪڍي 'ي' ڪرڻ معيوب آهي ۽ تحرير ۾ جملو صحيح معنيٰ ادا ڪرڻ کان قاصر رهي ٿو.

مثال طور: ديوارن تي ڪي نعره هيٺين طرح لکيل هئا.

۱. مزدورن کي پگھار ادا ڪيو.

2. ليڊر کي آزاد ڪيو.

3. ٽيٽ ڪريم سان حسن کي دوبالا ڪيو. (اشتهار)

مٿين سٽن ۾ صحيح مقصد صرف 'ڪريو' لفظ استعمال ڪرڻ سان نڪري ٿو. 'ڪيو' لفظ وجھڻ ڪري مفهوم مغالطه آميز بنجي پيو آهي، جنهن مان ماضيءَ جو اشارو ملي ٿو ۽ لکندڙ جو مطلب هرگز ظاهر نٿو ٿئي.

4. اتر سنڌ ۾ 'بس' جو جمع 'بسان' ڪندا آهن. ٽڪيٽ جو جمع 'ٽڪٽان' ڪندا آهن. ڳالهائڻ ۾ ته برابر ائين آهي پر لکڻ ۾ جائز نٿو چئي سگھجي. چنانچه ڪتابن ۾ ٻوتلان، چتان، ڪتان، پتان وغيره ازين قسم

جي ترڪيب ڪي استعمال ڪرڻ نہ جڳائي ڇو تہ سنڌي گرامر ۾ جمع واحد جا قاعدا آهن. جيڪڏهن ڪنهن لفظ جي پڇاڙي زَبر ۾ آهي تہ ان جو جمع 'اون' ملائڻ سان ڪبو آهي ۽ جيڪڏهن پوئين حرف تي زِير آهي تہ 'يَون' پڇاڙي ملائي جمع ٺاهبو آهي. جيئن تہ؛

ڪتَ — ڪتون
پٽَ — پٽون
ڇتِ — ڇتيون
پٽِ — پٽيون

مستند ترڪيبن مطابق ٺهندڙ جمع واحد جا مثالي نمونا الڳ باب ۾ ترتيب سان ڏنا ويا آهن.

5. 'آئون' جي عيوض 'مان' بہ ڳالهايو ۽ لکيو وڃي ٿو پر وڌيڪ صحيح 'آئون' آهي. گردان آهي.

آءٌ — اسان يا اسين
تون — توهان يا توهين
هُو — هُو يا اُهي

جيڪڏهن 'آءٌ' جي جاءِ تي 'مان' ورتو وڃي تہ ڦيرو ڪري ڏيکاريو تہ 'مان' جو جمع ڇا ٿيندو، وري بہ 'اسين' ٿيندو، جو دراصل 'آءٌ' جو جمع آهي. البت تو، توهان ۽ هن ضمير متڪلم ۾ 'مون' اچي ٿو.

تو مون کي ڇيو.
مون توهان کي ڏنو.
هن مون کي معاف ڪيو.

اسين انڪري 'مون کي' چوندا آهيون، اتر ۾ 'انکي' 'مانکي' اُچاريو ويندو آهي جو لکڻ ۾ درست نہ آهي.

6. اڪثر تقريرن ٻڌڻ (عموماً ڳالهائڻ ۾ بہ) اها خرابي نوٽ ڪئي وئي آهي تہ ٻولڪار يا مقرر ايندس يا ويندس، چوندس يا ٻڌندس جهڙن لفظن جي ادائگيءَ وقت مذڪر يا مونث ۾ ڇنائي نٿا ڪن. سنڌي گرامر موجب مذڪر پنيان 'دُس' ۽ مونث ۾ 'دِيس' پڇاڙيون گڏيون ويندڀون آهن. پر پوءِ ڳالهائڻ ۾ مونث جي حالت ۾ اها پڇاڙي سَسَني فقط دِس رهجي وئي هئي. مثلاً

ڪائيندي‌س کي ڪائيندسِ
پيئنديس کي پيئندسِ
ونديس کي وندسِ

مذڪر واري حالت ۾ ساڳيا لفظ ڪائيندسُ، پيئندسُ ۽ وندسُ رهن ٿا. پر اها ترڪيب اجا به گهڻو تبديل ٿي ڳالهائڻ ۾ مذڪر ۽ مونث جي وچ ۾ تميز وڃائي ويئي آهي. هاڻي مرد توڙي عورتون ڳالهائڻ ۾ اڪثر ائين چوندا آهن.

آئون ايندس - آئون ويندس. اهڙيءَ طرح آئندس - جاڳندس - ڪر ڪندس - ڪلندس. حالانڪ ايندس ۽ ويندسُ ڪاٻه نحوي بناوت نه آهي ۽ ان سان مذڪر ۽ مونث جو فرق غائب ٿي وڃي ٿو. اها ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن نئين تبديلي قبول ڪئي آهي. ڪتابن يا مضمونن ۾ عموماً مذڪر يا مونث لاءِ هڪ ئي ترڪيب لکيت ۾ آيل هوندي آهي ۽ زبر يا زير جو استعمال نه هئڻ باعث لفظ جي ڪاٻه تخصيص نه هوندي آهي. مثلاً

1. آئون سڀاڻي روزو ڪونه رکندس.
2. شام جو ڊاڪٽر وٽ ويندس.
3. آئون به ڪوهه مري گهمڻ هلندس.
4. بابا کي چوندس.

اهڙا جملا مرد ۽ عورت ٻنهي لاءِ لکيل هوندا آهن، جن جي معلوميت مفهوم جي آڌار تي ظاهر ٿيندي آهي. منهنجي خيال ۾ درسي ڪتابن ۾ مونث ۽ مذڪر جي لفظن لاءِ ڪا چٽي اعراب ضرور ڏيڻ گهرجي.

اتر سنڌ ۾ وري وَيندم ۽ ايندم، ويندس ۽ ايندس جي جاءِ تي ڳالهايو ويندو آهي، پر لکڻ ۾ اهو مناسب نه ٿيندو، ڇو ته سنڌي گرامر موجب 'اچڻ' مصدر اسم حاليه مستقبل جي صيغي ۾ ايندو آهي، جنهن جو واوَ حذف ڪري 'سُ' مذڪر ۾ 'سِ' مونث جي ترڪيب ۾ بدلايو وڃي ٿو، ان ڪري ايندَس ۽ ايندسِ صحيح آهي ايندم جي ترڪيب ڪان ايندَم يا ايندِم ڳالهائڻ ۾ مشڪل ٿيندو.

7. اتر ۾ سنڌ ۾ وَيو ۽ پَيو ڳالهايو ويندو آهي، جو پڻ سنڌي ٻوليءَ جي معياري اصول مطابق درست ناهي. اهي لفظ بي قاعدي آهن ۽ استثنيٰ ۾ جائز چئي سگهجن ٿا. مصدرن مان ماضي ناهڻ لاءِ خاص قاعدو ڪونه

آهي. وِيو ۽ پيو فعل لازمي آهن، جن مصدرن وارن لفظن جي پهرين حرفن تي زبر اچي ٿي، جهڙوڪ: وَڃڻ ۽ پَوڻ. ائين برابر آهي ته جن مصدرن ۾ پهريون حرف زبر سان اُچاربو آهي، تن جو ماضي به زبر سان ئي اُچاريو ويندو آهي، جيئن ته چوڻ مان چَيو، هلڻ مان هَليو ۽ ٿيڻ مان ٿَيو. ان لحاظ کان وڃڻ مان وَيو ۽ پَوڻ مان پَيو ترڪيب ٺيڪ لڳي ٿي، تاهم اِهي ٻوليءَ جي مستند اصولن مطابق صحيح ڪونه چئبا، ڇو ته انهن مصدرن مان ٻيون ترڪيبون زِير سان ٺهن ٿيون. جهڙوڪ: مستقبل ٺاهڻ لاءِ وڃڻ مان وِيندو. وِيندس ۾ 'و' جي هيٺيان زِير اچي ٿي. ايندو ۽ ايندس ۾ الف جي هيٺيان زِير ڏني وڃي ٿي. انهن لفظن ۾ زبر ڏيڻ سان وَيندس ۽ آيندس جهڙا اُچار ٺهڻ ٿا، جا ڳالهه مونجهارو پيدا ڪري وجهندي.

## 8. حرف جر جو غلط استعمال

ڀر/ مان / ڪان / وٽان / مان / تان

ڏٺو ويو ته حاليه دور ۾ نئون نسل سنڌي ٻولي ڳالهائڻ ۽ لکڻ وقت خاص ڪري جملن ۾ مذڪر مونث، ضميرن جي ادائگي ۽ حرف جر جي صحيح استعمال دوران منجهي رهجي وڃي ٿو ۽ گهٽن ڪان اڪثر غلطيون سرزد ٿيو وڃن. سنڌي ٻولي ڳالهائڻ ۾ ته حرف جر جو غلط استعمال ڪيو وڃي ٿو پر تحرير ۾ به ان جو ڪو احتياط نٿو ڪيو وڃي. خاص ڪري جيڪي مضمون يا عبارتون اردوءَ تان نقل ڪيون وڃن ٿيون، تن ۾ لفظي ترجمي سبب سنڌي عبارت ۾ اردو ترڪيبون جيئن جو تيئن رکيون وڃن ٿيون، جنهن باعث ٻولي غلط شڪل اختيار ڪري وڃي ٿي. اڪثر سنڌي قلمڪارن حرف جر جي صحيح ڄاڻ ڪان نابلند ڏسجن ٿا يا ته غلط انداز کي ڄاڻي ٻجهي فوقيت ڏين ٿا. بهرحال اهڙي روش ٻوليءَ جي درست معيار لاءِ هاڃيڪار آهي. مثلاً: هيٺيان جملا ڪن معروف ڪالم نگارن جي مضمونن تان کنيا ويا آهن، جن مان معلوم ٿيندو ته لکندڙن کي جملي ۾ صحيح حرف جر جي استعمال جو ڪوبه فهم ناهي.

1. ڇا ٽالپرن کي ايترو پتو ڪونه هو ته سنڌن پراڻا مالڪ ڪلهوڙا فقيرن سان (مان) سپاهي بنيا هئا.

ورتل (سنڌ جي منصور کي سلام)

23. پاڻ ڪان ڏاڍي سان وڙهڻ غلطي آهي.
24. اهو پيغام ريڊيو تان نشر ٿيو آهي.
25. مون سان سدائين جهيڙو لڳو اچيس.
26. عيد جي سوکڙي ڪنهن وٽان ملئي اٿئي؟
27. پهچڻ سان ڪم ڪجئين.
28. توکي ڪنهن ڪان ڏس مليو.
29. سيني ۾ سنو لباس پاتو اٿس.
30. ڪوڙي سان ڏاڍي جٺ ڪيائون.

## 9. لفظن کي سنڌي هاڻو ڪرڻ جي خاصيت

سنڌي ٻولي ڌارين لفظن کي پنهنجي لساني قاعدن روءِ مَٺائي، انهن کي پاڻ ۾ جذب ڪري ڇڏي ٿي. اهڙا قاعدا ٻوليءَ جي اندران جڙيل هوندا آهن ۽ ان جي ماهيت جو جزو ٿيندا آهن. سنڌي ٻولي ڌارين ٻولين جي لفظن کي جملن جي ترڪيب يا گردان مطابق ڦيرائي پنهنجي شڪل ڏئي ٿي. يعني ته اسان جي ٻولي ڌارين لفظن کي پنهنجي جوڙجڪ مطابق گردنائي سنڌي هاڻو Sindhialize ڪري قبول ڪري ٿي ۽ ان ريت گهربل معنائن مطابق لفظ گهڙي جاري ڪري ٿي. جنهنڪري ٻين ٻولين جو لفظ خودبخود سنڌي ٻوليءَ جي اظهار جو خزانو بنجي پون ٿا. پنهنجائڻ جي اها خاصيت سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام گهڻي آهي، جنهن ان کي هڪ طاقتور ٻولي بنائي ان کي نئين کان نئين مفهوم بيان ڪرڻ جي قابل بنائي ڇڏيو آهي.

| بنيادي لفظ | سنڌي هاڻيل يا سنڌي ڪاريل لفظ |
|---|---|
| 1. اعلان | اعلان – اعلانڻ – اعلانيل – اعلانيا |
| 2. قبول | قبولڻ – قبوليت – قبولي زمين – قبولائڻ – قبوليل – اڻ قبوليل |
| 3. قبضو | قبضايل (قبضو ڪيل) |
| 4. جنم | جنمائڻ – جنمايو |
| 5. فوت | فوتي – فوتڻ |
| 6. فيصل | فيصلائتو – فيصل نامو – فيصلو – فيصلائي |
| 7. قاعدو | قاعدائو – بي قاعدگي – قاعديداري – قاعديمند – قاعديدان |
| 8. عوام | عوام – عوام الناس – عوامي – عواميو |

| بنيادي لفظ | سنڌي هاڻيل يا سنڌي ڪاريل لفظ |
|---|---|
| 9. غافل | غافلائو – غافلائي – غافلجڻ – غافلڻ – غافلي |
| 10. شڪ | شڪ شباهه – شڪ ڳاڙهون – شڪ ڳاڙڙ – شڪ ڪاڙو – شڪي مزاج – شڪ گذار – شاڪي |
| 11. مال | مالدار – مالداري – ماليت – ماليسري – ماليسرَ – مالياتو – ماليات – بيت المال |
| 12. قانون | قانوندان – قانونڻ – قانونيو – قانوني – قانونائي – قانونڪو |
| 13. خاص | خاصو – خاصيل |
| 14. جواب | جوابدار – جوابدارڻ – جوابداري |
| 15. جهاز | جهازراني – جهازرانائي – جهازرانائڻ |
| 16. چارج | چارجڻ (چارج ڪرڻ) – چارجڪاري – چارجيل |
| 17. قوم | قوميائڻ – قوميائتو – قوميت – قومي – قوم پرستي |
| 18. ماڊيول | ماڊيولڻ – ماڊوليل – ماڊيوگري – ماڊيول گر |
| 19. آڪسيجن | آڪسيجڻ – آڪسيجائي |
| 20. حق | حقي – ناحقي – حقئون ناحقئون – حقائو – حقيقائو |
| 21. فراڊ | فراڊي – فراڊيو – فراڊيا – فراڊپڻو |
| 22. مافيا | مافيائون |

مخصوص حالتن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اها خاصيت اڃا به گھڻو لچڪيدار بڻجي وڃي ٿي، جنھنڪري بنيادي لفظن ۾ پيوندڪاري ۽ ميلاپ سان روز بروز نت نوان مرڪب لفظ وجود وٺندا رهن ٿا. جن ترڪيبي ٻولن سان قلمڪار جديد معاشري جون تمام تر تفريقون ۽ ترجيحون بيان ڪندا رهندا آهن. هيٺ هڪ مان انيڪ جو مثال درج ڪجي ٿو.

سياست —— سياستائڻ – سياست ڪاري – سياستدان – سياسيات – سياسي حڪومت – سياسي حل – سياسي طاقت – سياسي پارٽي – سياسي گروپ – سياسي طريقہ ڪار – سياسي اختلاف – سياسي ٽڪراءُ – سياسي انقلاب – سياسي اڳواڻ – سياسي ٻوجھہ يا فھم – سياسي فڪر – سياسي ورڪر – سياسي جدوجھد – سياسي سوچ – سياسي عروج – سياسي زوال – سياسي موت – سياسي ٺاهہ يا معاهدو – سياسي گروهہ بندي – سياست نامو – سياسي قدر – سياسي ناماچار – سياسي بصيرت – سياسي اقتدار.

مٿي ذڪر ڪيل ڏهن اعرابن کان سواءِ ٻيون اعرابون بہ آهن، جن کي تنوينون چئجي ٿو، جيئن تہ اً (اَن) – اٍ (اِن) – اٌ (اُن) اها عربي زبان جي نسخ جوڙجڪ واري رسم الخط آهي. اسان جي سنڌي زبان جو الف – بي بہ ان تان ورتل آهي، جنهنڪري ڪن حالتن ۾ عربيءَ جي ساڳين قاعدن جي پابندي بہ اٿتر ٿيو پوي.

ڪنهن حرف تي بہ زبرون يا بہ زيرون يا بہ پيش ڏيڻ سان تنوينون بنايون وينديون آهن ۽ انهن مان آواز اَن – اِن ۽ اُن جو نڪرندو آهي. مثال طور: زبرن ڏيڻ سان اهلاً و سهلاً، مثلاً، صريحاً، قانوناً، نسبتاً، فريضاً، فطرتاً وغيره. اها لفظي ترڪيب هن وقت سنڌي ڳالهائڻ ۾ عام آهي ۽ بعضي علمي ۽ سائنسي مضمونن ۾ مفهوم جي چٽائي ۽ سهنجائيءَ لاءِ نج سنڌي لفظ ساڳي ترڪيب سان استعمال ڪيا وڃن ٿا. ان ڪري سنڌي لکت ۾ الف تنوين وارن لفظن کي الف مٿان ٻتي زَبر ڏئي لکڻ گهرجي، جو صحيح طريقو ٿيندو. مثلاً: تحقيقاً – حقيقتاً – وقتاً بوقتاً کي تحقيقن – حقيقتن – وقتن بوقتن لکڻ سان تحريري سٽا ۾ ٻڏائي تہ پنهنجي جاءِ تي سرزد ٿئي ٿي مگر معنيٰ ۾ بہ مغالطي جو امڪان پيدا ٿيڻ جو انديشو رهي ٿو، البت زير يا پيش تنوين وارا لفظ سنڌي ٻوليءَ جي ڳالهائڻ جو نہ حصو بڻيا آهن نہ وري سنڌي بيان و ڪلام Naration جو ترڪيبي جزو بڻيل آهي.

پراڻي سنڌي عربي خط ۾ تنوين جو استعمال گهڻو ڪندا هئا پر جديد سنڌي رسم الخط ۾ انهن جي استعمال کي ٻوليءَ جي فطري گهڙت خلاف سمجهي ترڪ ڪيو ويو. ان جي بدران سادي هِجي سان عبارت کي محڪم بنايو ويو. البت مذهبي عبارت سان مزين لکيت ۾ عربي لفظ ضرورت آهر ساڳي صورت ۾ قائم رکيا پون ٿا. قرآني حوالي طور جيڪڏهن اسين سنڌي عبارت ۾ ڪوبہ مثال لکنداسون جيئن تہ صمٌ بکمٌ عميٌ تہ ساڳين رسم الخط ۾ تحرير ڪنداسون. ان صورت ۾ ٻن زيرين يا ٻن پيشن وارا لفظ جيئن جو تيئن قائم رکڻ ضروري ٿي پون ٿا. عربي صورتخطيءَ ۾ زائد الف يا واوُ بہ ڪثرت سان ڪتب آندو ويندو آهي پر سنڌي لکت ۾ ڪن ٿورن لفظي صورتن مان اهڙو مثال قائم رکيو ويو آهي. مثلاً: سنڌيءَ ۾ 'خاب' بدران 'خواب' ۽ 'درخاست' بدران 'درخواست' فارسيءَ جي تقليد ۾ رائج آهي جو جائز سمجهيو وڃي ٿو.

سنڌي تحرير ۾ چاڻن ۾ – ءِ جي صورتخطي هن طرح قائم ڪئي

آهي. اردو ۾ (ميه) هن طرح لکيو ويندو آهي. سنڌيءَ ۾ (مين) لکڻ جي بدران 'مر' کي هيٺان ٻه ننڍڙا الف ڏئي مين جو اُچار ڪيو ويندو آهي ۽ (آئين) جي بدران الف همزه جي هيٺان ٻه سڌا الف ڏٻا آهن. دراصل اها تحرير نهايت عمدي آهي.

ان ڪان علاوه غير سنڌي ترڪيبن ۾ حرف اضافت وارن لفظن جو استعمال به توجهه ڇڪائي ٿو. حرف اضافت دراصل سنڌيءَ جو نجي قاعدو ناهي. ليڪن عربي فارسي لفظن جو سنڌيءَ ۾ ملي وڃڻ سبب ان جو وهنوار وڌي ويو آهي. فارسي زبان ۾ حرف اضافت جو استعمال ڪثرت سان ٿئي ٿو. جنهن تان سنڌي ٻوليءَ ۾ رواج پيل آهي. اول اهو رواج سنڌي شعري ادب تي پيو. ليڪن هاڻي عام ڳالهه ٻولهه ۾ به ان جو اثر ڀرڪي سگهجي ٿو. مثلاً: راحت جان يعني جان جو آرام، ماهِ رمضان يعني رمضان جو مهينو، ڪثرتِ دولت يعني دولت جي گهڻائي، فضل خدا يعني الله جو فضل. زير اضافت ڪان سواءِ انهيءَ حرف اضافت جو استعمال به سنڌيءَ ۾ عام جام آهي. ان ڪان علاوه 'ئ' جي مٿان الف همزه ڏيڻ سان به اضافت جو اهڃاڻ ملندو آهي. مثلاً: دانائي روم، صدئي بازگشت، خدمِي عزوجل وغيره. ڪول 'هٔ' (ه) جو هن وقت سنڌيءَ ۾ ڪم آڻڻ جو عمل به تحريرن ۾ ڏسي سگهجي ٿو. مثلاً

آه و بقا - جاه و جلال - شاه و گدا وغيره.

سنڌي رسم الخط ۾ همزه جو استعمال نهايت سهوليت وارو ڪيو ويو آهي. جنهن جو مثال ٻين ٻولين ۾ نٿو ملي. سنڌيءَ ۾ ٻين حرفن وانگر همزه کي زير - زَبر - پيشُ ڏيڻ ۾ اچي ٿو. مثال طور: اسين سنڌيءَ ۾ لکندا سون:

جاءِ - هاءِ - واءِ - لاءِ وغيره

پر اهڙا لفظ ٻين ٻولين ۾ هن طرح لکبا آهن:

جاءِ — جائ
هاءِ — هائ
واءِ — وائ
لاءِ — لائ

يعني ته اڌ (ي) ڏئي مٿان همزه رکيو ويندو آهي. مگر سنڌيءَ ۾ همزه کي اعراب ڏئي آسانيءَ سان لفظ ظاهر ڪيو ويندو آهي.

عربي فارسي لفظن جي هڪ ٻئي نموني ۾ لفظ جي آخري علت کي پوري صورت ۾ لکڻ بدران مختلف انداز ۾ لکيا ويندا آهن. خصوصاً پڇاڙي ۾ جتي (ا – و) ايندو هجي جيئن ته:

ماهرانه – پيشورانه – فنڪارانه – دانشورانه – حڪيمانه – فاضلانه – درميانه – حوصله مندانه – دردمندانه – عزتدارانه – معصومانه – ايماندارانه – اعلانيه – فڪريه – اظهاريه.

اهڙا لفظ سنڌيءَ ۾ به ساڳي صورتخطيءَ ۾ لکڻ سان بامعنيٰ ۽ بافهم بڻجي سگهن ٿا. ليڪن ڪي سنڌيءَ جا نادان دوست انهن کي پيشورانا – ماهرانا – فنڪارانا – حڪيمانا – فاضلانا – درميانا – حوصلامندانا – دانشورانا... ان طرح سان لکي سمجهندا آهن ته اسين سنڌيءَ کي اصليت کي ٿا برقرار رکون. ۽ ائين لکڻ سان ماڳهين هڪ قسم جي پيچيدگي ٿيو وڃي. بلڪل انهيءَ قاعدي مطابق سنڌيءَ ۾ نَ – تَ – بَ کي سالم صورت ۾ لکڻ بجاءِ نَه – تَه – بِه جو انداز گهڙيو ويو آهي، جنهن سان تحرير ۾ آساني ۽ سهڻائي پيدا ٿي آهي.

## سنڌي ٻوليءَ ۾ 'ن' غنه جو استعمال

يورپي لسانيات جي ماهرن جن ذڪر ايشيا جي ٻولين تي لکيو آهي، تن مان اڪثر لکندڙن سنڌي ٻوليءَ کي نڪائين ٻولي Nasal Langauge ڪري ڄاڻايو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ اڪثر لفظ غنه نون اچڻ سان ٺهڻ ٿا، ان ڪري سنڌي الفاظن جي هِجي به مشڪل ٿي پئي آهي. جهڙوڪ: 'منهنجو' جي هِجي ۾ ميم نون پيشُ (مُن) هه نون زير (هِن) جيم واؤ جو وغيره ساڳيءَ طرح تنهنجو، ڪنهنجو، پنهنجو. مطلب ته نون غنه جي وچ ۾ اچڻ باعث هِجي ڪرڻ هڪ مسئلو بڻجي پيو آهي. سنڌي عروضي شعر کي متوازن بيهارڻ ۾ به مشڪلات پيدا ٿئي ٿي. برٽش دور کان اڳ وارين سنڌي صورتخطين ۾ اهوئي سبب هو جنهن ڪري 'ن غنه' جو ممڪن طور تي استعمال ترڪ ڪيو ويندو هو. اڪثر تحريرن ۾ 'تنهنجو جي بدران توجو، منهنجو جي بدران موجو، پنهنجو جي بدران پهجو' وغيره لکيو ويندو هو، حالانڪه ڳالهائڻ ۾ 'ن غنه' موجود آهي. موجوده الف – بي جي جڙڻ بعد نون غنه کي باقاعدي لکڻ شروع ڪيو ويو. صرف اهي لفظ جن ۾ نونَ جو آواز اڳيئي مليل آهي، تن سان 'ن غنه' ڏيڻ کان احتراز ڪرڻ جو اصول

آهي. اردو ۾ (ميه) هن طرح لکيو ويندو آهي. سنڌيءَ ۾ (مين) لکڻ جي بدران 'م' کي هيٺان ۾ ننڍڙا الف ڏئي مين جو اُچار ڪيو ويندو آهي ۽ (آئين) جي بدران الف همزه جي هيٺان ٻه سڌا الف ڏبا آهن. دراصل اها تحرير نهايت عمدي آهي.

ان ڪان علاوه غير سنڌي ترڪيبن ۾ حرف اضافت وارن لفظن جو استعمال به توجهه ڇڪائي ٿو. حرف اضافت دراصل سنڌيءَ جو نجي قاعدو ناهي. ليڪن عربي فارسي لفظن جو سنڌيءَ ۾ ملي وڃڻ سبب ان جو وهنوار وڌي ويو آهي. فارسي زبان ۾ حرف اضافت جو استعمال ڪثرت سان ٿئي ٿو، جنهن تان سنڌي ٻوليءَ ۾ رواج پيل آهي. اول اهو رواج سنڌي شعري ادب تي پيو، ليڪن هاڻي عام ڳالهه ٻولهه ۾ به ان جو اثر ٻرڪي سگهجي ٿو. مثلاً: راحت جان يعني جان جو آرام، ماهِ رمضان يعني رمضان جو مهينو، ڪثرتِ دولت يعني دولت جي گهڻائي، فضل خدا يعني الله جو فضل. زير اضافت ڪان سواءِ انهيءَ حرف اضافت جو استعمال به سنڌيءَ ۾ عام جام آهي. ان ڪان علاوه 'ي' جي مٿان الف همزه ڏيڻ سان به اضافت جو اهڃاڻ ملندو آهي. مثلاً: دانائي روم، صدءِ بازگشت، خدءِ عزوجل وغيره. گول 'ه' (ه) جو هن وقت سنڌيءَ ۾ ڪم آڻڻ جو عمل به تحريرن ۾ ڏسي سگهجي ٿو. مثلاً

آهِ و بقا - جاهِ و جلالَ - شاهِ و گدا وغيره.

سنڌي رسم الخط ۾ همزه جو استعمال نهايت سهوليت وارو ڪيو ويو آهي، جنهن جو مثال ٻين ٻولين ۾ نٿو ملي. سنڌيءَ ۾ ٻين حرفن وانگر همزه کي زير - زبر - پيشَ ڏيڻ ۾ اچي ٿو. مثال طور: اسين سنڌيءَ ۾ لکندا آهيون:

جاءِ - هاءِ - واءِ - لاءِ وغيره

پر اهڙا لفظ ٻين ٻولين ۾ هن طرح لکيا آهن:

جاءِ — جائِ
هاءِ — هائِ
واءِ — وائِ
لاءِ — لائِ

يعني ته اڌ (ي) ڏئي مٿان همزه رکيو ويندو آهي. مگر سنڌيءَ ۾ همزه کي اعراب ڏئي آسانيءَ سان لفظ ظاهر ڪيو ويندو آهي.

عربي فارسي لفظن جي هڪ ٻئي نموني ۾ لفظ جي آخري علت ڪي پوري صورت ۾ لکڻ بدران مختلف انداز ۾ لکيا ويندا آهن. خصوصاً پڇاڙي ۾ جتي (ا – و) ايندو هجي جيئن تہ:

ماهرانہ – پيشورانہ – فنڪارانہ – دانشورانہ – حڪيمانہ – فاضلانہ – درميانہ – حوصلہ مندانہ – دردمندانہ – عزتدارانہ – معصومانہ – ايماندارانہ – اعلانيہ – فڪريہ – اظهاريہ.

اهڙا لفظ سنڌيءَ ۾ بہ ساڳي صورتخطيءَ ۾ لکڻ سان بامعنيٰ ۽ بافهم بنجي سگهن ٿا. ليڪن ڪي سنڌيءَ جا نادان دوست انهن ڪي پيشورانا – ماهرانا – فنڪارانا – حڪيمانا – فاضلانا – درميانا – حوصلامندانا – دانشورانا... ان طرح سان لکي سمجهندا آهن تہ اسين سنڌيءَ ڪي اصليت ڪي ٿا برقرار رکون. پر ائين لکڻ سان ماڳهين هڪ قسم جي پيچيدگي ٿيو وڃي. بلڪل انهيءَ قاعدي مطابق سنڌيءَ ۾ نَ – تَ – بِ ڪي سالم صورت ۾ لکڻ بجاءِ نَہ – تَہ – بِہ جو انداز گهڙيو ويو آهي، جنهن سان تحرير ۾ آساني ۽ سهٽائي پيدا ٿي آهي.

## سنڌي ٻوليءَ ۾ 'ن' غنہ جو استعمال

يورپي لسانيات جي ماهرن جن ذڪر ايشيا جي ٻولين تي لکيو آهي، تن مان اڪثر لکندڙن سنڌي ٻوليءَ کي نڪائين ٻولي Nasal Langauge ڪري ڄاڻايو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ اڪثر لفظ غنہ نون اچڻ سان ٺهڻ ٿا، ان ڪري سنڌي الفاظن جي هِجي بہ مشڪل ٿي پئي آهي. جهڙوڪ: 'منهنجو' جي هِجي ۾ ميم نون پيشَ (مَن) هہ نون زير (هِن) جيم واؤ جو وغيره ساڳيءَ طرح تنهنجو، ڪنهنجو، پنهنجو. مطلب تہ نون غنہ جي وچ ۾ اچڻ باعث هِجي ڪرڻ هڪ مسئلو بنجي پيو آهي. سنڌي عروضي شعر ڪي متوازن بيهارڻ ۾ بہ مشڪلات پيدا ٿئي ٿي. برٽش دور کان اڳ وارين سنڌي صورتخطين ۾ اهوئي سبب هو جنهن ڪري 'ن غنہ' جو ممڪن طور تي استعمال ترڪ ڪيو ويندو هو. اڪثر تحريرن ۾ 'تنهنجو جي بدران توجو، منهنجو جي بدران موجو، پنهنجو جي بدران پهجو' وغيره لکيو ويندو هو، حالانڪہ ڳالهائڻ ۾ 'ن غنہ' موجود آهي. موجوده الف – بي جي جڙڻ بعد نون غنہ کي باقاعدي لکڻ شروع ڪيو ويو. صرف اهي لفظ جن ۾ نونَ جو آواز اڳيئي ملبل آهي، تن سان 'ن غنہ' ڳنڍڻ کان احتراز ڪرڻ جو اصول

نہ ڇڏجي. مثال طور: ’ايا‘ اڪثر تحريرن ۾ ’اياڻ‘ لکيل ڏٺو ويو آهي جو غلط آهي. ’هايا‘ ۾ بہ ’ن‘ ڏٺي ’هاياڻ‘ لکڻ نہ کپي. ائين تہ اڄ يا رڃ ۾ بہ ’ن غنہ‘ اچي ٿو مگر ان کي ’انڄ‘ يا ’رنڃ‘ نہ لکبو. ڇڄ لکبو ۽ ڇنڄ لکڻ غلط آهي.

سنڌيءَ ۾ اڪيچار الفاظ آهن، جن مان نڪائون آواز نڪري ٿو، اُن ڪري مستثنيٰ لفظن کي ڇڏي باقي صورتخطيءَ تي ڌيان ڏيڻ ضروري آهي، جنهن لاءِ ماهرن قاعدا ٺاهيا آهن. اسان کي لکڻ ۾ احتياط ڪرڻ کپي نہ تہ بگاڙي تي جهل پل نہ ڪبي تہ ڳالهہ حد کان نڪري ويندي.

## جملي جي بهتر صورت يا درست عبارت

هيٺ ڪجهہ جملا پيش ڪريان ٿو، جيڪي غير درست تہ نہ ٿا چئي سگهجن پر شايد ڪن حالتن ۾ منجهائيندڙ ضرور ٿي پوندا آهن، انهن کي وڌيڪ بهتر صورت ۾ لکي سگهجي ٿو.

| منجهيل جملا | سادا ۽ آسان جملا |
| --- | --- |
| 1. گاڏي هلائڻ يا ڪنهن سخت ڪم ڪرڻ دوران ائسپرين استعمال ڪري سگهجي ٿي. | • گاڏي هلائڻ يا ڪو سخت ڪم (پورهيو) ڪرڻ وقت ايسپرين استعمال ڪري سگهجي ٿي. |
| 2. حيدرآباد شهر ۾ مٺن پوري ۽ گنٽڪي ٺاهڻ ۽ وڪري ڪرڻ تي بندش پيل آهي. | • حيدرآباد شهر ۾ مين پوري ۽ گٽڪو ٺاهڻ توڙي وڪرو ڪرڻ تي بندش پيل آهي. |
| 3. صحت صلاح: گوڙ (آواز جي گدلاڻ) جا جسم تي هاڃيڪار اثر پون ٿا. تنهنڪري هر ممڪن ڪوشش ڪري هر قسم جي گوڙ گهٽائڻ جي ڪوشش ڪريو. | • صحت - صلاح: گوڙ (آواز جي گدلاڻ) جا جسم تي هاڃيڪار اثر پون ٿا - تنهنڪري هر ممڪن ڪوشش ڪري هر قسم جو گوڙ گهٽايو. |
| 4. ڪپڙن ڌوئڻ جي مشين. | • ڪپڙا ڌوئڻ جي مشين. |
| 5. ڪراچيءَ ۾ راڳ رقص جي بهار. | • ڪراچيءَ ۾ راڳ، رقص جي بهار. |
| 6. ڪينجهر ڍنڍ سهوليتن نہ هجڻ سبب سونهن وڃائڻ لڳي. | • ڪينجهر ڍنڍ سهوليتون نہ هئڻ ڪري سونهن وڃائڻ لڳي. |

| منجهيل جملا | سادا ۽ آسان جملا |
|---|---|
| 29. سنڌ اسيمبليءَ جو اجلاس سڏرائڻ لاءِ پ پ پاران 34 ميمبرن جي درخواست داخل. | • سنڌ اسيمبليءَ جو اجلاس سڏائڻ لاءِ پ پ پاران 34 ميمبرن جي درخواست داخل. |
| 30. پوليس ڇاپو هڻي ناجائز اسلحو پڪڙيو. | • پوليس ڇاپو هڻي ناجائز اسلح پڪڙيو. |
| 31. سائنس فيئر 1999ع ۾ گورنمينٽ گرلز حمايت الاسلام هائي اسڪول حيدرآباد سنڌ جون نمايان ڪاميابيون. | • سائنس فيئر 1999ع ۾ گورنمينٽ گرلز حمايت الاسلام هاءِ اسڪول جون نمايان ڪاميابيون. |
| 32. ملير جا عوام ڌيان ڏين. (اخباري اشتهار) | • ملير جو عوام ڌيان ڏي. |

باب تيرهون

# هڪ وسيع ۽ ڦهلجندڙ سنڌي زبان ۾ پيش ايندڙ رنڊڪون ۽ نئين دور جون تقاضائون

ٻولين ۾ زماني جي رفتار سان تغير ۽ تبدل اچڻ هڪ فطري امر آهي. تهذيبي مٽاسٽا، مادي شين جي ايجاد، تعليم ۽ ڪتابن جو ڦهلاءُ ۽ قبيلن جو اختلاط هميشه کان ٻوليءَ تي اثر انداز ٿي، ان ۾ تبديليءَ جو ڪارڻ بڻبو آهي. مثال طور، جيڪا 'زبان' سنڌ اندر چوڏهين پندرهين صديءَ ۾ سومرن ۽ سمن جي دور ۾ ڳالهائي ۽ سمجهي ويندي هئي. سا سترهين ۽ ارڙهين صديءَ ۾ بلڪل ساڳي نه رهي، پر ان ۾ آيل گهڻي ترقي سنڌي ٻوليءَ کي هاٿوڪي سموري سنڌ کان علاوه، بهاولپور، بلوچستان، لسٻيلي ۽ ڪڇ ڀڄ تائين هڪ وسيع ۽ عام فهم ٻولي بڻائي ڇڏيو. ان ۾ ڪمال اسان جي انهن تخليقارن جو به هو، جن هڪ عام ٻوليءَ کي تبليغي، علمي ۽ شاعرانه ٻولي بڻائي ان کي ايتريقدر ته سهل بڻائي ڇڏيو جو اها وسيع خطي ۾ ڳالهائي ۽ سمجهي وڃڻ لڳي. پراڻي زماني جا عالم ۽ اديب ڀيا ڪي ڪونه هئا، بلڪ ان وقت جا صوفي بزرگ، ديني عالم ۽ مبلغ هئا. انهيءَ بعد، انگريزن جي اچڻ کان پوءِ نين وسلن جي ايجاد سببان ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، طور طريقن ۽ تمدني زندگيءَ ۾ جديد انداز پيدا ٿيڻ لڳو، ان ڪري سنڌي قوم جي ذهني اُپج ۾ به واڌارو آيو ۽ نوان خيال ۽ ويچار ظاهر ٿيڻ لڳا، جن جو اظهار ادب ۽ تعليم ذريعي ٿيڻ لڳو. لکپڙهه جي ٻولي ۽ تعليمي ميڊيا بڻجڻ، سنڌي ٻوليءَ کي ترقيءَ جا متعدد امڪانات پيدا ڪري ڏنا. تاهم هڪڙي ڳالهه چٽيي ته اڳي تبديليءَ جي رفتار ڍري هوندي هئي ۽ هاڻي اها تيز تر آهي.

گذريل اڌ صديءَ ۾ سنڌ ۾ گهڻي سياسي ۽ تهذيبي اٿل پٿل آئي آهي. ڌارين قومن جو عمل دخل اسان جي سرزمين تي وڏي پيماني تي رهيو آهي. حساس ميڊيائن جو وجود ۽ عوام جي انهن تائين رسائي آسان بڻجي

پئي آهي. سنڌي اسڪول ۽ درسگاهون ۽ ماس ايڊيوڪيشن ۾ گهڻي قدر اضافو ٿيو آهي. ڪمپيوٽر جي ايجاد، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇاپي جي صلاحيت ڪتابن ۾ هوشربا اضافو آندو آهي جديد سُجهاءُ رَس (Communication) باعث نوان نوان علم ۽ فن، مادي سائنٽيفڪ وسيلا، رواج ۽ ريتن تي جلد اثر انداز ٿي وڃن ٿا. ان ڪري سنڌي ماڻهوءَ جي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ تيزيءَ سان مڪينزم جو انداز پيدا ٿيندو وڃي پيو. انهن سڀني ڳالهين باعث اسان جي ٻوليءَ ۾ لساني، لغوي ۽ صوتياتي تبديليون ۽ اضافا تيزيءَ سان ايندا رهيا آهن.

ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ تبديليون پڙهندڙ لکندڙ طبقي ۽ ماهر تعليمات کان هميشه تعميري نگاهه ۽ مثبت رويي جي تقاضا ڪنديون رهن ٿيون. ڇو ته سندن محتاط ۽ لچڪيدار انداز سان ئي ٻوليءَ جي تحرير ۽ تقرير جو هڪ واضح معيار برقرار رهي سگهي ٿو ۽ جنهن ڪان ٻوليءَ جي ترقيءَ جي مستقل واٽ هميشه ڪليل رهندي ۽ بگاڙ کان ان جي دامن هميشه بچي رهندي، هڪڙي ڳالهه ته صاف ظاهر آهي ته جيئن ڪا ٻولي وسيع هوندي ۽ ان جا ڳالهائيندڙ گهڻا ۽ ڀري ڀري علائقن ۾ رهندڙ هوندا تيئن ئي ان جي صوتي لهجن ۽ ٺيڪ - ٻولين Dialects ۾ گهڻا اختلاف ٿيندا آهن، جن کي يڪجا ڪري رکڻ جي صرف هڪڙي امڪاني صورت وڃي رهي ٿي. جا آهي هڪ لچڪيدار معياري ٻوليءَ جو اختراع، جيڪا سهل ۽ آسان هجڻ کان علاوه سڀني ديس جي ڀاڱن ۾ آسانيءَ سان سمجهي ۽ ڳالهائي وڃي، اهائي ٻولي علمي ۽ ادبي صورت وٺي ٻيهي ٿي ۽ ڪتابي ۽ تعليمي زبان جو وسيلو بنجي ٿي:

سڀ ماهر لسانيات ۽ تعليمات هڪڙو اصول تسليم ڪن ٿا، ته دنيا جون ٻوليون تبديليءَ ذريعي Complex واري حالت مان نڪري Simplification واري حالت اختيار ڪنديون وڃن پيون. ان ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ "حقيقي اضافا" به فقط اهي ئي چئي سگهبا، جيڪي ٻوليءَ ۾ آساني، سونهن ۽ معنوي وسعت جو سبب بڻيا هوندا. باقي انهيءَ ٿيڙ پڪيڙ کي حقيقي واڌارو ڪري تسليم ڪونه ڪبو، جنهن جي ڪري ٻولي ماڳهين هڪ جهنگل يا ٻيلي جو روپ ڌاري ٻيهي. ان ڪان علاوه ماهر تعليمات ۽ زباندان بناوٽي سادگي Simplism يا علمي اُناءَ کي ڪڏهن به ٻوليءَ جي ترقيءَ جي معاملي ۾ خاطر ۾ نه آندو آهي. اهڙيءَ طرح ٺاشو ماشو ٻول Slangs يا ٿولائي ٻولين Colloquial تي زور رکڻ سان به هڪ عام روان ۽ سهنجائي ٻوليءَ جي اسرڻ ۽ واڌاري ۾ رنڊڪون پيدا ٿي سگهن ٿيون.

موجوده وقت سنڌيءَ ۾ مقررن، لکندڙن، صداڪارن، راڳيندڙن ۽ فنڪارن جو تعداد اڳي ڪان گهڻو وڌيل آهي، اها هڪ خوش آئنده ڳالهه آهي، جو اسان جي پياري ٻوليءَ هر علم ۽ فن جي ميدان ۾ وکون کڻڻ شروع ڪري ڏنيون آهن ۽ جيڪڏهن اسان وٽ ڪا کوٽ آهي ته اها صرف ٻوليءَ جي تربيت جي انتظام جي آهي، جيڪا ٻوليءَ جي تعميري ڪوشش جي صحيح رُخ ۾ رهنمائي ڪري ۽ ان جي ڪا سنوت مقرر ڪري ٻيهاري. ٻوليءَ جي ڦهلجڻ ۽ علم و ادب وسيع ٿيڻ سان گڏ ان جي رهنما اصولن ۽ قواعد تي ٻه گهٽي ۾ گهٽو ڌيان ڏنو ويو آهي. اهوئي سبب آهي جو ترقي يافته ٻولين ۾ انهن جي صحت ۽ صفائيءَ بابت روزانو نت نوان ڪتاب شايع ٿيندا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اصطلاحن ۽ لفظن جي درستگي، جملن جي مطلب ۽ مفهوم ۾ طريق استعمال بابت انوکا انداز ۽ ندرت خيال ظاهر ڪيا ويندا آهن. انگريزي ٻوليءَ ۾ ته نين نين لغتن، گرامر ۽ ڪمپوزيشن جا جديد ۾ جديد طريقن جا ڪتاب پڌرا ٿيندا رهن ٿا، جن مان هرڪو ڪتاب ٻوليءَ جي سهڻائيءَ ۽ افاديت جو انوکو شاهڪار هوندو آهي. مثلاً: Advance Learners Dictionary ۾ جيڪڏهن اصطلاحن جي وسعت بيان ڪي نئين انداز ۾ روشني وڌي وئي آهي ته Readers Digest Universal Dictionary جي ضخيم لغت ۾ وري قديم ۾ قديم محاورن ڪي جديد معنيٰ ۽ مفهوم سان استعمال ڪرڻ بابت سمجهايو ويو آهي. اهڙيءَ طرح سان مختلف علم جي الڳ الڳ لغتن ڪان سواءِ گنجينا (ٿيسارس) Thesarus لکيا ويندا آهن، جن ۾ جڻ ته لفظي خزاني کولڻ جون ڪنجون پيل هونديون آهن، اهڙن ڪتابن ۾ ساڳي معنيٰ جا متعدد ۽ ڪثرت الفاظ يڪجاءِ ٿيل هوندا آهن. اهڙيءَ طرح جو استعمال ڪندڙ هڪ نڪتي جي اظهار لاءِ سڀ ڪان وڌيڪ موزون ۽ سهڻي ٻول جي شناسائي حاصل ڪري بهترين چونڊ ڪرڻ جي قابل بنجي سگهي ٿو. Structure of Technical English جهڙن ڪتابن ۾ وري ٽيڪنيڪل ٻوليءَ جي فن تي روشني پيل هوندي آهي. جيئن لکندڙ پنهنجي ڪنهن انوکي علمي نڪتي جي بيان لاءِ پاڻ مرادو نئين ترڪيب جوڙڻ جي قابل بنجي سگهي. مگر افسوس آهي جو سنڌي ٻوليءَ جي سکيا ۽ مهارت جي سلسلي ۾ اسان جي لساني ماهرن ڪي ٻه اهڙا دلچسپ ۽ ڪمائتا ڪتاب نه جوڙيا آهن، جيڪي شاگردن، استادن ۽ لکندڙن واسطي احسن طريقن سان استفادي يا رهنمائيءَ جو ڪم ڏئي سگهن.

ڪجهه ڏهاڪا اڳ ۾ اسان وٽ ٻوليءَ جي سکڻ جا ڪي پاڻ وهيٽا

طريقا رائج هئا. شاگردن جي اسڪولن توڙي استادن جي تدريسي مدرسن ۾ لساني گرامر ۽ ڪمپوزيشن باقاعده نصاب ۾ شامل هوندي هئي، پر هن وقت اها صرف نالي ماتر رهجي وئي آهي. ليڪن ان جي سکيا کي به عملاً ترڪ ڪيل تو ڏسجي. ان ڪري ٻوليءَ جي ڄاڻ ڏينهون ڏينهن معدوم ٿيندي پئي وڃي. ائين به هوندو هو جو اڳي سينئر صحافي، اخباري دفترن ۾ ملازمت ڪندڙ نون ڪارڪنن ۽ رپورٽرن جي باقاعده لکڻين جي تصحيح ڪندا هئا، جنهن ڪري ڪين ٿوري عرصي اندر لکڻ تي عبور حاصل ٿي ويندو هو. پر هن وقت هر جاءِ تي بڪيڙو ته گهٽو آهي، پر تربيت جو ڪوبه انتظام ناهي. ورهاڱي کان اڳ اها روايت به قائم هئي جو نوءمشق شاعر، شاعريءَ جي ميدان ۾ طبع آزمائي ڪرڻ کان اڳ، ڪنهن استاد شاعر کان قوانين سکندا ۽ تربيت وٺندا هئا. ان سان ڪم از ڪم ٻوليءَ جي صحت يا معيار جو ڪونه ڪو تصور سندن ذهن ۾ چٽو ٿي ويندو هو. جديد دور جي تقاضائن مطابق هن وقت ٻوليءَ جي صحيح تعمير جي سلسلي ۾ لساني ورڪشاپ يا ٽيڪنيڪل ڪلاسز جو مستقل ادارو قائم ڪرڻ جي اهم ضرورت سمجهڻ گهرجي، جن ۾ ٻوليءَ جي استادن کان سواءِ انهن نوجوانن جي تربيت ۽ سکيا جو باقاعده انتظام ٿيندو رهي، جيڪي علم و ادب، فن ۽ صحافت جي ميدانن ۾ دلچسپي رکن يا اڳتي وڌڻ چاهين ٿا.

جديد ميڊيا ۽ نشر و اشاعت جا متعدد وسيلا جيڪي پيدا ٿي چڪا آهن، انهن تي ئي مستقبل ۾ اسان جي ٻوليءَ جي ترقيءَ جو انحصار آهي. هن وقت سنڌي تعليم، ريڊيو، ٽي وي، صحافت ۾ ٻوليءَ جي درست ادائگيءَ ۽ معيار قائم رکڻ جي سلسلي ۾ ڪوبه توجهه نٿو ڏنو وڃي. اهوئي سبب آهي جو نشر ۽ اشاعت ۾ اضافي هئڻ جي باوجود به ٻوليءَ ۾ پختگي اچڻ بدران بگاڙو ٿيڻ لڳو آهي ۽ جيڪڏهن ان تي ڪچيءَ ۾ ئي توجهه نه ڏنو ويو ته اڳتي هلي ٻوليءَ جي يڪجهتيءَ کي نقصان پهچڻ جو انديشو لاحق رهندو. هڪ عام پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ جي حيثيت ۾ ٻوليءَ جون ڪيترئيون ئي عام لغزشون ۽ فروگذاشتون منهنجي مطالعي ۾ ايندڙيون رهن ٿيون. هرهڪ شعبي مان آءُ ڪن غلطين جو فرداً فرداً هن مضمون ۾ ذڪر ڪندس.

## ريڊيو، ٽي وي تي غلط ٻوليءَ جو استعمال

ملڪ جي آزاديءَ سان سنڌي ٻوليءَ کي ريڊيو جي نشريات جو هڪ

اهم وسيلو ميسر آيو. جنهن ان جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ هڪ خاص ڪردار ادا ڪيو. ريڊيو جي نشريات بلاشڪ هڪ عام فهم، آسان ۽ سرل سنڌي ٻولي اُڀارڻ ۾ معاون بني. اهڙي ٻولي جيڪا سنڌ جي هر ڀاڱي ۽ هر جاءِ تي "پنهنجي زبان" جي حيثيت ۾ سمجهي وڃڻ ۽ پسند ٿيڻ لڳي. پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته گذريل ٻن ڏهاڪن کان ريڊيو جي ٻوليءَ جو معيار ڏينهون ڏينهن ڪِرندو وڃي پيو. هن وقت حيدرآباد کان علاوه ڪراچي ۽ خيرپور تان به ريڊيو جا سنڌي پروگرام هلن ٿا. ريڊيو براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن وارن کي سنڌيءَ جي اهم پوزيشن کي هميشه پيش نظر رکڻ کپي. پاڪستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جو درجو محض هڪ ڳالهائجندڙ زبان جو نه آهي. بلڪ اُها اردو زبان وانگر ئي تعليم، ادب ۽ صحافت جي ٻولي به آهي. جنهنڪري سنڌي نشريات، مقبوليت ۽ يڪجهتيءَ کان علاوه ٻوليءَ جي صحت ۽ معيار برقرار رکڻ جي سلسلي ۾ خاص توجهه جي متقاضي ٻڻ آهي. هتي ريڊيو جي اناؤنسرن ۽ فنڪارن جي خام ٻوليءَ ۽ سندن لهجي جي ڪن ٿورن پُر پيچ لفظن تي بحث ڪيو ويو آهي، جيڪي هو عموماً استعمال ۾ آڻيندا رهن ٿا.

ريڊيو پاڪستان تان اڪثر ٻڌڻ ۾ ايندو آهي ته "سامعين شام جو اوهان کي فلاڻي کان ڪافي 'ٻڌرائيندا سون'. منهنجي خيال ۾ لفظ ٻڌرائيندا سون نه رڳو عجيب و غريب بناوت آهي، بلڪ گرامر جي روءِ کان بلڪل غلط آهي. جيڪڏهن 'ٻُڌڻ' مان 'ٻڌرائيندا سون' ته پوءِ 'سُٽڻ' مان 'سٽرائيندا سون' چوڻو پوندو. ان طرح 'چوائيندا سون' جي جاءِ تي 'چورائيندا سون'، هارين کان هر 'هلائيندا سون' جي عيوض 'هلرائيندا سون'، مزورن کان ڪڏ 'پرائيندا سون' جي بدران 'پررائيندا سون'، درزيءَ کان قميص 'سُبائيندا سون' جي بدلي 'سبرائيندا سون'، دوستن کي خط لکي 'گهرائيندا سون' جي پاران 'گهررائيندا سون'، ٻورچين کان پلاهه 'رڌائيندا سون' جي عوض 'رڌرائيندا سون'. اهڙيءَ طرح پڙهرائيندا سون، ڪررائيندا سون ۽ موڪلرائيندا سون وغيره چوڻو پوندو.

هيءَ لفظي بناوت منهنجي خيال ۾ صريحاً غلط ۽ مضحڪه خيز آهي البت هڪ ٻي بناوت آهي جا البت صحيح آهي. مگر اها به استعمال ۾ اڪثر نٿي اچي. اها آهي: ٻڌارائيندا سون، سٽارائيندا سون، هلارائيندا سون، وسارائيندا سون، چوارائيندا سون وغيره وغيره.

ريڊيو تان جتان ٻولي سڌرڻ گهرجي ۽ فنڪارن ۽ صداڪارن جي مثالي ٻولي هئڻ گهرجي، سي ياڻ سنڌيءَ سان هاڃا ڪندا رهن ٿا. ٽي وي ۾ 'سُر جو سفر' هلندي محترم فرمايو ته "اهو سنو رسم آهي" يا روشن تارا ۾ پروگرام ۾ ڪمپيئر اڪثر دفعا 'ڪلاسون' ۽ 'ڪتابون' چيو آهي. اڪثر ائين ٻڌو اٿم ته 'آءٌ ويو هئس، آءٌ وئي هَئس' اچاريو ويچي ٿو. حالانڪ صحيح هيئن ٿيندو ته آءٌ ويو هوسَ، آءٌ وئي هُيس، آيو هوس، آئيو هوس، وينو هوس، بيٺو هوس وغيره ۽ مونث ۾ آئي هيس، ويٺي هيس، بيٺي هيس، گهمي هيس ۽ لڏي هيس وغيره. ٻيو ته وري جيڪي لفظ پيش سان اچارڻ گهرجن سي عموماً زير سان ڳالهايا وڃن ٿا. مثلاً: يارِ، دلدارِ، منٺارِ، هارِ، اختيارِ مطلب ته پيش بدران زير جو ڦهڪو پيو پوي. منهنجي انهن ريڊيو پروڊيوسرن کي خاص گذارش آهي جن جو سنڌي ٻوليءَ جي اچارڻ سيکارڻ طرف خاص ڌيان رهيو آهي. ڀلا جيڪڏهن هو صاحب ڳائيندڙن کي قِيامت بدران قَيامت سيکارين ٿا ۽ خِيال بدران خَيال سيکارين ٿا. توبھ جي عيوض توبہ چوائين ٿا، ته ڀوءِ ڇو نہ سنڌيءَ جي ٻين لفظن جي درستگيءَ ۾ فصاحت جو خيال رکن؟

عام طرح سان ٽي وي ۽ ريڊيو تي بہ ڪن ڳالهائيندڙن وانگر بعض فنڪارن کي ائين چوندي ٻڌو اٿم، جو هو اڪثر چوندا آهن.

آءٌ اڄ ڳوٺ ويندَس
سياڻي موٽي ايندَس
هتي هوندَس ته ڪيس چوندَس
گهر ۾ ويهي ڇا ڪندَس؟

حالانڪ مرد هجي ته هن کي چوڻ گهرجي - ويندُس - ايندُس - چوندُس، ڪندسُ گهمندسُ ڦرندسُ - هلندسُ وغيره ۽ زال هجي ته ايندي‌س، ويندي‌س، ڪم ڪار ڪندي‌س، ماني پچائيندي‌س.

ريڊيو، جي هڪ ٻئي پروگرام ۾ ڪنهن صداڪار جي واتان تمام غلط ٻولي ٻڌي بہ ڏاڍي تڪليف پهتي. دراصل اهڙي غلط روش بہ عام ٻوليءَ ۾ نئين نئين پيدا ٿيل آهي ۽ ڪن ڳالهائيندڙن واتان اهڙا جملا ڪڏهن ڪڏهن ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. پر ٻوليءَ جي خاص ميڊيا تان ائين نشر ٿيڻ ڪجھ حيرت کان گهٽ ناهي. ڪجھ پورا جملا ياد تہ نہ اٿم، پر لفظن جي ترڪيب ڪجھ هيئن هئي، جو گذِجَڻي جي بدران گذِجَڻي ۽ آئڻي جي

ٻدران اَٽِنَٽِي پٽي ڳالهايو ويو. ان قسم جي بناوت نهايت مڪروه آهي.

ڪَڍِئي نه مار ٻدران ڪڍنٽي نه مار.
ڪو شرم اَٽِئي ٻدران ڪو شرم اٽنئي؟
هڙ ۾ ڪجهه ههٽِي جي جاء تي هڙ ۾ هنجٽِي
ڳڏجٽِي نه نياپو ڏجانس جي ٻدران ڳڏجنٽِي نه
پلي نه ڪتو ولٽِي ٻدران ولنٽِي وغيره وغيره.

## صحافت ۾ سنڌيءَ سان ٿهر ڪلور

ڪنهن قوم لاءِ اها خوش آئنده ڳالهه ليکي ويندي آهي، جنهن جي ٻوليءَ ۾ اخبارن، رسالن يا ڪتابن جو اضافو ٿيندو هجي. ڇو ته اها ذهني ۽ فڪري ترقيءَ جي علامت سمجهي وڃي ٿي. اڃا به سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ نج ادبي رسالي جي ضرورت بدستور قائم آهي، ڇو ته ڪوبه اهڙو رسالو شايع نه ٿي رهيو آهي، جيڪو پڙهندڙن جي ذوقي تسڪين ۽ تربيت ڪرڻ سان گڏ ساڳئي وقت ادب جي اعليٰ قدرن جو ترجمان به هجي. اڳي ولي رام ولڀ جو آرسي ۽ طارق اشرف جو سهڻي ادبي رسالا هوندا هئا، ليڪن هن وقت پٽي بند آهن. البت ماهوار نئين زندگي اڃا جاري رهندو اچي پر ان کي ڪنهن به طرح سان جديد ادب جو ترجمان نٿو چئي سگهجي. ورنه هن وقت عموما اهڙا رسالا نڪرن پيا، جن ۾ فقط ذوق نگاهه ۾ ظاهري جذب و ڪيف جو سامان هوندو آهي يا نه وري گهٽي قدر انهن ۾ سياسي ترغيبات سان ڀريل مضمون هوندا آهن.

هن وقت خاص ڪري سنڌي روزانه اخبارن ۾ ٻوليءَ جو اهڙو ته ڀڏو انداز پيدا ڪيو ويو آهي، جو پڙهندڙ حيران آهي ته ان کي سنڌيءَ ٻدران ڪهڙي ٻوليءَ جو نالو ڏئي؟ ڇپيل اخباري مواد مان ڪنهن قسم جو سَجهاء ٿيڻ يا فهم تائين رسڻ ته پري جي ڳالهه آهي، پر جيڪڏهن درست ٻوليءَ ۾ ڪا خبر يا اطلاع ڇپجي وڃي ته ان کي به غير معمولي اتفاق سمجهڻ گهرجي، اڪثر نه خبر ڀيرائتي هوندي آهي ۽ نه وري ڪو رپورٽنگ جو ڪو انداز ٻيهاريل هوندو آهي، باقي ٻوليءَ کي به هيڪاري مڪس پليٽ يا "ڪچڙ پچڙ ڪاڄ" بڻايو ڪٿيو پيش ڪن!

هاڻي ٿورو اخبارن جي سرخين تي نظر ڪريو ۽ دل تي هٿ رکي ٻڌايو ته علم، ادب يا صحافت جُي لحاظ کان ته ڇا پر ان کي فقط ڪو

سونهائيندڙ ٻولي ٻه هجڻ لاءِ تيار ٿيندو؟ جيڪڏهن اسان جي رسالن ۽ اخبارن جو اصلاح نہ ڪيو ويو ۽ اهي بدستور ٻوليءَ جو ائين ستياناس ڪندا رهيا تہ ڪجهہ عرصي بعد ٻولي ڪهڙي صورت اختيار ڪري ويهندي تنهن جو اندازو هرڪو اهل علم شخص آسانيءَ سان لڳائي سگهي ٿو.

هي آٿو حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي ڪن اخبارن جي سرخين جا مثال:

1. اڄ سڄو شهر بند رهيو - ڪاروباري مرڪز ۽ دڪانون ڪونہ کليا.

لکڻ گهرجي تہ: ڪاروباري مرڪز ۽ دڪان بند رهيا.

2. ساڻي ٻاڙو وٺان چار دهشتگرد هٿيارون سميت سوگها سندن وٽان ٽي ٽي پستول ۽ سائيڪلون برآمد.

صحيح هيئن ٿيندو: ساڻي ٻاڙي وٽان چار دهشتگرد هٿيارن سميت سوگها، وٽائٽن ٽي ٽي پستول ۽ سائيڪلون برآمد.

3. چوهڙ جماليءَ ڪوڙا نوٽن جي گردش.

درست آهي: چوهڙ جماليءَ ۾ ڪوڙن نوٽن جي گردش.

4. پنون عاقل ۾ چوندون جون سرگرميون تيز.

هئڻ گهرجي: پني عاقل ۾، چوندن جون سرگرميون تيز.

5. ٻي ڊي وارن جا استيعفي تيار آهن.

صحيح ٿيندو: ٻي ڊي وارن جون استيعفائون تيار آهن.

6. ملڪي وايومنڊل ۾ ڏوڙ ڏڪا واري صورتحال لڳي پئي آهي.

ڏوڙ ڏڪا شايد ڏماڪي خيز لاءِ استعمال ٿيل آهي، بهرحال جملو مبهم ۽ عجيب غريب لڳي ٿو.

7. دڪان مان اسلحو نڪتو يا اسلحو پڪڙيو ويو.

لکڻ گهرجي: اسلح نڪتو يا اسلح پڪڙيو ويو.

8. ڪيٽي جتوئي ۾ چانڊيو ۽ ڪوسو وچ ۾ ويڙهہ.

درست ٿيندو: ڪيٽي جتوئيءَ ۾ چانڊين ۽ ڪوسن وچ ۾ ويڙهہ.

ڳالهہ فقط ٿورن يا ڪن جملن تائين محدود ناهي، بلڪ اهو فقط سنڌي صحافي جوئي ڪمال هوندو آهي، جو ان ۾ اهڙو مواد بہ لکيو ويندو آهي، جو ساري عبارت ڪي نئين سر بدلائڻ کان پوءِ ئي ان مان ڪو مفهوم پيدا ٿيندو آهي ورنہ ڪي تہ بلڪل ناقابل اصلاح عبارتون بہ هونديون آهن.

قادر مگسي ڪٿي آهي؟ (هڪ اخبار جي ايڊيٽوريل جو ٽڪرو)

آهي. اردو ۾ (ميه) هن طرح لکيو ويندو آهي. سنڌيءَ ۾ (مين) لکڻ جي بدران 'م' کي هيٺان ٻہ نُنڊڙا الف ڏئي مين جو اُچار ڪيو ويندو آهي ۽ (آئين) جي بدران الف همزه جي هيٺان ٻہ سڌا الف ڏنا آهن. دراصل اها تحرير نهايت عمدي آهي.

ان کان علاوه غير سنڌي ترڪيبن ۾ حرف اضافت وارن لفظن جو استعمال بہ توجهہ ڇڪائي ٿو. حرف اضافت دراصل سنڌيءَ جو نجي قاعدو ناهي. ليڪن عربي فارسي لفظن جو سنڌيءَ ۾ ملي وڃڻ سبب ان جو وهنوار وڌي ويو آهي. فارسي زبان ۾ حرف اضافت جو استعمال ڪثرت سان ٿئي ٿو. جنهن تان سنڌي ٻوليءَ ۾ رواج پيل آهي. اول اهو رواج سنڌي شعري ادب تي پيو، ليڪن هاڻي عام ڳالهہ ٻولهہ ۾ بہ ان جو اثر پرکي سگهجي ٿو. مثلاً: راحت جان يعني جان جو آرام، ماهِ رمضان يعني رمضان جو مهينو، ڪثرتِ دولت يعني دولت جي گهڻائي، فضلِ خدا يعني الله جو فضل، زير اضافت کان سواءِ انهيءَ حرف اضافت جو استعمال بہ سنڌيءَ ۾ عام جام آهي. ان کان علاوه 'ي' جي مٿان الف همزه ڏيڻ سان بہ اضافت جو اهڃاڻ ملندو آهي. مثلاً: دانائي روم، صدي بازگشت، خدمي عزوجل وغيره. ڪول 'ه' (ه) جو هن وقت سنڌيءَ ۾ ڪم آڻڻ جو عمل بہ تحريرن ۾ ڏسي سگهجي ٿو. مثلاً

آه و بقا - جاه و جلال - شاه و گدا وغيره.

سنڌي رسم الخط ۾ همزه جو استعمال نهايت سهوليت وارو ڪيو ويو آهي، جنهن جو مثال ٻين ٻولين ۾ نٿو ملي. سنڌيءَ ۾ ٻين حرفن وانگر همزه کي زير - زَبر - پيشُ ڏيڻ ۾ اچي ٿو. مثال طور: اسين سنڌيءَ ۾ لکندا سون:

جاءِ - هاءِ - واءِ - لاءِ وغيره

پر اهڙا لفظ ٻين ٻولين ۾ هن طرح لکبا آهن:

جاءِ — جائِ
هاءِ — هائِ
واءِ — وائِ
لاءِ — لائِ

يعني تہ اڌ (ي) ڏئي مٿان همزه رکيو ويندو آهي. مگر سنڌيءَ ۾ همزه کي اعراب ڏئي آسانيءَ سان لفظ ظاهر ڪيو ويندو آهي.

عربي فارسي لفظن جي هڪ ٻئي نموني ۾ لفظ جي آخري علت کي پوري صورت ۾ لکڻ بدران مختلف انداز ۾ لکيا ويندا آهن. خصوصاً پڇاڙي ۾ جتي (ا - و) ايندو هجي جيئن تہ:

ماهرانہ - پيشورانہ - فنڪارانہ - دانشورانہ - حڪيمانہ - فاضلانہ - درميانہ - حوصلہ مندانہ - دردمندانہ - عزتدارانہ - معصومانہ - ايماندارانہ - اعلانيہ - فڪريہ - اظهاريہ.

اهڙا لفظ سنڌيءَ ۾ بہ ساڳي صورتخطيءَ ۾ لکڻ سان بامعنيٰ ۽ بافهم بنجي سگهن ٿا. ليڪن ڪي سنڌيءَ جا نادان دوست انهن کي پيشورانا - ماهرانا - فنڪارانا - حڪيمانا - فاضلانا - درميانا - حوصلامندانا - دانشورانا... ان طرح سان لکي سمجهندا آهن تہ اسين سنڌيءَ کي اصليت کي ٿا برقرار رکون. ۾ ائين لکڻ سان ماڳهين هڪ قسم جي پيچيدگي ٿيو وڃي. بلڪل انهيءَ قاعدي مطابق سنڌيءَ ۾ نَ - تَ - بَ کي سالم صورت ۾ لکڻ بجاءِ نَہ - تَہ - بِہ جو انداز گهڙيو ويو آهي، جنهن سان تحرير ۾ آساني ۽ سهڻائي پيدا ٿي آهي.

## سنڌي ٻوليءَ ۾ 'ن' غنہ جو استعمال

يورپي لسانيات جي ماهرن جن ذڪرڻ ايشيا جي ٻولين تي لکيو آهي، تن مان اڪثر لکندڙن سنڌي ٻوليءَ کي نڪائين ٻولي Nasal Langauge ڪري ڄاڻايو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ اڪثر لفظ غنہ نون اچڻ سان نهڻ ٿا، ان ڪري سنڌي الفاظن جي هِجي بہ مشڪل ٿي پئي آهي. جهڙوڪ: 'منهنجو' جي هِجي ۾ ميم نون پيشَ (مُن) هہ نون زير (هِن) جيم واؤ جو وغيره ساڳيءَ طرح تنهنجو، ڪنهنجو، پنهنجو. مطلب تہ نون غنہ جي وچ ۾ اچڻ باعث هِجي ڪرڻ هڪ مسئلو بنجي پيو آهي. سنڌي عروضي شعر کي متوازن بيهارڻ ۾ بہ مشڪلات پيدا ٿئي ٿي. برٽش دور کان اڳ وارين سنڌي صورتخطين ۾ اهوئي سبب هو جنهن ڪري 'ن غنہ' جو ممڪن طور تي استعمال ترڪ ڪيو ويندو هو. اڪثر تحريرن ۾ 'تنهنجو جي بدران توجو، منهنجو جي بدران موجو، پنهنجو جي بدران پهجو' وغيره لکيو ويندو هو، حالانڪہ ڳالهائڻ ۾ 'ن غنہ' موجود آهي. موجوده الف - بي جي جڙڻ بعد نون غنہ کي باقاعدي لکڻ شروع ڪيو ويو. صرف اهي لفظ جن ۾ نونَ جو آواز اڳيئي مليل آهي، تن سان 'ن غنہ' ڳنڍڻ کان احتراز ڪرڻ جو اصول

آهي. اردو ۾ (ميه) هن طرح لکيو ويندو آهي. سنڌيءَ ۾ (مين) لکڻ جي بدران 'م' کي هيٺان ٻه ننڍڙا الف ڏئي مين جو اُچار ڪيو ويندو آهي ۽ (آئين) جي بدران الف همزه جي هيٺان ٻه سڌا الف ڏبا آهن. دراصل اها تحرير نهايت عمدي آهي.

ان کان علاوه غير سنڌي ترڪيبن ۾ حرف اضافت وارن لفظن جو استعمال به توجهه ڇڪائي ٿو. حرف اضافت دراصل سنڌيءَ جو نجي قاعدو ناهي. ليڪن عربي فارسي لفظن جو سنڌيءَ ۾ ملي وڃڻ سبب ان جو وهنوار وڌي ويو آهي. فارسي زبان ۾ حرف اضافت جو استعمال ڪثرت سان ٿئي ٿو، جنهن تان سنڌي ٻوليءَ ۾ رواج پيل آهي. اول اهو رواج سنڌي شعري ادب تي پيو، ليڪن هاڻي عام ڳالهه ٻولهه ۾ به ان جو اثر پرکي سگهجي ٿو. مثلاً: راحت جان يعني جان جو آرام، ماهِ رمضان يعني رمضان جو مهينو، ڪثرتِ دولت يعني دولت جي گهڻائي، فضلِ خدا يعني الله جو فضل، زير اضافت کان سواءِ انهيءَ حرف اضافت جو استعمال به سنڌيءَ ۾ عام جام آهي. ان کان علاوه 'ي' جي مٿان الف همزه ڏيڻ سان به اضافت جو اهڃاڻ ملندو آهي. مثلاً: دانائي روم، صدئي بازگشت، خدئي عزوجل وغيره. گول 'ه' (ه) جو هن وقت سنڌيءَ ۾ ڪم آڻڻ جو عمل به تحريرن ۾ ڏسي سگهجي ٿو. مثلاً

آه و بقا – جاه و جلال – شاه و گدا وغيره.

سنڌي رسم الخط ۾ همزه جو استعمال نهايت سهوليت وارو ڪيو ويو آهي، جنهن جو مثال ٻين ٻولين ۾ ٿئو ملي. سنڌيءَ ۾ ٻين حرفن وانگر همزه کي زير – زَبر – پيشُ ڏيڻ ۾ اچي ٿو. مثال طور: اسين سنڌيءَ ۾ لکندا سون:

جاءِ – هاءِ – واءِ – لاءِ وغيره

پر اهڙا لفظ ٻين ٻولين ۾ هن طرح لکبا آهن:

جاءِ — جائِ
هاءِ — هائِ
واءِ — وائِ
لاءِ — لائِ

يعني ته اڌ (ي) ڏئي مٿان همزه رکيو ويندو آهي. مگر سنڌيءَ ۾ همزه کي اعراب ڏئي آسانيءَ سان لفظ ظاهر ڪيو ويندو آهي.

عربي فارسي لفظن جي هڪ ٻئي نموني ۾ لفظ جي آخري علت کي پوري صورت ۾ لکڻ بدران مختلف انداز ۾ لکيا ويندا آهن. خصوصاً پڇاڙي ۾ جتي (ا – و) ايندو هجي جيئن ته:

ماهرانہ – پيشورانہ – فنڪارانہ – دانشورانہ – حڪيمانہ – فاضلانہ – درميانہ – حوصلہ مندانہ – دردمندانہ – عزتدارانہ – معصومانہ – ايمانداراں – اعلانيہ – فڪريہ – اظهاريہ.

اهڙا لفظ سنڌيءَ ۾ بہ ساڳي صورتخطيءَ ۾ لکڻ سان بامعنيٰ ۽ بافهم بنجي سگهن ٿا. ليڪن ڪي سنڌيءَ جا نادان دوست انهن کي پيشورانا – ماهرانا – فنڪارانا – حڪيمانا – فاضلانا – درميانا – حوصلامندانا – دانشورانا... ان طرح سان لکي سمجهندا آهن تہ اسين سنڌيءَ کي اصليت کي ٿا برقرار رکون. پر ائين لکڻ سان ماڳهين هڪ قسم جي پيچيدگي ٿيو وڃي. بلڪل انهيءَ قاعدي مطابق سنڌيءَ ۾ نَ – تَ – بَ کي سالم صورت ۾ لکڻ بجاءِ نَہ – تَہ – بِہ جو انداز گهڙيو ويو آهي، جنهن سان تحرير ۾ آساني ۽ سهڻائي پيدا ٿي آهي.

## سنڌي ٻوليءَ ۾ ’ن‘ غنہ جو استعمال

يورپي لسانيات جي ماهرن جن ذڪڻ ايشيا جي ٻولين تي لکيو آهي، تن مان اڪثر لکندڙن سنڌي ٻوليءَ کي نڪائين ٻولي Nasal Langauge ڪري ڄاڻايو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ اڪثر لفظ غنہ نون اچڻ سان ٺهڻ ٿا، ان ڪري سنڌي الفاظن جي هِجي بہ مشڪل ٿي پئي آهي. جهڙوڪ: ’منهنجو‘ جي هِجي ۾ ميم نون پيشُ (مُن) هم نون زير (هِن) جيم واؤ جو وغيره ساڳيءَ طرح تنهنجو، ڪنهنجو، پنهنجو. مطلب تہ نون غنہ جي وچ ۾ اچڻ باعث هِجي ڪرڻ هڪ مسئلو بنجي پيو آهي. سنڌي عروضي شعر کي متوازن بيهارڻ ۾ بہ مشڪلات پيدا ٿئي ٿي. برٽش دور کان اڳ وارين سنڌي صورتخطين ۾ اهوئي سبب هو جنهن ڪري ’ن غنہ‘ جو ممڪن طور تي استعمال ترڪ ڪيو ويندو هو. اڪثر تحريرن ۾ ’تنهنجو جي بدران توجو، منهنجو جي بدران موجو، پنهنجو جي بدران پهجو‘ وغيره لکيو ويندو هو، حالانڪہ ڳالهائڻ ۾ ’ن غنہ‘ موجود آهي. موجوده الف – بي جي جڙڻ بعد نون غنہ کي باقاعدي لکڻ شروع ڪيو ويو. صرف اهي لفظ جن ۾ نونَ جو آواز اڳيئي مليل آهي، تن سان ’ن غنہ‘ ڳنڍڻ کان احتراز ڪرڻ جو اصول

نہ ڇڏجي. مثال طور: 'اڃا' اڪثر تحريرن ۾ 'اڃان' لکيل ڏٺو ويو آهي جو غلط آهي. 'هاڃا' ۾ بہ 'ن' ڏئي 'هاڃان' لکڻ نہ کپي. ائين تہ اڄ يا رڄ ۾ بہ 'ن غنہ' اچي ٿو مگر ان کي 'انڄ' يا 'رنڄ' نہ لکبو. ڇڄ لکبو ۽ ڇنڄ لکڻ غلط آهي.

سنڌيءَ ۾ اڪيچار الفاظ آهن، جن مان نڪائون آواز نڪري ٿو، ان ڪري مستثنيٰ لفظن کي ڇڏي باقي صورتخطيءَ تي ڌيان ڏيڻ ضروري آهي، جنهن لاءِ ماهرن قاعدا ٺاهيا آهن. اسان کي لکڻ ۾ احتياط ڪرڻ کپي نہ تہ بگاڙي تي جهل پل نہ ڪبي تہ ڳالهہ حد کان نڪري ويندي.

## جملي جي بهتر صورت يا درست عبارت

هيٺ ڪجهہ جملا پيش ڪريان ٿو، جيڪي غير درست تہ نہ ٿا چئي سگهجن پر شايد ڪن حالتن ۾ منجهائيندڙ ضرور ٿي پوندا آهن، انهن کي وڌيڪ بهتر صورت ۾ لکي سگهجي ٿو.

| منجهيل جملا | سادا ۽ آسان جملا |
|---|---|
| 1. گاڏي هلائڻ يا ڪنهن سخت ڪم ڪرڻ دوران اسپرين استعمال ڪري سگهجي ٿي. | ● گاڏي هلائڻ يا ڪو سخت ڪم (پورهيو) ڪرڻ وقت ايسپرين استعمال ڪري سگهجي ٿي. |
| 2. حيدرآباد شهر ۾ مٺن پوري ۽ گنڪي ٺاهڻ ۽ وڪري ڪرڻ تي بندش پيل آهي. | ● حيدرآباد شهر ۾ مين پوري ۽ گٽڪو ٺاهڻ توڙي وڪرو ڪرڻ تي بندش پيل آهي. |
| 3. صحت صلاح:<br>گوڙ (آواز جي گدلاڻ) جا جسم تي هاڃيڪار اثر پون ٿا. تنهنڪري هر ممڪن ڪوشش ڪري هر قسم جي گوڙ گهٽائڻ جي ڪوشش ڪريو. | ● صحت - صلاح:<br>گوڙ (آواز جي گدلاڻ) جا جسم تي هاڃيڪار اثر پون ٿا - تنهنڪري هر ممڪن ڪوشش ڪري هر قسم جو گوڙ گهٽايو. |
| 4. ڪپڙن ڌوئڻ جي مشين. | ● ڪپڙا ڌوئڻ جي مشين. |
| 5. ڪراچيءَ ۾ راڳ رقص جي بهار. | ● ڪراچيءَ ۾ راڳ، رقص جي بهار. |
| 6. ڪينجهر ڍنڍ سهوليتن نہ هجڻ سبب سونهن وڃائڻ لڳي. | ● ڪينجهر ڍنڍ سهوليتون نہ هئڻ ڪري سونهن وڃائڻ لڳي. |

باب تيرهون

# هڪ وسيع ۽ ڦهلجندڙ سنڌي زبان ۾ پيش ايندڙ رنڊڪون ۽ نئين دور جون تقاضائون

ٻولين ۾ زماني جي رفتار سان تغير ۽ تبدل اچڻ هڪ فطري امر آهي. تهذيبي متاستا، مادي شين جي ايجاد، تعليم ۽ ڪتابن جو ڦهلاءُ ۽ قبيلن جو اختلاط هميشه کان ٻوليءَ تي اثر انداز ٿي، ان ۾ تبديليءَ جو ڪارڻ بنبو آهي. مثال طور، جيڪا 'زبان' سنڌ اندر چوڏهين پندرهين صديءَ ۾ سومرن ۽ سمن جي دور ۾ ڳالهائي ۽ سمجهي ويندي هئي، سا سترهين ۽ ارڙهين صديءَ ۾ بلڪل ساڳي نہ رهي، پر ان ۾ آيل گهڻي ترقي سنڌي ٻوليءَ کي هاڻوڪي سموري سنڌ کان علاوه، بهاولپور، بلوچستان، لسٻيلي ۽ ڪڇ ڀڄ تائين هڪ وسيع ۽ عام فهم ٻولي بنائي ڇڏيو. ان ۾ ڪمال اسان جي انهن تخليقارن جو بہ هو، جن هڪ عام ٻوليءَ کي تبليغي، علمي ۽ شاعرانہ ٻولي بنائي ان کي ايتريقدر تہ سهل بنائي ڇڏيو جو اها وسيع خطي ۾ ڳالهائي ۽ سمجهي وڃڻ لڳي. پراڻي زماني جا عالم ۽ اديب ٻيا ڪي ڪونہ هئا، بلڪ ان وقت جا صوفي بزرگ، ديني عالم ۽ مبلغ هئا. انهيءَ بعد، انگريزن جي اچڻ کان پوءِ نين وسلن جي ايجاد سببان ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، طور طريقن ۽ تمدني زندگيءَ ۾ جديد انداز پيدا ٿيڻ لڳو، ان ڪري سنڌي قوم جي ذهني اُپج ۾ بہ واڌارو آيو ۽ نوان خيال ۽ ويچار ظاهر ٿيڻ لڳا، جن جو اظهار ادب ۽ تعليم ذريعي ٿيڻ لڳو. لکپڙهہ جي ٻولي ۽ تعليمي ميڊيا بنجڻ، سنڌي ٻوليءَ کي ترقيءَ جا متعدد امڪانات پيدا ڪري ڏنا. تاهم هڪڙي ڳالهہ چٽيي تہ اڳي تبديليءَ جي رفتار ڍري هوندي هئي ۽ هاڻي اها تيز تر آهي.

گذريل اڌ صديءَ ۾ سنڌ ۾ گهڻي سياسي ۽ تهذيبي اٿل پٿل آئي آهي. ڌارين قومن جو عمل دخل اسان جي سرزمين تي وڏي پيماني تي رهيو آهي. حساس ميڊيائن جو وجود ۽ عوام جي انهن تائين رسائي آسان بنجي

پئي آهي. سنڌي اسڪول ۽ درسگاهون ۽ ماس ايڊيوڪيشن ۾ ڳھڻي قدر اضافو ٿيو آهي. ڪمپيوٽر جي ايجاد، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇاپي جي صلاحيت ڪتابن ۾ هوشربا اضافو آندو آهي جديد سُجھاءِ رَس (Communication) باعث نوان نوان علم ۽ فن، مادي سائنٽيفڪ وسيلا، رواج ۽ ريتن تي جلد اثر انداز ٿي وڃن ٿا. ان ڪري سنڌي ماڻهوءَ جي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ تيزيءَ سان مڪينزم جو انداز پيدا ٿيندو وڃي پيو. انهن سڀني ڳالهين باعث اسان جي ٻوليءَ ۾ لساني، لغوي ۽ صوتياتي تبديليون ۽ اضافا تيزيءَ سان ايندا رهيا آهن.

ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ تبديليون پڙهندڙ لکندڙ طبقي ۽ ماهر تعليمات کان هميشه تعميري نگاهه ۽ مثبت رويي جي تقاضا ڪنديون رهن ٿيون. ڇو ته سندن محتاط ۽ لچڪيدار انداز سان ئي ٻوليءَ جي تحرير ۽ تقرير جو هڪ واضح معيار برقرار رهي سگهي ٿو ۽ جنهن ڪان ٻوليءَ جي ترقيءَ جي مستقل وات هميشه ڪليل رهندي ۽ بگاڙ ڪان ان جي دامن هميشه بچي رهندي. هڪڙي ڳالهه ته صاف ظاهر آهي ته جيئن ڪا ٻولي وسيع هوندي ۽ ان جا ڳالهائيندڙ گهڻا ۽ پري پري علائقن ۾ رهندڙ هوندا تيئن ئي ان جي صوتي لهجن ۽ ننڍ – ٻولين Dialects ۾ گهڻا اختلاف ٿيندا آهن، جن کي يڪجا ڪري رکڻ جي صرف هڪڙي امڪاني صورت وڃي رهي ٿي. جا آهي هڪ لچڪيدار معياري ٻوليءَ جو اختراع. جيڪا سهل ۽ آسان هجڻ ڪان علاوه سڀني ديس جي ڀاڱن ۾ آسانيءَ سان سمجهي ۽ ڳالهائي وڃي، اهائي ٻولي علمي ۽ ادبي صورت وٺي بيهي ٿي ۽ ڪتابي ۽ تعليمي زبان جو وسيلو بڻجي ٿي.

سڀ ماهر لسانيات ۽ تعليمات هڪڙو اصول تسليم ڪن ٿا. ته دنيا جون ٻوليون تبديليءَ ذريعي Complex واري حالت مان نڪري Simplification واري حالت اختيار ڪنديون وڃن پيون. ان ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ "حقيقي اضافا" به فقط اهي ئي چئي سگهبا، جيڪي ٻوليءَ ۾ آساني، سونهن ۽ معنوي وسعت جو سبب بڻيا هوندا. باقي انهيءَ تيز ڀڪيڙ کي حقيقي واڌارو ڪري تسليم ڪونه ڪبو. جنهن جي ڪري ٻولي ماڳهين هڪ جهنگل يا ٻيلي جو روپ ڌاري بيهي. ان ڪان علاوه ماهر تعليمات ۽ زباندان بناوتي سادگي Simplism يا علمي اناءَ کي ڪڏهن به ٻوليءَ جي ترقيءَ جي معاملي ۾ خاطر ۾ نه آندو آهي. اهڙيءَ طرح ٺاشو ماشو ٻول Slangs يا ٽولائي ٻولين Colloquial تي زور رکڻ سان به هڪ عام روان ۽ سهنجائي ٻوليءَ جي اسرڻ ۽ واڌاري ۾ رنڊڪون پيدا ٿي سگهن ٿيون.

طريقا رائج هئا. شاگردن جي اسڪولن توڙي استادن جي تدريسي مدرسن ۾ لساني گرامر ۽ ڪمپوزيشن باقاعده نصاب ۾ شامل هوندي هئي، پر هن وقت اها صرف نالي ماتر رهجي وئي آهي. ليڪن ان جي سکيا کي ٻه عملاً ترڪ ڪيل ٿو ڏسجي. ان ڪري ٻوليءَ جي ڄاڻ ڏينهون ڏينهن معدوم ٿيندي پئي وڃي. ائين ٻه هوندو هو جو اڳي سينئر صحافي، اخباري دفترن ۾ ملازمت ڪندڙ نون ڪارڪنن ۽ رپورٽرن جي باقاعده لکڻين جي تصحيح ڪندا هئا، جنهن ڪري ڪين ٿوري عرصي اندر لکڻ تي عبور حاصل ٿي ويندو هو. پر هن وقت هر جاءِ تي بگڙيو ته ڳهٽو آهي، پر تربيت جو ڪوبه انتظام ناهي. ورهاڱي کان اڳ اها روايت ٻه قائم هئي جو نوٽمشق شاعر، شاعريءَ جي ميدان ۾ طبع آزمائي ڪرڻ کان اڳ، ڪنهن استاد شاعر کان قوانين سکندا ۽ تربيت وٺندا هئا، ان سان ڪم از ڪم ٻوليءَ جي صحت يا معيار جو ڪونه ڪو تصور سندن ذهن ۾ چٽو ٿي ويندو هو. جديد دور جي تقاضائن مطابق هن وقت ٻوليءَ جي صحيح تعمير جي سلسلي ۾ لساني ورڪشاپ يا ٽيڪنيڪل ڪلاسز جو مستقل ادارو قائم ڪرڻ جي اهم ضرورت سمجهڻ گهرجي، جن ۾ ٻوليءَ جي استادن کان سواءِ انهن نوجوانن جي تربيت ۽ سکيا جو باقاعده انتظام ٿيندو رهي، جيڪي علم و ادب، فن ۽ صحافت جي ميدانن ۾ دلچسپي رکن يا اڳتي وڌڻ چاهين ٿا.

جديد ميڊيا ۽ نشر و اشاعت جا متعدد وسيلا جيڪي پيدا ٿي چڪا آهن، انهن تي ئي مستقبل ۾ اسان جي ٻوليءَ جي ترقيءَ جو انحصار آهي. هن وقت سنڌي تعليم، ريڊيو، ٽي وي، صحافت ۾ ٻوليءَ جي درست ادائگيءَ ۽ معيار قائم رکڻ جي سلسلي ۾ ڪوبه توجهه نٿو ڏنو وڃي. اهوئي سبب آهي جو نشر ۽ اشاعت ۾ اضافي هئڻ جي باوجود ٻه ٻوليءَ ۾ پختگي اچڻ بدران بگاڙو ٿيڻ لڳو آهي ۽ جيڪڏهن ان تي ڪچيءَ ۾ ئي توجهه نه ڏنو ويو ته اڳتي هلي ٻوليءَ جي يڪجهتيءَ کي نقصان پهچڻ جو انديشو لاحق رهندو. هڪ عام پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ جي حيثيت ۾ ٻوليءَ جون ڪيتريون ئي عام لغزشون ۽ فروگذاشتون منهنجي مطالعي ۾ اينديون رهن ٿيون. هرهڪ شعبي مان آءٌ ڪن غلطين جو فرداً فرداً هن مضمون ۾ ذڪر ڪندس.

## ريڊيو، ٽي وي تي غلط ٻوليءَ جو استعمال

ملڪ جي آزاديءَ سان سنڌي ٻوليءَ کي ريڊيو جي نشريات جو هڪ

اهم وسيلو ميسر آيو، جنهن ان جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ هڪ خاص ڪردار ادا ڪيو. ريڊيو جي نشريات بلاشڪ هڪ عام فهم، آسان ۽ سرل سنڌي ٻولي اُپارڻ ۾ معاون بني. اهڙي ٻولي جيڪا سنڌ جي هر پاڳي ۽ هر جاءِ تي ”پنهنجي زبان“ جي حيثيت ۾ سمجهي وڃڻ ۽ پسند ٿيڻ لڳي. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته گذريل ڏهاڪن کان ريڊيو جي ٻوليءَ جو معيار ڏينهون ڏينهن ڪِرندو وڃي پيو. هن وقت حيدرآباد کان علاوه ڪراچي ۽ خيرپور تان به ريڊيو جا سنڌي پروگرام هلن ٿا. ريڊيو براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن وارن کي سنڌيءَ جي اهم پوزيشن کي هميشه پيش نظر رکڻ کپي. پاڪستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جو درجو محض هڪ ڳالهائجندڙ زبان جو نه آهي. بلڪ اُها اردو زبان وانگر ئي تعليم، ادب ۽ صحافت جي ٻولي به آهي. جنهنڪري سنڌي نشريات، مقبوليت ۽ يڪجهتيءَ کان علاوه ٻوليءَ جي صحت ۽ معيار برقرار رکڻ جي سلسلي ۾ خاص توجهه جي متقاضي پڻ آهي. هتي ريڊيو جي اناؤنسرن ۽ فنڪارن جي خام ٻوليءَ ۽ سنڌ ن لهجي جي ڪن ٿورن پُر پيچ لفظن تي بحث ڪيو ويو آهي، جيڪي هو عموماً استعمال ۾ آڻيندا رهن ٿا.

ريڊيو پاڪستان تان اڪثر ٻڌڻ ۾ ايندو آهي ته ”سامعين شام جو اوهان کي فلاڻي کان ڪافي ’ٻڌرائيندا سون‘. منهنجي خيال ۾ لفظ ٻڌرائينداسون نه رڳو عجيب و غريب بناوت آهي، بلڪ گرامر جي روءِ کان بلڪل غلط آهي. جيڪڏهن ’ٻُڌڻ‘ مان ’ٻڌرائينداسون‘ ته پوءِ ’سُڻڻ‘ مان ’سڻرائينداسون‘ چوڻو پوندو. ان طرح ’چوائينداسون‘ جي جاءِ تي ’چورائينداسون‘، هارين کان هر ’هلائينداسون‘ جي عيوض ’هلرائينداسون‘، مزورن کان ڪڏ ’پرائينداسون‘ جي بدران ’پررائينداسون‘، درزيءَ کان قميص ’سُبائينداسون‘ جي بدلي ’سبرائينداسون‘، دوستن کي خط لکي ’گهرائينداسون‘ جي پاران ’گهررائينداسون‘، ٻورچين کان پلاهه ’رڌائينداسون‘ جي عوض ’رڌرائينداسون‘. اهڙيءَ طرح پڙهرائينداسون، ڪررائينداسون ۽ موڪلرائينداسون وغيره چوڻو پوندو.

هيءَ لفظي بناوت منهنجي خيال ۾ صريحاً غلط ۽ مضحڪه خيز آهي البت هڪ ٻي بناوت آهي جا البت صحيح آهي. مگر اُها به استعمال ۾ اڪثر نٿي اچي. اها آهي: ٻُڌارائينداسون، سٽارائينداسون، هلارائينداسون، وسارائينداسون، چوارائينداسون وغيره وغيره.

سونهائيندڙ ٻولي ٻه هجڻ لاءِ تيار ٿيندو؟ جيڪڏهن اسان جي رسالن ۽ اخبارن جو اصلاح نه ڪيو ويو ۽ اهي بدستور ٻوليءَ جو ائين ستياناس ڪندا رهيا ته ڪجهه عرصي بعد ٻولي کهڙي صورت اختيار ڪري بيهندي تنهن جو اندازو هرڪو اهل علم شخص آسانيءَ سان لڳائي سگهي ٿو.

هي آٿو حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي ڪن اخبارن جي سرخين جا مثال:

1. اڄ سڄو شهر بند رهيو - ڪاروباري مرڪز ۽ دڪانون ڪونه ڪليا.
لکڻ گهرجي ته: ڪاروباري مرڪز ۽ دڪان بند رهيا.

2. سانٽي ٻاڙو وٽان چار دهشتگرد هٿيارون سميت سوگها سندن وٽان ٽي ٽي پستول ۽ سائيڪلون برآمد.

صحيح هيئن ٿيندو: سانٽي ٻاڙي وٽان چار دهشتگرد هٿيارن سميت سوگها، وٽانئن ٽي ٽي پستول ۽ سائيڪلون برآمد.

3. ڇوهڙ جماليءَ ڪوڙا نوٽن جي گردش.
درست آهي: ڇوهڙ جماليءَ ۾ ڪوڙن نوٽن جي گردش.

4. ٻنون عاقل ۾ چوندون جون سرگرميون تيز.
هئڻ گهرجي: ٻني عاقل ۾، چوندن جون سرگرميون تيز.

5. ٻي ڊي وارن جا استيعفيٰ تيار آهن.
صحيح ٿيندو: ٻي ڊي وارن جون استعيفائون تيار آهن.

6. ملڪي وايومنڊل ۾ ڏوڙ ڏڪا واري صورتحال لڳي پئي آهي.
ڏوڙ ڏڪا شايد ڌماڪي خيز لاءِ استعمال ٿيل آهي، بهرحال جملو مبهم ۽ عجيب غريب لڳي ٿو.

7. دڪان مان اسلحو نڪتو يا اسلحو پڪڙيو ويو.
لکڻ گهرجي: اسلح نڪتو يا اسلح پڪڙيو ويو.

8. ڪيٽي جتوئي ۾ چانڊيو ۽ ڪوسو وچ ۾ ويڙهه.
درست ٿيندو: ڪيٽي جتوئيءَ ۾ چانڊين ۽ ڪوسن وچ ۾ ويڙهه.

ڳالهه فقط ٿورن يا ڪن جملن تائين محدود ناهي، بلڪ اهو فقط سنڌي صحافي جوئي ڪمال هوندو آهي، جو ان ۾ اهڙو مواد به لکيو ويندو آهي، جو ساري عبارت کي نئين سر بدلائڻ کان پوءِ ئي ان مان ڪو مفهوم پيدا ٿيندو آهي ورنه کي ته بلڪل ناقابل اصلاح عبارتون به هونديون آهن.

قادر مگسي ڪٿي آهي؟ (هڪ اخبار جي ايڊيٽوريل جو ٽڪرو)

ٽاچر ڪيمپن ۾ ويندڙ زندهہ اسير جيڪڏهن مرده حالت ۾ موٽندا آهن تہ پوءِ تاريخ جي عدالت ڇا ٽيندي آهي، ڇاڪاڻ تہ ملڪ تي جمهوري راڄ ڪندڙ پيپلز پارٽي، ان جي اعليٰ قيادت شهيد چيئرمين ڀٽو ۽ نٽدي وڏي ڪارڪن هن ملڪ ۾ آمراڻي راڄ دوران سڀ کان وڌيڪ غير قانوني ۽ غير عدالتي مرحلن ۽ ٽارچر ڪيمپن مان لنگهيا هئا.

مٿي عبارت کي قابل فهم بڻائڻ لاءِ هن ريت اصلاح ڪري لکڻو پوندو، جو شايد ايڊيٽر صاحب جو بہ مطلب هجي:

"ٽارچر ڪيمپن ۾ زندهہ اسيرن کي وجهي ڪين مرده صورت ۾ موٽائڻ بعد تاريخ جي عدالت جو ڪجهہ پيو ٿي فيصلو ٽيندو آهي. ان ڳالهہ جو شعور ملڪ تي جمهوري راڄ ڪندڙ پيپلز پارٽيءَ کي ضرور هوندو. جنهن جي اعليٰ قيادت شهيد چيئرمين ڀٽو سندس ننڍا وڏا ڪارڪن ملڪ ۾ آمراڻي راڄ دوران سڀ کان وڌيڪ غير قانوني ۽ غير عدالتي مرحلن ۽ ٽارچر ڪيمپن مان لنگهيا هئا."

هڪ ٻي اخبار جي مواد مان مثال:

سنڌ سرڪار جي خزاني واري کاتي جي هڪ اسسٽنٽ محمد اختر کي جونيئر هجڻ جي باوجود غير قانوني طور تي پروموشن ڪري بجيٽ سيڪشن آفيسر ڪري 17 اسڪيل ۾ رکيو ويو آهي.

منهنجي خيال ۾ مٿيون اطلاع هن ريت صحيح عبارت ۾ لکڻ گهرجي:

"خزاني واري کاتي ۾ ڪم ڪندڙ جونيئر ملازم محمد اختر کي سنڌ سرڪار غير قانوني طور تي 17 گريڊ ۾ پروموشن ڏئي اسسٽنٽ مان بجيٽ سيڪشن ۾ ريسرچ آفيسر ڪري رکيو آهي."

هاڻي سوچيو تہ جن اخبارن ۾ هڪڙي اڌ سٽ جيترو عنوان يا سرخي بہ غلط هوندي، تنهن جي باقي مواد جو ڇا حال هوندو ۽ پڙهندڙ کي ڇا پڙ پوندو هوندو! ايڊيٽوريل کي حالات جي صحيح تجزيي تي مبني هئڻ کان علاوه نهايت فڪر انگيز ۽ پرمغز هئڻ گهرجي. ان جو سارو مضمون گوهر افشاني ۽ نڪتہ شناسي سان ڀريل هئڻ گهرجي. ڇو تہ ايڊيٽوريل عام پڙهندڙن بدران پڙهيل ڪڙهيل خاص ذهين انسانن جي مطالع هيٺ ايندو آهي،

ٿاڇر ڪيمپن ۾ ويندڙ زندهہ اسير جيڪڏهن مرده حالت ۾ موٽندا آهن تہ پوءِ تاريخ جي عدالت ڇا ٿيندي آهي، ڇاڪاڻ تہ ملڪ تي جمهوري راڄ ڪندڙ پيپلز پارٽي، ان جي اعليٰ قيادت شهيد چيئرمين ڀٽو ۽ ننڍي وڏي ڪارڪن هن ملڪ ۾ آمراڻي راڄ دوران سڀ کان وڌيڪ غير قانوني ۽ غير عدالتي مرحلن ۽ ٿاڇر ڪيمپن مان لنگهيا هئا.

مٿي عبارت کي قابل فهم بڻائڻ لاءِ هن ريت اصلاح ڪري لکڻو پوندو، جو شايد ايڊيٽر صاحب جو بہ مطلب هجي:

"ٿارچر ڪيمپن ۾ زندهہ اسيرن کي وجهي کين مرده صورت ۾ موٽائڻ بعد تاريخ جي عدالت جو ڪجهہ ٻيو ئي فيصلو ٿيندو آهي. ان ڳالهہ جو شعور ملڪ تي جمهوري راڄ ڪندڙ پيپلز پارٽيءَ کي ضرور هوندو. جنهن جي اعليٰ قيادت شهيد چيئرمين ڀٽو سندس ننڍا وڏا ڪارڪن ملڪ ۾ آمراڻي راڄ دوران سڀ کان وڌيڪ غير قانوني ۽ غير عدالتي مرحلن ۽ ٿارچر ڪيمپن مان لنگهيا هئا."

هڪ ٻي اخبار جي مواد مان مثال:

سنڌ سرڪار جي خزاني واري کاتي جي هڪ اسسٽنٽ محمد اختر کي جونيئر هجڻ جي باوجود غير قانوني طور تي پروموشن ڪري بجيٽ سيڪشن آفيسر ڪري 17 اسڪيل ۾ رکيو ويو آهي.

منهنجي خيال ۾ مٿيون اطلاع هن ريت صحيح عبارت ۾ لکڻ گهرجي:

"خزاني واري کاتي ۾ ڪم ڪندڙ جونيئر ملازم محمد اختر کي سنڌ سرڪار غير قانوني طور تي 17 گريڊ ۾ پروموشن ڏئي اسسٽنٽ مان بجيٽ سيڪشن ۾ ريسرچ آفيسر ڪري رکيو آهي."

هاڻي سوچيو تہ جن اخبارن ۾ هڪڙي اڌ سٽ جيترو عنوان يا سرخي بہ غلط هوندي، تنهن جي باقي مواد جو ڇا حال هوندو ۽ پڙهندڙ کي ڇا پڙ پوندو هوندو! ايڊيٽوريل کي حالات جي صحيح تجزيي تي مبني هئڻ کان علاوه نهايت فڪر انگيز ۽ پرمغز هئڻ گهرجي. ان جو سارو مضمون گوهر افشاني ۽ نڪتہ شناسي سان ڀڏل هئڻ گهرجي. ڇو تہ ايڊيٽوريل عام پڙهندڙن بدران پڙهيل ڪڙهيل خاص ذهين انسانن جي مطالع هيٺ ايندو آهي،

جن کي هلڪڙي، بي معنيٰ ٻولي ۽ بي مغز فڪر ڪڏهن به ڪشش نه ڪري سگهندو. هن مضمون ۾ اهڙي گنجائش ناهي جو آءٌ ايڊيٽوريل جا حصا ڏئي انهن ۾ زير بحث آيل ڳالهين جي پيش بندي ڏيکاريان! جو ته منهنجو مقصد ته فقط ٻوليءَ جي غلط استعمال ٿيل مثالن ۽ انهن جي اصلاح ۽ درستگيءَ سان وابسته آهي؟

## رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندڙ سنڌي ترجما

سنڌي رسالن يا اخبارن ۾ اهڙن مضمونن جي گهڻائي هوندي آهي، جيڪي اردو يان يا وري ڪجهه انگريزيءَ تان ترجمو ٿيل هوندا آهن. خاص ڪري نوان لکندڙ جن کي ان ڪم جي پوري ڄاڻ نه هوندي آهي پر فقط نالي جي شوق ۾ لکڻ لڳندا آهن. اخباري ادارن ۾ ترجمي جو ڪم وري سيڪڙاٽن جي حوالي هوندو آهي، جيڪي اهڙي صلاحيت کان ڪورا هوندا آهن. اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي ته مديرن کي جهڙي صورت ۾ لکيتيون ٻاهران رسن ٿيون سي بغير تصحيح ڪرڻ جي جيئنءَ جو تيئنءَ شايع ڪريو ڇڏين ۽ ڪوبه هڪ معيار قائم رکڻ جي ڪوشش نٿا ڪن! مون کي "نئين قدرين" جي ايڊيٽر مرحوم اختر انصاري اڪبر آبادي ٻڌايو هو ته ڪيس نؤمشق اديبن جون تحريرون، شعر ۽ ڪهاڻيون ته ڪڏهن ڪڏهن سڄيون ئي نئين سر لکڻيون پونديون آهن، پر ان مان ايترو فائدو ٿيندو آهي جو رفته رفته نون اديبن جي تحريرن ۾ گهڻي ۾ گهڻي صفائي ۽ پختگي اچي ويندي آهي. ليڪن اسان وٽ قصو الٽو آهي. هيٺ مختلف اخبارن مان به مثال نقل ڪريان ٿو. پهريون اردوءَ تان ترجمو ٿيل آهي ۽ ٻيو وري انگريزيءَ جو ترجمو آهي.

"رياست جو ڏوڪو ڪاڏل باز رٽائرڊ ايئرمارشل اصغر خان هن ڪراڙپ ۾ بينظير جي در تي ويهي تنهنجو الله ئي ڀلو ڪندو جون دعائون ڏيندو رهي ٿو، جڏهن هو فضا جي بلندين کان پنهنجي شهرت جي پيراشوٽ جي سهاري سياست جي پستي ۾ لهندو هو ته ڪافي جوان جماڻ هوندا هئا. نين امنگن ۽ سياسي ترنگن سان تربيتي جهازن جي پيچ سان ٻڌجي ڦوڪڻي جيان ڦوڪجي. ٻاويهن سالن جي سياسي مشقت ۽ مارڪٽ هن جي سڄي ٽين ٽين ڪيي ڇڏي آهي. سترهن سالن جي عمر ۾ ٻاويهن سالن جي بينظير جي در تي اچي

ويٺو آهي. هو واحد سياسي اڪيلو اصغر خان آهي، جنهن جو سياسي رسي هن جي پٺ جي هٿ ۾ آهي، جيڏانهن هو اشارو ڪندو آهي، اصغر خان ورڻ ويندو آهي، هن جي اشاري جي مار ڪانئي ڪائي وزيراعظم جي اميدوار مان ڦري اڪوٺي وزيراعظم جو دعاڳو ٿيڻجي ويو آهي!"

ان مثالي ٽڪري مان فقط اهائي ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته "مشهور سياسي شخصيتون" جي اردو ڪتاب جي مضمون جو سنڌيءَ ۾ اهڙو ته حليو بگاڙيو ويو آهي، جو ان جو سرُ ٿيو آهي ۽ نه وري منهن!

انگريزيءَ ۾ ڇپيل هڪ سياسي مضمون "Benazir may single out its for stature coup." جو به سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪنهن رسالي ۾ شايع ٿيو هو. ان مان هڪ ٽڪرو مثال طور هيٺ ڏجي ٿو:

"هوءَ آءِ ايس آءِ کي اڪيلو ڪري، صدر ملٽري ۽ آمريڪا کي سندس حڪومت ڊاهن کان جدا ڪرڻ چاهي ٿي. پاڪستان ۾ تازو وزارت اعظميٰ تان لاٿل محترمه بينظير ڀٽو اها پاليسي اختيار ڪئي آهي ته اها آئيني بغاوت لاءِ ذميوار ڏئي، آءِ ايس آءِ کي اڪيلو ڪري ڇڏي ۽ پنهنجو پاڻ کي توڙي پنهنجي پارٽيءَ جي ماٺهنڪي مٿن لڳل بدعنوانين جي الزامن کان بچائي."

وَر وَر ڪري پڙهو ۽ ٻڌايو ته اچي ٿي ڪا ڳالهه سمجهه ۾. ترجمو نه ٿيو اصل گلوءَ وارا ڪوڙا پيچيا ويا آهن!

هڪ مزيداري ٿي جو لينو ٽائيپ اليڪٽران ٽائيپ رائيٽر ڪمپنيءَ پاران سنڌي اخبارن ۾ اشتهار ڇپيو هو، جيڪو ساڳيو انگريزي اخبارن ۾ پڻ آيو هو. اشتهار جو پورو متن ته مون وٽ ناهي. مگر ڪجهه هن ريت هو.

"اسان جي مشهور عالم مونو ٽائيپ ڪمپني رومن الفابيٽ کان علاوه نان لٽن ٻولين ۾ به ٽائيپ رائيٽر ٺاهڻ ڏانهن توجه ڏيندي رهي آهي ۽ ان سلسلي ۾ سنڌي زبان ۾ ٽائيپ رائيٽر ٺاهڻ جو پڻ اعزاز حاصل ڪيو آهي. (ياد رهڻ کپي ته نان لٽن ٻولين مان مطلب آهي ٻوليون آهن، جن جو رسم الخط رومن اکرن کان جداگانه نوعيت جو آهي.)

ليڪن سنڌي زبان ۾ ساڳي اشتهار جو جيڪو ترجمو ڇپيو، تنهن ۾ هيٺين انداز سان لکيل هو: "مونو ٽائيپ ڪمپني هن کان اڳي غير ضروري

ٻولين ۾ ٽائيپ رائيٽر ڏانهن ڌيان ڏئي رهي آهي ۽ هاڻي سنڌي ٻوليءَ ۾ ٽائيپ رائيٽر ٺاهڻ جو ڪريڊٽ حاصل ڪيو اٿس!"

اهو آٿوَ سنڌي مترجم جو ڪمال! جو مونو ٽائيپ ڪمپني وارن کي غير ضروري ٻولين ۾ ٽائيپ رائيٽر ٺاهڻ جو ڪريڊٽ ڏئي ڇڏيائين. خبر ناهي ته ڪمپني جي ڪار پردازن کي پنهنجي ترجمي جي اصليت جي خبر پئجي سگهي يا نه؟ نه ته مترجم صاحب ۽ اخبار وارن کي شايد ڪمپنيءَ جي شهريت خراب ڪرڻ جهڙي ڪيس سان منهن ڏيڻو پئجي وڃي ها!

ٽي وي، ريڊيو، اخبارون ۽ رسالا، جن کي ٻوليءَ ۾ ادبي معيار جو نمونو هئڻ گهرجي، سي غلطين جا گهر بڻجي ويا آهن. اڪثر شاعر بهار، سنڌيءَ ۾ جيڪو مذڪر آهي. تنهن کي مونث ۽ موسم جيڪا مونث آهي تنهن کي مذڪر لکن ٿا. ٻيو ته ٺهيو مگر اردوءَ جي تقليد ۾ ڪي صاحب ترجمو لکڻ وقت دل کي به مونث بجاءِ مذڪر ڪري لکن ٿا. مثلاً: "هن جو دل مضبوط هو" ۽ "منهنجو دل لوهه جو آهي" يا "هن جو دل ڪونه لڳو" وغيره وغيره ۽ هاڻي ته نوجوان نسل جي ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ به اهي بدعتون شامل ٿينديون وڃن. اهو وقت جو آلارم سمجهڻ گهرجي ته اگر تعليم تدريس، لکڻ پڙهڻ ۽ مؤثر ميڊيائن ۾ ٻولي سيکارڻ طرف هينئر کان پورو توجه نه ڏنو ويو ته ايتريقدر ته بگاڙو وڌي ويندو جو مستقبل ۾ ان جي ڪا به مستحڪم صورت ڪانه وڃي بچندي.

تذڪير ۽ تانيث ۾ تمام گهڻو غلطين جو رواج وڌندو وڃي پيو. عام ماڻهن کان علاوه ٽي وي جي ڪمپيئرز ۽ ريڊيو جي اناؤنسر صاحبان کي به بعض اوقات ڪن لفظن جو غلط استعمال ڪندي ٻڌڻ ۾ آيو آهي. مثلاً:

غزل کي غزلون
داستان کي داستانون
نظم کي نظمون
۽ ڪتاب کي ڪتابون وغيره وغيره.

اهڙي ڪچي ٻوليءَ کي فنڪارن، اديبن ۽ شاعرن لاءِ هرگز مناسب قرار نٿو ڏئي سگهجي. اصل انگريزي زبان ۾ لفظن جا آخري اکر ساڪن ڪري ڳالهايا ويندا آهن. سنڌي ماڻهو وري پنهنجي ٻوليءَ ۾ انهن کي هلڪي زبر جي آواز سان اچاريندو آهي. ان ڪري اهڙن لفظن کي مونث طور ڳالهائڻ

۽ لکڻ جو رواج شروع ڪان اسان وٽ هو. البت جن لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ پيش جو زور اچي ٿو، تن کي هميشه ڪان مذڪر طور اچاريو ويندو آهي.
جيئن سنڌي ٻوليءَ جي عام قاعدي ۾ آهي:
مثلاً مونث ۾ ڳالهائجندڙ لفظ:

ٽڪيٽ — ٽڪيٽون
سئنيما — سئنيمائون
هوٽل — هوٽلون
بجيٽ — بجيٽون
اسمبلي — اسيمبليون
ميچ — ميچون
بينچ — بينچون
بينڪ — بينڪون

يا مذڪر طور وري هي لفظ استعمال ۾ اچن ٿا:

اسڪولُ — اسڪولَ
ووٽُ — ووٽَ
نوٽُ — نوٽَ
ڪوٽُ — ڪوٽَ
بالُ — بالَ
گلاسُ — گلاسَ
هالُ — هالَ
ڪلاسُ — ڪلاسَ

پر هينئر مضمونن مقالن يا وري ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ گهڻو ڦيرو آيل آهي، جنهن ڪي ڪنهن حد تائين ته اسين صرف ڦِنارو ئي چئي سگهنداسون. منهنجي استدا آهي ته اسان جي استادن ۽ ٻوليءَجي ماهرن کي گرامر جي روءِ ڪان، هڪ قاعدي ڪلبي تي ويچارڻ ڪپي، جنهن تي ٻوليءَ جي يڪجهتي سلامتي ۽ روانيءَ جو دارومدار قائم رهي سگهي.

## ننڍ - ٻولين جو استعمال

سنڌي ٻوليءَ جا وهڪرا، اصل ۾، لاڙي، اترادي، وچولي، ساهتي، ٿريلي، ڪوهستاني ۽ ڪڇي ننڍ - ٻوليون آهن. اهي ئي اصل ٻولين جا محاورا Dialects آهن، جيڪي مرڪزي يا علمي سنڌي زبان ۾ پيراءِ پيدا ڪن ٿيون ۽ ان جي اثردار وجود کي قائم رکڻ جو سبب بڻجن ٿيون. پر خبر ناهي تہ جڏهن اسين علمي ادبي زبان ۾ معياري سنڌي ٻوليءَ جو ذڪر ڪريون ٿا، تہ ان تي خبر ناهي ڇو ٿو منهن گهنجايو وڃي؟ يا ان کي ٻين محاورن جي گهٽتائي ڇو ٿو محسوس ڪيو وڃي؟ دنيا جي ٻين ٻولين جي دستور مطابق سنڌي ٻوليءَ کي بہ اصطلاح ۽ الفاظ تہ ضروري طور تي پنهنجين پيراءُ ڪندڙ شاخن مان ئي ولڻا آهن پر حجت صرف اها آهي تہ انهن کي استعمال ڪندي سنڌي ٻوليءَ جي يونيفارمٽيءَ کي ڪنهن بہ طور تي نظر انداز ڪرڻ نٿو جڳائي. هر طرف اصطلاح ۽ لفظ کي سنڌي ٻوليءَ جي معياري جملائي ترڪيب ۾ لکجي جيئن هر طرف ۽ علائقي جو باشندو آسانيءَ سان ٻولي سمجهي. ان کي پنهنجو تصور ڪري ۽ ان ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ ۽ لکڻ تي فخر محسوس ڪرڻ لڳي. هن وقت سنڌيءَ جي واحد صورت بگڙجندي پئي وڃي. هڪ ئي رسالي يا اخبار جي مضمونن ۾ هڪڙي لفظ جون مختلف صورتون نظر اينديون. مثلاً: هيو، هيا، هو - هئا هوا، هو - هئو وغيره وغيره ضميري استعمال تہ ڪاٻہ صحيح تميز نہ رهي آهي. مثلاً: سندس، سندن، وٽس - وٽن، وٽائن، ڪيس - ڪين، ڪائنس وغيره وغيره. جهڙن لفظن جو استعمال مفهوم جي بيان ۾ سنهنجائي ۽ سترائي جي علامت آهي، اهڙن لفظن کي ضرورت مطابق استعمال ترڪ ڪري اردوءَ جي تقليد ۾ ساڳي عبارت ۾ هڪ ڪان وڌيڪ هن کي هن ڪان هٿ جو لفظن کي هر هر ورجايو وڃي ٿو. اردوءَ جي ماهيت سان تہ اهو ٺهڪندڙ آهي جو انهن وٽ اهڙا اختصاري ضمير ناهن پر سنڌي اظهار بيان ۾ اهو اجائي ڦير ۽ ٻڌائي جو سبب بڻجي ٿو!

ٻيو تہ اڪثر مضمونن ۽ ڪن اخبارن جا ايڊيٽر صاحبان بہ پنهنجين تحريرن ۾ ٻوليءَ جو لحاظ نٿا رکن. هو معياري انداز اختيار ڪرڻ بدران بلا امتياز مقامي ترڪيبن کي عام ڄام استعمال ڪري هڪ مستعمل ۽ عام اصول کان روگرداني ڪندا رهن ٿا. مثلاً: هيٺيون عبارتون ۽ جملا معياري يا

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ”اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، پاڇوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌائڻ، ويجهو آڻڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پوءِ بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽَر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)